
سوجهرو
سينگاريندڙ
ج.ع.منگهاڻي
مدد سنڌي
شيام ڪمار
جهان آرا سومرو
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
ساحر راهو
حسين جاگيراڻي
نصير مرزا
مختيار ملڪ
مختيار ابڙو
امتياز منگي
اعجاز علي خواجه
حسين بخش ناريجو
عاشق منگي
سيّد سراج
زيب سنڌي
حنيف عاطر
عنايت لغاري
غلام مصطفى سولنگي
عبدالحق قريشي
منصور پرڙو
تاج بلوچ
ڊاڪٽر شير مهراڻي
۽ ٻيا
عبدالقادر منگي- ڪارنر
سالگره مبارڪ
188

سال:15. شمارو:188. قيمت:50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

سنڌي ٻولي قومي ٻولي

# وچور

ٿچ مي پليز... تاج بلوچ

**نقط نظر:**

تخليق ۾ ادبي عدل... مختيار ابڙو

بيدل جي شاعريءَ ۾ جماليات.. مصطفيٰ سولنگي



**عبدالقادر منگي ڪارنر:**

انڪار جي جرئت جو مالڪ (انٽرويو)...
*مختيار ابڙو، تاج بلوچ ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي*

اهڙا سيڻ سڌير... ج.ع.منگهاڻي

ڪنهن جنهن لڌا نينهن..... مدد علي سنڌي

ادبي ۽ ثقافتي سفير... مختيار ملڪ

سا رات وسارڻ جوڳي ناهي... اعجاز علي خواجه

نگري نگري ڦريو مسافر... امتياز منگي

ڳڻائتو ماڻهو... مقصود گل

ذهين 'ٻچل' منگي.... منظور سومرو

محبتن ۽ خدمتن جو سنگم... عاشق منگي

ڀلو ماڻهو... حسين بخش ناريجو

خوبصورت انسان... نصير مرزا

**سنڌ ڀيهر گڙ موڙيا:**

حُر گوريلا جنگ (19)... سائين رکيو

**ناول:**

اسٽيل جا پنج گلاس (18)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**آتم ڪٿا:**

پاتم جهاتي جهان ۾ (38)... شيام ڪمار

**ڪهاڻي:**

لُٽ جو مال.... جهان آرا سومرو

ڪانگهارو.... عنايت لغاري

خالي آسامي.... عبدالحق قريشي

باگڙي پيار... منصور ٻرڙو

**بيت/وائي/نثري نظم:**

قادر سيال، مظفر ميمڻ، زيب سنڌي ۽ علڊ ڪاظمي

**غزل:**

ساحر راهو، حنيف عاطر، حسين جاگيراڻي، سيد سراج، اداسي جکراڻي، گل خاصخيلي

**جي مارن مون ڏي موڪليا:**

منور ڪيهر، رياض بلوچ، فوزيہ ناز ۽ سيّد سراج.

## ٿچ مي پليز...

سنڌ، دنيا جو اهڙو خطو آهي، جتي سونهن ۽ سرهاڻ جي بي انت جلون جو جهان موجود آهي. هر منڊ ۽ هر حال ۾. ڪنهن بہ عنوان هيٺ، سنڌ ڌرتي ۽ انجي ماڻهن، فصلن، گلن-ٻوٽن، ٻٽن، ٽڪرين، ماضيءَ جي جهونن ماڳ مڪانن جو ذڪر ڇيڙبو تہ دل جي دنيا هڪ وڏي خوشي ۽ آسيس جي بي پناھ احساسن سان ٽمٽار ٿي ويندي.

اسانجي ماضي جي اڳواڻن، ورهاڱي جي عذاب ۽ اٿهوند واري صورتحال ۾، ڪرڪنا ٿيل ديس جي ٻيهر اڏاوت ۾ پنهنجو رت-ست ۽ سمورا وسيلا ڪتب آڻي، زندگيءَ جي سمورن شعبن جي ٻيهر جوڙجڪ ڪئي. ۽ سنڌ جي اصلي اوج کي ٻيهر بحال ڪرڻ لاءِ، سوين ڏکيائين ۽ مصيبتن کي منهن ڏنو. ادارا ٺاهيا. ادارن ۾ معقول ۽ اڪابر ماڻهن کي مقرر ڪيو. تهذيب ۽ سنڌي تمدن جي پراڻن قدرن کي جيارڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا. ڪڪ مان لڪ ٺاهڻ جي سلسلي ۾، سنڌ جي سرواڻن، تعليم، ادب، ڪلچر، ٻولي، اخلاقيات، صحافت، سياست ۽ ٻين مختلف شعبن ۾ بنيادي ۽ زبردست خلوص ۽ پنهنجائپ وارو ڪردار ادا ڪيو. ۽ سنڌ جي ايندڙ نسلن جي زندگي جي هڙني شعبن ۾، ڪم ڪرڻ لاءِ آپاريو ۽ سڀاويڪ نتيجا حاصل ڪرڻ جا بنياد پيدا ڪيا.

پر سنڌ خطي جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي اسٽرڪچر کي خاص حڪمت عملي ذريعي ۽ عام ماڻهن جي متيرائي لاءِ، سنڌي ڪامورا شاهي جو ڪردار، ڪو خاص ڳڻائڻ جوڳو ناهي. سنڌ جي بيوروڪريسي (ڪجھ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪامورن کي ڇڏي) سنڌ ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيترن ئي گنجريل مامرن کي وڏيڪ پيچيدو بڻائي سنڌي ماڻهن لاءِ زندگي عذاب بڻائي ڇڏي. پاڪستان لاءِ آپٽ ڪري ايندڙ ڊي.ايم گروپ جي ڪامورن تعليم، صحت، روينيو، اڪائونٽس سروس، ٻيهر آبادڪاري، پوليس، آبپاشي، ادبي ادارن، ثقافتي ماڳن جي سارسنڀار نہ لڌي، اوپري ڪلچر کي هٿي ڏني ۽ اڳوڻي اتساھ کي مٺل ويساھ عطا ڪيو. ۽ ان سان گڏوگڏ ايڪيهين صدي جي شروع ٿيڻ سان بيوروڪريسي اوچتو ئي اوچتو نسري پيل بدعنواني ۽ نيپوٽزم کي هٿي ڏيئي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ جيئڻ محال ڪيو ويو. سنڌ جي سمورن شعبن ۾ ڦيرو آڻڻ لاءِ ڪا انقلابي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ بدران ان کي مختلف نوعيت جي پيچيدگين ۾ اڙائي ڇڏيو. ۽ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ خراب صورتحال پيدا ڪرڻ وارين حالتن ۽ سببن کي وائڪو ڪرڻ بدران سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪري سنڌ ۽ سنڌين جا حق ڦريا ويا. ۽ مٿان ڪان سنڌ دشمنن، لساني گروهن ۽ سنڌ جي مال تي ڌاڙو هڻڻ وارن سان گڏجي سنڌ کي ٻنهي هٿن سان ڦريو. ۽ عام سنڌي ماڻهن جا بنيادي ۽ فطري حق غصب ڪيا ويا. ان منظرنامي ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ڪامورن ۾ اسانجي محترم دوست، عبدالقادر منگيءَ جو نالو سرفهرست آهي. جنهن سرڪاري نوڪري ڪندي سنڌي ٻولي، ڪلچر، سنڌ جي مشاهير، قديم آثارن ۽ تهذيبي سلسلن کي سنڀاريو، ٺاهيو ۽ ايندڙن لاءِ نئون ۽ بي ڊپو گس همور ڪري ڏنو.

خوبصورت، دراز قد، جهيڻي لهجي ۾ مٺا ٻول ٻوليندڙ، عبدالقادر منگي، سنڌ جي ميراث آهي. ڏاڍو وڏو ۽ بردبار ماڻهو. پيار ڪندڙ ماڻهو.

26 نومبر منگي صاحب جي جنم جو ڏينهن آهي. اسين، سندس جنم ڏينهن تي سوجهرو جي ڪارنر ڏيئي کي قدر پاڻ کي سرخرو سمجهون ٿا.

**تاج بلوچ**

0300
0313
0332
9288496
monthlysojhro@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
اعزازي ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7
گل هائوسز، گلستان جوهر ڪراچي.

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

قالو بلا

# تخليق ۽ ادبي عدل...



مختيار ابڙو

## ناول نگار جو تعارف

رسول ميمڻ سنڌي ادب جو هڪ ڄاتل سڃاتل نالو آهي. هو هڪ سٺو ناول نگار ۽ منفرد ڪهاڻي ڪار آهي. هن جي لکڻين جو انداز ۽ اسلوب الڳ ۽ هن جو پنهنجو آهي. هن جي لکڻين ۾ سماجي مسئلا جا اولڙا نظر اچن ٿا. هن جو ڪردار روئيندي ۽ کلندي نظر اچن ٿا . پر ڪي اهڙا ڪردار بہ ملن ٿا. جيڪي مختلف روپ مٽائڻ جي شڪتي رکن ٿا. اهڙا ڪردار ڪڏهن جُهڙ کي پر بنائي آسمانن جو سير ڪن ٿا. تہ ڪڏهن تاڙي هٽڻ سان پکي ٿي وڃن ٿا. جيڪي هڪ عالم کان ٻئي عالم تائين پهچن ٿا. رسو ل ميمڻ جو تازو ناول ’ قالوبلا‘ 2013ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي گذريل دستوري گڏجاڻي ۾ قالوبلا تي تنقيدي ويهڪ رکي وئي هئي. ان ۾ محترم رسول ميمڻ، محترم تاج بلوچ، عبدالغفار تبسم ، خليل انصاري، عبدالباري منگي ۽ مون سميت ٻين دوستن بہ شرڪت ڪئي هئي. آئون ناول پڙهي نہ سگهيو هيس. تنهنڪري ناول تي ڳالهائڻ کان قاصر رهيو هوس. پر مون سنگت ۾ واعدو ڪيو هو تہ نہ صرف ناول پڙهندس پر ان تي ڪجهہ لکي بہ ايندم. مون ناول پڙهيو ۽ ان تي ڪجهہ لکيو آهي.

آئون ڄاڻي واڻي تنقيد جو لفظ استعمال ناهي ڪيو ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ دوست تنقيد کي صرف خامين جو بيان سمجهندا آهن. حالانڪہ تنقيد جي معنيٰ آهي تہ ڪنهن بہ ادبي تخليق جي خوبين ۽ خامين کي بيان ڪري پوءِ پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ. ان سان ادب جي خدمت ٿئي ٿي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ڪجهہ دوست تنقيد کي اشتهاري بنائي ذاتي حملا ڪندا آهن جنهن ڪري ڪوبہ اديب تنقيد جي لفظ ٻڌڻ سان ڇرڪي پوندو آهي. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ ادبي تنقيد جي اصولن کي سامهون رکي قالوبلا جي خوبين ۽ خامين کي سامهون آڻيان تہ جيئن ناول نگار جي جائز اصلاح ۽ ڪيس ميڄتا ملي سگهي. ادبي تنقيد دوران مون جيڪي ناول جون خوبيون ۽ خاميون بيان ڪيون آهن ۽ جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي. اها پٿر تي لڪير نہ آهي. هر هڪ نقاد پنهنجي نقطہ نظر کان ناول تي راءِ قائم ڪري سگهي ٿو.

## پلاٽ

قالوبلا سريئلزم جي نظرئي تحت لکيل هڪ سٺو ناول آهي. سريئلزم هڪ اهڙي ادبي تحريڪ آهي جنهن ۾ هڪ اديب منطق جي خلاف ادب تخليق ڪري سگهي ٿو. رسول ميمڻ جو هي ناول ظاهري طور تي منطق جي خلاف آهي. پر ان جي باوجود هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ سٺو اضافو آهي. قالوبلا جو پلاٽ بنيادي طور ”انڪار“ آهي. جنهن کي محبت ۽ تاريخ جي سهاري سان اڳتي وڌائي مڪملِ ڪيو ويو آهي. حالانڪہ جڏهن قالوبلا جا لفظ ذهن تي تَري اچن ٿا تہ پڙهندڙن جو ڌيان هڪدم ان وچن ڏانهن وڃي ٿو جيڪو روحن پنهنجي رب سان ارواح عالم ۾ ڪيو هو. خلقڻهار جڏهن سڀئي روح خلقي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيا هئا تڏهن ڪائنن پڇيو هئائين، ”الست بربڪم ؟- ڪير آهي توهان جو رب“ تڏهن سڀني روحن اقرار ڪيو هو، ”قالو بلا- تون ئي آهين اسانجو رب.“ پر رسول ميمڻ جي ناول جو پلاٽ اقرار نہ، انڪار آهي. انڪار جيڪو ڪلمي طيب جي پهرين جز ”لااله“ ۾ آهي. طيب ڪلمو بہ ڪيڏو نہ خوبصورت آهي ۽ ڪيڏي نہ منجهس معنيٰ ۽ فلسفو سمايل آهي. پهرين جز ۾ انڪار معنيٰ هڙني خدائن جو انڪار. ٻئي جز ۾ اقرار صرف هڪ خدا جو اقرار ۽ ٽئين جز ۾ گواهي تہ بيشڪ محمد ﷺ ان جو رسول آهي.

تاريخ ۾ ڪوڙا سارا اهڙا ڪردار ملندا جيڪي ڪلمي طيب جي پهرين جز جي سحر ۾ ڦاٿا تہ اڳتي وڌي ئي نہ سگهيا. ٻئي ۽ ٽين حصي جي سمجهڻ جي سگهہ سوين سال روشني جي رفتار سان سفر طئي ڪيل مفاصلي کان بہ پري هين. اصل ۾ اقرار ۽ انڪار جو سلسلو اڄ جو ناهي. انسان جڏهن کان وجود ۾ آيو آهي تڏهن کان اقرار ۽ انڪار ڪندو رهيو آهي. بنيادي طور تي ڪائنات جا پراسرار سوال ئي اهي رهيا آهن تہ هي دنيا ڪيئن وجود ۾ آئي ۽ ان جو انجام ڇا ٿيندو؟ ڪائنات کي خلقيندڙ ڪير آهي؟ زندگي ڇا آهي؟ موت ڇا آهي؟ ڇا ڪا اهڙي قوت آهي جيڪا هن سڄي نظام کي هلائي رهي آهي؟ وغيره وغيره. انسانن انهي سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ اڻٿڪ جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان وٽ عقل آهي ۽ عقل انسان کي ٻين مخلوقن کان مٿاهون ڪري ٿو. انسانن جڏهن عقل ذريعي انهن سوالن جا جواب تلاش ڪيا تہ فلسفو وجود ۾ اچي ويو. جڏهن پنجن حواسن ذريعي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سائنس سامهون اچي وئي. جڏهن پنجن حواسن مان نڪري ڇهين حواس جو سهارو ورتي ٿاڦوڙا هڻڻ لڳو تہ وجدان جو علم وجود ۾ اچي ويو. پر افسوس تہ ايڏي جستجو ڪرڻ ڪانپوءِ بہ انهن سوالن جا جواب اڄ بہ سواليہ نشان آهن.

هڪڙو فيلسوف ٻئي فيلسوف جي نظرئي کي رد ڪري ٿو. هڪڙن چيو، ”انسان مٽي ۽ باهہ مان پيدا ٿيل آهي.“ ٻين چيو، ”انسان هوا ۽ مٽي مان ٺهيل آهي.“ هڪڙن چيو، ”انسان جو وجود آهي ئي ڪونہ.“ هي سڀ خيال آهن.

چوٿين چيو، ”انسان پاڻ خدا آهي.“ وري ڪن ائين بہ چيو، ”مرڻ ڪانپوءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.“ فيثا غورث چيو، ”مرڻ ڪانپوءِ وري روح جنم وٺن ٿا.“

مطلب تہ ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو.

سائنسدانن ۾ مختلف نظريا. هڪڙن ڪائنات کي پيدا ڪندڙ ’خدا جو تصور‘ ڏنو. پر ان تصور تحت انهن جو خدا هڪ محدود خدا آهي. تہ وري ٻين سِري ڪائنئي خدا جي تصور کي رد ڪري ڇڏيو. هڪڙن چيو، ”چنڊ تارن جو خدا الڳ آهي.“ جنهن کي وري نيوٽن مڃڻ کان انڪار ڪندي چيو، ”چنڊ تارن کي ڪابہ هستي نٿي هلائي. پر اهي پاڻ هڪ نظام تحت هلن ٿا.“ نيوٽن جي ٿيوري کي آئن اسٽائين، ’اسپيشل ٿيوري آف رليٽوٽي‘ سان رد ڪري ڇڏيو. ساڳئي ريت شروع ۾ سائنسدانن ٻڌايو، ”ائٽم مادي جو سڀ کان ننڍڙو ذرو آهي جنهن کي وڌيڪ ٽوڙي نٿو سگهجي.“ پر هاڻي چيو وڃي ٿو، ”ائٽم کي وڌيڪ ننڍڙن حصن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو.“

اهڙو ئي حال وجداني ولين جو آهي. هڪڙي ولي وٽ هڪڙي ڳالهہ منڪشف ٿئي ٿي. تہ وري ٻئي ولي وٽ ٻي. ولين جي وجداني علم ۾ بہ ڀانت ڀانت جون ڳالهيون ٿينديون رهيون آهن. وجداني علم جا ولي بہ هڪ ڳالهہ تي متفق ناهن رهيا. هڪ ولي کي وجدان ٿيو، ”هر هڪ شئي ۾ پاڻ الله آهي.“ ٻئي ولي چيو، ”مان پاڻ الله آهيان.“ ٽئين چيو، ”الله منهنجي محبوب ۾ آهي.“

ٻيو علم جنهن ذريعي انهن سوالن جا جواب ملن ٿا. اهو وحي وارو آهي. وحي الله تعاليٰ پنهنجي رسولن تي لاٿو. جيڪي حضرت آدم عليہ السلام کان وٺندي حضرت محمد ﷺ تائين هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبرن تي نازل ٿيندا رهيا. انهي علم کي دنيا جو ڪوبہ علم ٺوس بنيادن تي رد ناهي ڪري سگهيو. سائنس وارو علم ڏينهون ڏينهن وحي واري علم کي ويجهو ٿيندي نظر اچي پيو.

پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هر ماڻهو کي حق حاصل آهي تہ هو ڪهڙو نظريو اختيار ڪري ٿو. رسول ميمڻ انهي حق کي استعمال ڪندي پنهنجي ناول جو پلاٽ ”انڪار“ چونڊيو آهي. حالانڪہ انڪار وارو پلاٽ ڪيترن ئي ليکڪن کنيو آهي ان تي ادب بہ سرجيو ويو

آهي. انگريزي ادب جي هڪ وڏي ناليِ برناڊشا به پنهنجي ناول، ”بليڪ گرل اِن سرچ آف گاڊ“ ۾ ساڳيو پلاٽ کنيو آهي. علامه آءِ آءِ قاضي انهي انڪار واري ناول جو جواب، ”برائون گرل اِن سرچ آف گاڊ“ ۾ ڏنو آهي. ان کان علاوه الائي ڪيترين انگريزي ۽ هندي فلمون انهي پلاٽ تي ٺاهيون ويون آهن.

ويجهڙائي ۾ انگريزي ادب جو هڪ بهترين ناول، ”ٽائيم مشين“ ساڳئي پلاٽ تي لکيو ويو آهي. جنهن تي بعد ۾ هڪ فلم به ٺاهي وئي آهي. لڳي ٿو ته رسول ميمڻ انهي ناول جو ڇڻ الٿو ڪيو آهي. ٽائيم مشين ۾ هڪ ڪردار موت کي ٽارڻ لاءِ دنيا جي هر ديوي، ديوتا، ڏاهي ۽ فيلسوف وٽ وڃي ٿو. اهو ڪردار ديوي ۽ ديوتائن تائين پهچڻ لاءِ ٽائيم مشين ايجاد ڪري ٿو ۽ ان مشين ۾ ماضي جو ٽائيم سيٽ ڪري پوئتي ماضيءَ ڏي هليو وڃي ٿو ۽ اهڙن ڪردارن سان ملي ٿو.

لڳ ڀڳ ساڳيو خيال رسول ميمڻ پنهنجي ناول ۾ بيان ڪيو آهي. هاڻي رسول ميمڻ جي ناول جو هڪ ٽڪرو پڙهو جنهن مان هن جي پلاٽ جي خبر پوي ٿي،

وارث ۽ عرشنا قالو بلا جا ٻه مرڪزي ڪردار آهن. جيڪي هڪٻئي جي محبت ۾ فنا ٿيل آهن. عرشنا ناسور جي بيماري ۾ جڪڙيل آهي. اجل عرشنا کي مٽيءَ ۾ ملائي مٽي ڪرڻ چاهي ٿو. وارث لاءِ عرشنا جي جدائي جو تصور سڪرات ۾ تن جي تونس برابر آهي. جنهن ۾ سڄو سمنڊ پي وڃڻ ڪانپوءِ به اڃ باقي رهي ٿي. وارث عرشنا کي بچائڻ لاءِ تاريخ جو سفرطئي ڪري ڪائنات جي هر ڏاهي، فيلسوف، حڪمران، فلنح حڪم ولي، ديوي ديوتا، پير ۽ پيغمبرن وٽ وڃي ٿو. ۽ ڪانئن عرشنا جي مرض جي شفا گهري ٿو پر ڪوبه عرشنا کي شفا نه ٿو ڏي. پوءِ وارث خود خدا وٽ وڃي ٿو ۽ آواز ڏي ٿو،

’ڪٿي آهين. پولارن ۾ رهندڙ ماٺ جا سرجڻهار عين کان اوجهل لا اين. هاهوت ۾ ويٺل لاهوت جي لامڪان جا خدشا ۽ اڻ ڏٺل امڪان خدشن مان خلقيل تمنائن جا تخليقڪار. تنهنجو اوجارو ڪائنات جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهي؟ جلون جو جهان ڪٿي آهي؟ تجلي ڪٿي چمڪي تنهنجي چهري کي عيان ڪري ٿي؟

*”... انبيائن ۽ اوليائن جي ڪلهي تان ٿيندو هتي پهتو آهيان... سڏ ڏي ۽ ٻڌ عرشنا لا علاج آهي... اي شفا ڏيندڙ حياتيءَ جي باغ جا مالهي. ان لپٽيل پالڻهار... عرشنا کي حياتي ڏي ۽ زندگي سان همڪنار ڪر.“*

وارث جو آواز خلائن جي خول ۾ پڪي جيان پرهڻي رهيو هو. آواز آزاد نه هو. وارث اڻ ڏٺل کي ڏسڻ لاءِ وانجهائيندو رهيو. اتي ڪجهه به نه هو.

*”لا“ مان انڪار جو آواز اڇي رهيو هو. سڀ ”لا“ هو. ”لا“ مان اٿيل چار ۽ چار جي هر تند ۾ ماٺ تارا ڦوٽاري ويٺل هئي. وارث بي خودي مان چيو، ’لا‘ عرشنا ساڳيو لفظ اچاريو، ’الا له.‘*

۽ پوءِ عرشنا مري وئي ٿي.

ناول جو پلاٽ ٽائيم مشين تان کنيو ويو هجي يا نه؟ اهو هڪ الڳ بحث آهي. اسان ان بحث کي ڇڏي جيڪڏهن رسول ميمڻ جي پورهئي تي ڳالهايون ته اسان کي مڃڻو پوندو ته هن وڏي محنت ڪئي آهي. ناولنگار ڪاميابيءَ سان پنهنجي پلاٽ کي آخر تائين پهچايو آهي. پلاٽ جي جيڪا آڪاڻي اُٽي وئي آهي اها ڏاڍي دلچسپ آهي. ڪهاڻي ۾ پيار ۽ محبت جي جذبن کي لفظن ۾ بيان ڪري پڙهندڙن جي دلين ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هڪ عاشق جي ڪشالن کي ڏاڍي خوبصورت ۽ سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو نوجوان هن ناول کي پڙهندو ته تيستائين ناول بند نه ڪندو. جيستائين سڄو ناول پڙهي پورو نه ڪندو. ناول عشق جي لازوال لاڳاپن کي اياڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

عام طور تي تاريخ، فلسفي ۽ مذهبن جو علم پڙهڻ سان پڙهندڙ جون اکيون بند ٿيڻ لڳنديون آهن. چاڪاڻ ته تاريخ کي هڪ خشڪ، ڏکيو ۽ دلچسپي کان خالي مضمون سمجهيو ويندو آهي. جيڪو پڙهندڙن جي دماغ تي هڪ قسم جو بار پيدا ڪندو آهي. ان ڪري ماڻهو تاريخ جي علم پڙهڻ کان وئون ويندا آهن. پر قالوبلا هڪ اهڙو ناول آهي جنهن ۾ تاريخ کي ڏاڍو دلچسپ ۽ وڻندڙ مضمون بنايو ويو آهي. ناول نگار دنيا جي هر تهذيب ۽ تمدن کان چڱي ريت واقف آهي. ايران، عراق، يروشلم، يونان، روم، يورپ، مصر، سنڌ ۽ هند جي اسٽون ايج کان ويندي جديد دؤر تائين جي تاريخ کي ناول ۾ اهڙي انداز سان چٽيو آهي جو پڙهندڙ پاڻ کي انهي دور جو فرد محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. ڄڻ هوپاڻ ان دور سان گڏوگڏ هلندو رهي ٿو. جڏهن ڪنهن قوم جي فاتح حڪمران جو ذڪر ڪري ٿو ته ڄڻ پڙهندڙ اهو فاتح پاڻ آهي ۽ ان جي هٿ ۾ رت سان ٻڏل تلوار جهليل آهي. جنهن سان سوين سِسيون لٽي هوا ۾ لهرائي پنهنجي حاڪم هجڻ جو اعلان ڪري ٿو. جڏهن ڪنهن مفتوح قوم جي اڳواڻ جو ذڪر ڪري ٿو ته ڄڻ پڙهندڙ پاڻ انٽوني جيان پنهنجي اندر ۾ مڏي تلوار لاهيندي محسوس ڪري ٿو.

ساڳئي ريت ناول نگار مذهبن جي علم ۽ مذهبي مهندارن بابت وڏي ڄاڻ ڏي ٿو. حضرت آدم کان ويندي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي دور ۽ ان کان اڳ جا نقش چٽي ٿو. هڙني نبين جي مشڪلاتن، قومن جي ڪرتوتن کي سٺي انداز ۾ بيان ڪري ٿو. جنهن سان هڪ طرف مذهبي علم جي ڄاڻ وڌي ٿي ته وري ٻئي طرف ان دور جا سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي ڄاڻ ملي ٿي. ناول نگار، ماني مت، هندو مت ۽ ٻڌ مت جي تعليم، ضابطن ۽ اصولن کان پڻ واقفيت ڏي ٿو.

مطلب ته قالوبلا هڪ اهڙو ناول محسوس ٿئي ٿو جيڪو ادب سان گڏ هڪ تاريخ آهي.

قرة العين جي ناول، ’آگ کا دريا‘ جو دؤر چار هزار سالن تائين پکڙيل آهي. جڏهن ته قالوبلا ڏهه هزار سالن کان مٿي جي دور تي مشتمل آهي.

ناول جي فني خوبين مان هڪ خوبي اها هجي ٿي ته اهو ڪنهن به نظرئي جو سڌو سنئون پرچارڪ نه هجي. ناول نگار جو فڪر سياستدان، مذهبي مبلغ، سائنسدان ۽ نفسيات جي ماهر کان مختلف هجڻ گهرجي. جيڪڏهن هو ڪنهن نظرئي يا فڪر کان متاثر آهي ته انکي اهڙي اثرائتي ۽ اشاراتي انداز ۾ بيان ڪري جو واعظ يا ليڪچر معلوم نه ٿئي. يعني مقصد ۽ فن جو توازن هجڻ گهرجي.

منهجي نظر ۾ هڪ اديب جو رتبو لپاڙي فيلسوفن ۽ سائنس جي هڪڙي ننڍڙي نقطي جو چوڌاري گهاٽي جي ڏاند وانگر ڦرندڙ سائنسدان کان ڪنهن به ريت گهٽ نه آهي. سائنسدان زندگي کي آسان بڻائڻ لاءِ مادي سهولتون ايجاد ڪري پلي جس لهڻن پر هڪ اديب به انسان لاءِ ذهني سڪون جو سامان مهيا ڪري ٿو. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. هڪ انسان پلي اي.سي جي ڪمري ۾ مخمل جي بستري تي ستل هجي پر جي ذهني سڪون نه هوندس ته ننڊ بيوفا محبوب وانگي ڪانئس ڪوهين ڏور ڀڄي ويندس.

*

قالو بلا ناول جي وڏي ۾ وڏي خامي ڊارون جي نظرئي جي پرچار آهي. ناول جي لفظ لفظ ۽ سِٽ سٽ مان ڊارون جو نظريو جهلڪندي نظر اچي ٿو. حالانڪه ڊارون جو نظريو ڪڏهن جو رد ٿي چڪو آهي. ڊارون جو پولڙو جنهن کي هن انسانن جو جدامجد قرار ڏنو هو. ان جو ٽنگون هڪ قديمي ماڻهو جون ته وري ٻانهون ٻئي انسان جون هيون. جن کي مسالي سان ملائي پولڙي ۾ لڳايون ويون هيون. ڊارون جي انهي فراڊ کي دنيا گهڻو عرصو اڳ سُڃاڻي چڪي آهي. پر الائي ڇو اسانجو ڊاڪٽر ۽ اديب دوست رسول ميمڻ انهي حقيقت کان بي خبر ٿي پنهنجي ناول کي ڊارون سائنٽيفڪ سوسائٽي جو منٿلي مئگزين بڻائي ڇڏيو آهي.

ڊارون چيو آهي، ’هي ڪائنات حادثاتي طور تي وجود ۾ آئي آهي. ڪائنات کي پيدا ڪندڙ ڪوبه خدا نه آهي. اربين سال اڳ هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو جنهن ڪري مادو ٽڙي پکڙجي ويو. مختلف پلانيٽ وجود ۾ اچي ويا. سج چنڊ نهي پيا. ڌرتي نروار ٿي. جڏهن گرمي جو پد وڌڻ لڳو ته برف پگهرڻ لڳي ۽ پاڻي ٿي پئي. پاڻيءَ ۾ سينور پيدا ٿيو. سينور ۾ جيوڙن جنم ورتو. هڪ جيوڙي ٻئي جيوڙي سان ميلاپ ڪيو ته ٽين جنس ٺهي پئي. جيوڙا ترقي ڪندا ڪندا پولڙا ٿيا ۽ پولڙا ترقي ڪندي ڪندي انسان ٿيا. وقت سان گڏ انسانن جا پڇ غائب ٿي ويا.‘

قالوبلا جو هڪ ٽڪرو پڙهيو جنهن ۾ ڊارون جي نظرئي کي بيان ڪيو ويو آهي.

”تخم سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ تري ٿو. تخم جو پڇ پولي کان اڏارو ورتل آهي... وارث جي انگ مان وهندڙ پڇڙ تارا پولارجي بيٺل پاڻي ۾ تري ڪاري هول جو رستو ڳولهڻ لڳا... جيئڻ جي جدوجهد ۾ فطرت جا عذاب سهي انهن جا پڇ گسي ويا. ٻوڙيا ته ڄنگهون نڪتيون. اڏاميا ته پر نڪتا. تريا ته کلين سان ڪنيو. گهميا ته ڦڦڙ ڦوڪجي ويا. وقت جي خزان ۾ غير ضروري عضوا ڇڻي ويا.“

سڀ ڪوڙ... آدم ڪوڙ... ڌرتي ڪوڙ... هوا ڪوڙ... باهه ڪوڙ...

آدم اڃا مڪمل نه ٿيو آهي. ڪيس فطرت تراشي رهي آهي... آدم ڪجهه نه هو پولارن جي چُپ هو. خاموشيون ٽڪرايون ته وڄ چمڪي. قطري جيان ڪريو سمنڊ ٿيو. سمنڊ اوڳاڇيو ته ڏيڏرن جيان ٽپا ڏيندو ناريلن جي جهنگ ۾ ويو. ڏونگهي ڪاڏي ته سندس ڏند چمڪيا. گوشت ڪاڏو ته نوڪون نڪتيون... اوگهڙ جو احساس ٿيو. شرمسار ٿيو. ڪک ٻڌا. عضوا ڍڪيا. گوڏ ٻڌي. پڳ پائي معتبر ٿيو. گهوڙي تي ويٺو سردار سڏيو. هاٿي تي ويٺو ته حاڪم ٿيو.

*

ناول نگار ڊارون سان نه صرف متفق نظر اچي ٿو پر

ان جي پرچار بہ ڪري ٿو جيڪا ادب جي اصولن جي خلاف آهي. ناول نگار ڪي گهرجي ها تہ هو فن ۽ مقصد ۾ توازن رکي ها پر هو ان ۾ ناڪام ويو آهي.

ناول نگار ڊارون جي نظرئي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڊارون ڪان بہ ہہ قدم اڳتي وڌي ويو آهي ۽ غلط مثال ڏئي ڊارون جي دليلن کي سچي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مثال طور ڊارون چيو، "انسان، پولڙا هوندا هئا ۽ پوءِ انهن جا پڇ وقت سان گڏ ختم ٿي ويا."

جڏهن تہ ناول نگار تخم ۾ بہ پولڙي جو پڇ ڏيکاري ٿو. حالانڪہ ناول نگار جنهن کي تخم ٿو سڏي ان کي 'ڪروموسوم' چئبو آهي. ۽ ڪروموسوم جي شڪل ڪنهن ڦڏي لڪير جهڙي هجي ٿي. جنهن جو هڪڙوپاسو ٿلهو تہ ٻيو پاسو سنهو هوندو آهي. ان ۾ پڇ جو ڪوبہ تصور ناهي. هڪ ڪروموسوم ۾ بيشمار ڊي.اين.اي هجن ٿا. جينز جي سائنس ۾ ٻڌايو ويو آهي، "هڪ ڊي.اين.اي ۾ تمام گهڻا ڪوڊز هجن ٿا. انهن ڊي.اين.ايز ۾ ڪافي صلاحيتون موجود هجن ٿيون. انهن مان هڪ صلاحيت اها بہ هجي ٿي تہ ڊي.اين.اي جيڪو سوچي ٿو اهو ٿي پوي ٿو." مثال طور جيڪڏهن اهو سوچي تہ پيدا ٿيندڙ ٻار جا وار گهنڊيدار هجن تہ ان ٻار جا وار گهنڊيدار ٿي پوندا. جيڪڏهن اهو سوچي تہ ٻار جي اکين جو رنگ ناسي هجي تہ اکين جو رنگ ناسي ٿي پوندو. يعني اهو 'ڪُن' چوي ٿو تہ 'فيڪون' ٿي پوي ٿو.

❋

اهو آهي ناول نگار جو نظريو. جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ ڪهڙي ريت دنيا وجود ۾ آهي ۽ ڪهڙي ريت پولڙو ترقي ڪندو انسان جي رتبي کي پهچي ٿو.

❋

ڪائنات وجود ۾ اچي وئي ۽ انسان بہ موجود آهي. پر هاڻي زندگيءَ جي بقا جو دارومدار فقط آدم جي انهي عضوي تي آهي. جيڪو سندن سٿرن وچ ۾ موجود آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪائنات جي هڙني ساهہ وارن شين جي بقا جو دارومدار ميلاپ تي آهي. پر ناول نگار انهي فنامنا کي سائنسي بنيادن تي ثابت ڪرڻ بجاءِ ڏندڪٿائن جو سهارو وٺي ٿو. جيتوڻيڪ هو هڪ سائنسدان جي نظرئي جي بنياد تي ڪنهن اهڙي هستي کان انڪار ڪري ٿو جيڪا زندگي کي وجود ڏيندي هجي. پر جڏهن انساني نسل جي تسلسل جي ڳالهہ اچي ٿي تہ ناول نگار ڏند ڪٿا جو سهارو وٺي ٿو. جيڪا ناول کي ڇُسو بڻائي ٿي.

❋

*"ٻيڙي ۾ سڀ جوڙا سوار هيا. پولڙن مباشرت ڪئي. ارتقائي عقلمند ڄاپيو. ڪُتن مباشرت ڪئي بادشاهہ جي قلعي جو دربان ڄاپيو. ڪانوَن مباشرت ڪئي جاهلن کي صلاحڪار مليو. لومڙن مباشرت ڪئي شريفن جي شهر جو ٺڳ ڄائو. گدڙن مباشرت ڪئي تہ پاڇي کان ڊڄندڙ بزدل ڄائو. اٺن مباشرت ڪئي تہ دانشور ڄائو. گڏهن مباشرت ڪئي تہ استحصالي دنيا جو مزدور ڄائو. گهوڙن... ڪاٺن جي ملڪ جو فاتح ڄائو. ڪبوترن ... گونگن جو گوتم ڄائو. بازن ... بي رحم شڪاري ڄائو. هاٿين ... پوئتي ٿَهي پڇندڙ لشڪر جو سپهہ سالار ڄائو. شينهن ... انڌو پهلوان ڄائو ۽ انسانن ...ڪٺيل فرشتو ڄائو."*

ناول نگار جي نظر ۾ سنجوڳ ئي زندگي آهي ۽ زندگي کي جاري رکڻ ۾ آدم جي انهيءَ عضوي کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي. اها ساڳي ڳالهہ هندو ڌرم ۾ آهي. هندو ڌرم ۾ شِو ديوتا جي لُنگ کي پوڄيو ويندو آهي. شو ديوتا جو لُنگ زندگي جي علامت آهي. پر سنڌ ۾ ان جي ابتڙ آهي. موئن جي دڙي واري سماج ۾ عورت کي زندگيءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. سنڌي سماج ۾ ڌرتي کي ماتا چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جهڙي ريت هڪ عورت زندگي کي جنم ڏئي ٿي. اهڙي ريت ڌرتي بہ زندگي کي جنم ڏئي ٿي. موهن جي دڙي مان مليل هڪ مُهر تي هڪ عورت جي تصوير چٽيل آهي جنهن جي شرم گاهہ مان وڻ ڦٽي نڪري ٿو. وڻ جيڪو زندگيءَ جي علامت آهي. يعني عورت ئي زندگي کي جنم ڏي ٿي.

وارث سنڌي سماج جو ڪردار آهي. تنهن ڪري ناول نگار کي گهرجي ها تہ شو لُنگ کان وڌيڪ عورت جي ان زمين جي اهميت کي وڌائي ها. جنهن کي اسان جا ماڻهو 'پيڪ' چوندا آهن. جنهن جي معنيٰ 'ننڍڙو پرين' آهي.

## ڪهاڻي

ڪجهہ اديب ۽ نقاد ناول ۾ پلاٽ ۽ ڪهاڻي کي هڪ سمجهندا آهن تہ وري ڪجهہ پلاٽ ۽ ڪهاڻي کي الڳ الڳ ڄاڻيندا آهن. منهنجي نظر ۾ پلاٽ ۽ ڪهاڻي جو تجزيو الڳ الڳ ٿيڻ گهرجي. ڪنهن بہ ڪهاڻي جا ٽي حصا هجن ٿا. ابتدا، عروج ۽ انتها.

عام طور تي اهو هڪ اديب تي دارومدار هجي ٿو تہ هو پنهنجي ڪهاڻي ۾ ڪهڙي ريت دلچسپي پيدا ڪري ٿو. هو چاهي تہ ڪهاڻي ابتدا کان عروج ۽ عروج کان انتها تائين کڻي وڃي. پر اڄڪلهہ ڪهاڻيءَ جي انهي ترتيب کي تبديل ڪيو وڃي ٿو. ڪجهہ ڪهاڻين ۾ انتها ابتدا ۾ ۽ ابتدا عروج يا انتها کان شروع ڪئي وڃي ٿي.

قالوبلا جي ڪهاڻي ۾ ابتدا- عروج ۽ پوءِ انتها تي ختم ٿئي ٿي. ڪهاڻي ۾ هونءَ تہ ڪيترائي ڪردار آهن. پر سموري ڪهاڻي ٻن ڪردارن وارث ۽ عرشنا جي چوڌاري گهمي ٿي.

وارث ۽ عرشنا هڪٻئي کي پيار ڪن ٿا. عرشنا کي ڪينسر جو مرض ظاهر ٿئي ٿو. هو موت جي ويجهو پهچي چڪي آهي. وارث فيلسوف حاڪمن، ڏاهن، ولين، نبين ۽ پيغمبرن سان ملي ٿو ۽ انهن کان عرشنا جي شفا گهري ٿو پر ڪير بہ ڪيس شفا نٿو ڏي. اهي پاڻ مسئلن ۾ ڦاٿل هوندا آهن سو سي ڪيئن ٻين جا مسئلا حل ڪري سگهندا. پوءِ هو خدا وٽ لامڪان تائين پهچي ٿو. ان کي آواز ڏي ٿو. پر خدا هن کي ڪو جواب نٿو ڏي. جنهن مان هو سمجهي ٿو تہ خدا آهي ئي ڪونہ.

پوءِ هو واپس عرشنا ڏانهن اچي ٿو. هو سمجهي چڪو هو تہ زندگي ۽ موت خدا نٿو ڏي. بلڪہ زندگي سنجوڳ مان جنم وٺي ٿي. وارث، مئل عرشنا سان سنجوڳ ڪري ٿو.

❋

رسول ميمڻ ڪهاڻي کي دلچسپ بڻائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ڪهاڻي ۾ دلچسپي تڏهن وڌي وڃي ٿي جڏهن وارث عرشنا جي زندگيءَ جو دان وٺڻ لاءِ سفر جي شروعات ڪري ٿو. هن جو اهو سفر خوابن جي دنيا آهي.

*"هو خوابن جي گهرائين ۾ لهندي ستين سطح تي پهتو. ڪيس جاڳ جي سطح تي اچڻ لاءِ ڇهن ڇرڪن جي ضرورت هئي."*

وارث عرشنا کي ساڻ ڪري بيچين روح ٿي اڏري ٿو هن جا پر جهڙ ٿين ٿا. هو سڀ کان پهريائين ايران وڃي ٿو. جتي 'ماني مت' جي باني 'ماني' سان ملي عرشنا جي زندگي گهري ٿو. پر 'ماني' ڪيس مايوس ڪري ٿو. هو قباد وٽ وڃي ٿو. قباد جيڪو 'ماني مت' جو پوئيلڳ آهي هو ان کان عرشنا جي زندگي گهري ٿو پر اتان بہ هن کي مايوسي پلئہ پوي ٿي. ساڳئي ريت هو مزدڪ وٽ وڃي ٿو مزدڪ بہ هن جي مدد نٿو ڪري. ايران جي سرزمين کانپوءِ هو روم جو رخ ڪري ٿو. هو جوليس سيزر سان ملي ٿو. ڪانئس عرشنا جي حياتي گهري ٿو پر جوليس سيزر پنهنجي قتل کي روڪي نٿو سگهي سو هو عرشنا کي ڪهڙي ريت حياتي ڏئي سگهي ٿو. وري اتان کان وارث انٿوني وٽ وڃي ٿو. پر ڪوبہ چارو نہ ٿو ٿئيس. وارث بعد ۾ قلوپطرا وٽ وڃي ٿو. هو بہ هن جي مدد نٿي ڪري. ان کانپوءِ هو اسڪندريہ جي فاتح آگسٽوس وٽ وڃي ٿو. پر هن جو چاڙهو اتان بہ نٿو ٿئي. پوءِ وارث مايوس ٿي عرشنا کي ساڻ ڪري پيغمبرن جي سرزمين تي قدم رکي ٿو. هو يسوع سان ملي ٿو پر يسوع پاڻ صليب کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي غائب ٿي وڃي ٿو. وارث يسوع جي حواري سنت پال وٽ ساڳي سين هٽي ٿو. پر ڪيس مايوسي جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

وارث نمرود وٽ وڃي ٿو ان جي خدائي جو اقرار ڪري ٿو. پر نمرود بہ ناسور کي ختم نہ ٿو ڪري سگهي. پوءِ هو حضرت ابراهيم وٽ وڃي ٿو جيڪو پاڻ باهہ ۾ ٻيٺل آهي. ان کان ٿيندي حضرت نوح، سليمان، لوط، دانيال ۽ دائود عليہ السلام کي بہ عرشنا جي شفا لاءِ عرض ڪري ٿو . پر ڪٿان بہ ڪيس مڪتي نٿي ملي.

هاڻي وارث يوناني خدائن ڏانهن وڃي ٿو جتي هو زيوس، هن جي ڌيءُ پلاس ايستنا، پلوٽو، پروميٿس، ارٿميسس، اپالو، جيوپيٽر کان عرشنا جي حياتي گهري ٿو پر ڪيس خالي هٿين واپس موٽڻو پئي ٿي.

وارث يونان جي فيلسوفن ڏانهن رخ ڪري ٿو ايپيڪورس، سقراط، زينيفون، فيثاغورث وٽ وڃي ٿو انهن کان عرشنا جي عمر وڌائڻ لاءِ ٻاڏائي ٿو.

هو سڪندراعظم، فيليقوس، هني بال کان عرشنا جي زندگي گهري ٿو پر سڀ ڪيس مايوس ڪن ٿا. پوءِ هو موئن جي دڙي ڏانهن وڃي ٿو. اتي موريا سان ملي ٿو ۽ هن کان عرشنا جي حياتي گهري ٿو. پر مايوس ٿي وڃي ٿو.

هاڻي وارث پاڻ خود ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو. وارث لامڪان وڃي ٿو. هو خدا کي آواز ڏي ٿو. پر ڪيس خدا نظر نٿو اچي. جيڪو عرشنا کي بچائي سگهي. هو مايوس ٿي وڃي ٿو ۽ خدا جي وجود کان انڪار ڪري ٿو. واپس عرشنا ڏانهن موٽ ڪائي ٿو. ۽ عرشنا سان سنجوڳ ڪري ٿو. عرشنا مري چڪي آهي. هو هن کان پڇي ٿو، "الست بربڪم؟" لاش مان آواز اچي ٿو، "قالوبلا."

❋

رسول ميمڻ ڪهاڻيءَ جي ڪڙين کي سيني اندازن ۾ ملايو آهي. هر ڪڙي ٻئي ڪڙي سان جڙيل آهي. پر ڪهاڻيءَ مان دلچسپي تڏهن ختم ٿي وڃي ٿي جڏهن وارث ايران جي سرزمين کان مايوس ٿي روم جو رُخ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ کي اها خبر پئجي وڃي ٿي ته هاڻي ڪهاڻي ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي. پڙهندڙ آسانيءَ سان اندازو لڳائي وڃي ٿو، "عرشنا جي زندگي کي جيڪڏهن ماني ۽ مزدڪ نٿا بچائي سگهن ته روم جا ديوتا به ڪيس مايوس ڪندا." ساڳي ريت نبي به ڪيس ساڳيو جواب ڏيندا .

انهي سبب 'قالوبلا' ڪهاڻي ۾ تجسس باقي نٿو رهي. جنهن ڪري ڪهاڻي پڙهڻ سان بدن مان سيسراٽيون نڪرن ٿيون نه وري جسم جا وار اُڀا ٿين ٿا ۽ نه ئي ساهه ٻوساٽجي ٿڌا سيڪارا نڪرن ٿا.

ڪهاڻي جي پڇاڙي سان اکيون آليون به نٿيون ٿين. بس هڪ لسي ڪهاڻي محسوس ٿئي ٿي. جنهن ڪري ماڻهو بور ٿيڻ شروع ٿئي ٿو.

ڪهاڻي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن تي هڪ ڳالهه وري وري ابري سامهون اچي ٿي ته ڀلي ليکڪ وارث ۽ عرشنا کي سريئلزم ذريعي هيٺ ڳيرو، ابابيل، طوطو ۽ روح وغيره وغيره بڻائي اڏاريندو هجي ها. جيڪو منطق جي خلاف (Anti-logic) آهي. پر ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي اِلاجيڪل آهن. جن کي سريئلزم به سپورٽ نٿو ڪري. ڇاڪاڻ ته سريئلزم ۾ منطق جي خلاف ته لکي سگهجي ٿو پر غير منطقي ڳالهيون نه ٿيون ڪري سگهجن. مثال طور وارث عرشنا جي زندگي بچائڻ لاءِ مذهبي مهندارن، ديوي، ديوتائن ۽ پيغمبرن وٽ وڃي انهن کي التجا ڪري ٿو ته عرشنا جي زندگي بچائي ڏيو. ان حد تائين ته نيڪ آهي، پر تاريخ جي سڀ کان وڏن عياشن، ظالمن، قاتل ۽ جابر حڪمرانن جن دنيا ۾ ٻڙدڪ مچائي ڇڏيو هو جيڪي پاڻ زندگيون کسيندڙ هئا انهن کان زندگي گهرڻ ايئن آهي جيئن پيٽرول پمپ تان اٽو خريد ڪرڻ لاءِ وڃڻ. پيٽرول پمپ تان اٽو خريد ڪرڻ غير منطقي ڳالهه آهي.

قلوپطرا، جنهن جي جسم تان چُمين جا نشان اڃا به مٽيا هوندا، جيڪا پنهنجي حسن جي زور تي طاقتورن کي پنهنجو هٿيار بڻائي الائي ڪهڙا ڪيس ڪيا. سا ڪيئن ٿي جيون جو دان ڏئي سگهي؟ جوليس سيزر، اينٽوني، آگسٽوس وغيره ماڻهن کي موت ڏيندڙ هئا. انهن ڪڏهن به مذهبي مهندار هجڻ جو اعلان ڪيو نه ئي فلسفو ڏنو خدا، ڪائنات ۽ انسانن جي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ بيان ڪيا.

ناول نگار کي گهرجي ها ته هو زندگي صرف اهڙن ڪردار کان گهري ها جيڪي مذهبي مهندار هجن ها. ٻيو وارث عرشنا جي زندگي بچائڻ لاءِ هر انسان ديوي، ديوتا وٽ وڃي ٿو. هو ان لاءِ الائي ڪهڙا ڪهڙا روپ ڌاري وڃي ٿو. پر جيڪڏهن نٿو وڃي ته صرف لقمان حڪيم ۽ بوعلي سينا وٽ نٿو وڃي. ڀلا ڪهڙو حرج ٿئي ها جيڪڏهن وارث ۽ عرشنا اڌڻ ڪٽولي تي ويهي استاد لقمان حڪيم وٽ وڃن ها؟ جتان عرشنا جو علاج ضرور ٿئي ها! ڇاڪاڻ ته لقمان حڪيم وٽ موت کانسواءِ هر مرض جو علاج هو.

ڀلا موت ڪا ايڏي وڏي بلا آهي ڇا؟ جو هڪ عاشق موت کان ايڏو ڊڄي وڃي ٿو. حالانڪه عاشق ته موت کي ليکيندا ئي ڪونه آهن.

بيڪن چيو آهي، "وير موت تي فتحياب آهي.عشق موت کي ليکي به نٿو. ۽ سندس پرواهه به ڪانه ٿو رکي. ننگ ۽ ناموس موت ڏي وڃڻ جي خوشي ٿو ڏيکاري."

ڪهاڻي جي آخر ۾ وارث مئل عرشنا سان سنجوڳ ڪري ٿو. اهو ساڳيو خيال اردو جي مشهور ڪهاڻي، 'ٺنڊا گوشت' ۾ ڏنل آهي. جنهن ۾ هڪ سک مرده عورت سان سنجوڳ ڪري ٿو.

ڪهاڻي به فني طور تي ڪافي ڪمزوريون آهن. ڪهاڻي به يونٽي آف ٽائيم ۽ يونٽي آف پليس جو خيال ناهي رکيو ويو. ٻيو ته ڪهاڻي ۾ گهٽي پاڳي هڪ شخص جون ڳالهيون ٻئي شخص سان منسوب ڪيو ويو آهي.

ناول نگار هڪ جاءِ تي لکيو آهي ' حضرت دائود عليه السلام ڪوهه سليمان تان ٻڪريون چاري هيٺ لهي رهيو هو.' حالانڪه ان وقت ان جبل جو نالو ڪوهه سليمان ڪونه هو. ان جبل تي اهو نالو حضرت سليمان عليه السلام جي دؤر ڪانپوءِ پيو. حضرت دائود جيڪو حضرت سليمان جو پيءُ هيو. ان وقت منظرنگاري ۾ ان جبل کي ڪوهه سليمان چوڻ درست ناهي.

ٻيو ٻڌ کان آواگون (جوڻ مٽائڻ) جا گر سکڻ ايئن آهي جيئن هرڻي کان جانورن جي شڪار ڪرڻ جا گُر سکڻ. جيئن هرڻي شڪار ڪرڻ جي خلاف آهي تيئنئي ٻڌ به آواگون جي خلاف هو. هن آواگون (جوڻ مٽائڻ) جي چڪر کان نڪرڻ لاءِ ئي 'نرواڻ' جو نظريو ڏنو هو. ٻڌ جي تعليم نرواڻ حاصل ڪرڻ جو طريقو ٻڌائي ٿي نڪي آواگون. پوءِ وارث ڪئين 'ماني' کان ' آواگون' جو اهڙو طريقو سکڻ وڃي ٿو. جنهن ۾ ساڳيو روح ساڳئي جسم ۾ موٽي اچي؟ ليکڪ ٻڌائي ٿو، ' ماني صبر عيسيٰ کان ۽ اواگون، گوتم کان ورتو.'

بهرحال مجموعي طور تي ڪهاڻي چڱي آهي. ناول ۾ دلچسپي ۽ تجسس قائم رکي پئي سگهيو پر ايئن ڪرڻ ۾ ناول نگار ڪامياب ناهي ويو.

## مرڪزي خيال

ناول نگار جيڪو مرڪزي خيال ڪٽي اڳتي وڌيو آهي تنهن کي آخر تائين ڪاميابيءَ سان قائم رکيو اٿس. ناول جو مرڪزي خيال اهو آهي ته ڪائنات کي هلائڻ وارو ڪير به نه آهي. هي ڪائنات خود بخودوجود ۾ آئي آهي. ۽ ان جي بقا ۽ تسلسل جو دارومدار سنجوڳ تي آهي. ان لاءِ هو ڊارون جي ٿيوري سان ثابت ڪري پنهنجي مرڪزي خيال کي مڪمل ڪري ٿو.

## منظر نگاري

ڪنهن به ادبي تخليق خاص ڪري ناول ۾ مننظرنگاري انتهائي اهم هوندي آهي. ڊرامي ۾ منظرنگاري ڏيکاري ويندي آهي. جڏهن ته ناول ۾ لفظن جي مدد سان اهڙا عڪس چٽيا ويندا آهن جو پڙهندڙ انهن کي ڏسي، ڇُهي، ٻڌي، سنگهي ۽ چکي سگهندو آهي. هڪ ڪامياب تخليقڪار جڏهن نظري عڪس (Visual Image) ڊيپڪٽ ڪندو آهي ته ان نظاري کي پڙهندڙ پنهنجي اکين آڏو ڦرندو گهرندو ڏسندو آهي. جڏهن ٻڌڻ جو عڪس (Auditory Image) ٺاهيندو آهي ته پڙهندڙن جي ڪنن ۾ آواز ٻرندو محسوس ٿيندو آهي. وري جڏهن سنگهڻ جو عڪس (Olfactory Image) چٽيندو آهي ته خوشبو ۽ بدبو جو احساس جاڳي پوندو آهي. جڏهن ڇهڻ جي عڪس (Tactile Image)جي چٽسالي ڪندو آهي ته لساڻ، کهراڻ، ٿڌاڻ ۽ ڪوساڻ محسوس ڪندو آهي. ساڳئي ريت چکڻ جو عڪس بيان ڪندو آهي ته زبان تي مٺاڻ ۽ ڪوڙاڻ جو ذائقو محسوس ڪندو آهي.

رسول ميمڻ جي ناول قالوبلا ۾ منظرڪشي سٺي ڪئي وئي آهي. قالوبلا ناول جو هڪ منظر جنهن ۾ سنگهڻ جو عڪس چٽيو ويو آهي.

*"عرشنا... جنهن ٻانهن جا گجرا سنڌوءَ ۾ وهايا ته پاڻي ۾ خوشبوءِ ڏهن هزار سالن تائين برقرار رهي."*

ناول نگار عرشنا جي خوبصورتي جا نظري عڪس هيئنين انداز ۾ بيان ڪيا آهن.

*"ٻاويهن سالن جي عرشنا جيڪا مرمر مان تراشيل هئي. سندس وجود ۾ گلاب ايئن سمايل هئا جو سڄ اڳيان هلندي هئي ته ڪِرڻا وجود مان پار ٿي ڌرتيءَ تي گلابن جو پاڇو ٺاهيند اَهئا."*

ٿڌ يا گرميءَ جا عڪس هيئنين ريت چٽيا ويا آهن:

سيني جي محسوس ٿيندڙ عرشنا جا گرم ساهه خواب ۾ ايئن ڏسي رهيو هُو. ڇئن پيرين اگهاڙو ريگستان ۾ ٻيٺل هجي. لُڪ سندس جسم سان ٽڪرائجي رهي آهي.

چکڻ جو عڪس هن ريت چٽيو اٿس.

*"ڌرتي عرشنا جي ٽٽن جي بوند بوند وقت پي رهيو هو. ان ۾ عرشنا جي وجود جو لوڻ سمائل هو."*

ناول نگار منظرڪشي ڪرڻ جي سٺي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ منظرنگاري جي سيني قسمن کي ناول ۾ چٽيو اٿس.

ڪنهن حد تائين هن جي عڪس کي سٺي منظرنگاري چئي سگهجي ٿو. پر اعليٰ قسم جي منظرنگاري ڪرڻ لاءِ ڪيس تمام گهڻي محنت جي ضرورت آهي. قالوبلا جا منظر ايڏا ڀرپور ناهن جو پڙهندڙ جسم ۾ ٿڌ ۽ زبان تي ڪڙواڻ ۽ مٺاڻ جو ذائقو محسوس ڪري. منهنجي نظر ۾ ناول نگار عرشنا جي خوبصورتي کي به صحيح انداز ۾ چٽيو آهي نه وري وارث جي قدڪاٺ ۽ نقش نگار کي گهرج مطابق بيان ڪيو آهي. حالانڪه ناول جو سڄو پلاٽ انهن ٻنهي ڪردارن جي چوڌاري گهمي ٿو. تنهن ڪري ناول نگار لاءِ ضروري هو ته هو انهن ٻنهي ڪردارن جا عڪس پڙهندڙن جي سامهون اهڙي انداز ۾ چٽي ها جو اهي ڪردار انهن جي ذهن ۾ هميشه لاءِ نقش ٿي وڃن ها.

## ڪردار نگاري

ناول نگار قالوبلا ۾ ڪيترائي ڪردار آهن. انهن ڪردارن ۾ ايران جا مذهبي مهندار، حڪمران، انهن جا وزير، يونان جا ڏاها، فيلسوف، وقت جا حاڪم، روم جا جوليس سيزر، انٽوني، قلوپطرا، موئن جي دڙي جا موريا، سمبارا، وچ اوڀر مان حضرت عيسيٰ ۽ ان کان اڳ جا پيغمبر، نبي، وارث ۽ عرشنا آهن. پر انهن سيني ۾ وارث ۽ عرشنا جا ڪردار مرڪزي آهن. ناول جي سڄي آڪاڻي انهن ٻنهي ڪردارن جي چوڌاري گهمي ٿي. تنهن ڪري اسان ٻين سيني ڪردارن کي ڇڏي ڪري ۽ صرف وارث ۽ عرشنا جي ڪردار جو تنقيدي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

## وارث:

وارث قالوبلا جو مرڪزي ڪردار آهي. “هو وارث هيو . جنهن جو نالو ان ديوتا جهڙو هو جنهن جي هاٿي هماليا جيڏي ۽ مياڻ ۾ لڙڪندڙ تلوار تي وقت جي ڪٽيل لاش جو رت لڳل هيو.”

ناول جي ڪهاڻي هن جي چوڌاري گهمي ٿي. جيڪڏهن وارث جي ڪردار کي ناول مان ڪڍي ڇڏجي تہ ناول، ناول ئي نہ رهندو. وارث هڪ تاريخ جو شاگرد آهي . ڪتاب هن جي زندگيءَ جا حصو آهن. هن جو گهڻو وقت تاريخ جا ڪتاب پڙهندي ۽ تاريخ تي بحث ڪندي گذرندو آهي.

هڪ ڏينهن هن جي ملاقات عرشنا سان ٿئي ٿي. عرشنا آهستي آهستي هن جي ايڏو ويجهو اچي وڃي ٿي جو وارث هن جي زلفن جو اسير ٿي وڃي ٿو. وارث عرشنا کي هميشہ پنهنجو بنائڻ جو فيصلو ڪري ٿو. عرشنا بہ هن کي پنهنجي زندگي جو مالڪ سمجهڻ لڳي ٿي.

وارث جو امتحان تڏهن شروع ٿئي ٿو جڏهن عرشنا ناسور جي مرض ۾ موت جي ويجهو پهچي چڪي هوندي آهي. وارث هڪ باوفا عاشق جو ڪردار نڀائيندي هن لاءِ تاريخ جو سفر شروع ڪري هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو هڪ سچي ۽ پڪي عاشق جو ثبوت ڏئي ٿو. پنهنجي محبوبا کي بچائڻ لاءِ دنيا جي هر ولي، پيغمبر ۽ مذهبي موجدن ۽ فاتح حڪمرانن وٽ وڃي ٿو. پر هو پنهنجي محبوبا کي بچائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو.

ناول نگار وارث جي ڪردار سان ڀرپور نياءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن جي جذبن جي صحيح عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين کي پڙهندڙن آڏو بيان ڪيو ويو آهي.

ظاهري طور تي وارث جو ڪردار هڪ انساني ڪردار آهي. پر ناول نگار سريئلزم جي سهاري سان وارث جي ڪردار کي ايڏي تہ طاقت بخشي ٿو جو وارث ڪڏهن روح تہ ڪڏهن طوطو ۽ ڪڏهن ابابيل پکي ٿي اڏامي ٿو. جنهن منجهان لڳي ٿو تہ رسول ميمڻ جو ناول هڪ دفعو ٻيهر پراڻي دؤر ڏانهن موٽي ٿو جنهن ۾ ناول جا ڪردار، 'جِن، ڀوت، پريون ۽ ديوَ' هوندا هئا. وارث جو ڪردار هڪ مئل عورت سان سنجوڳ ڪري گهٽ اخلاق هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿو.

## عرشنا:

ليکڪ عرشنا جي ڪردار سان انصاف ناهي ڪري سگهيو . هونئن تہ عرشنا جو ڪردار هڪ مرڪزي ڪردار آهي جنهن جي اهميت ايتري ڏيکارڻ گهرجي ها جيتري وارث جي ڏيکاري وئي آهي. سڄي ناول ۾ عرشنا جي ڪردار کي 'موڳو ۽ مئل ويساهہ' واري ڪردار طور ڏيکاريو ويو آهي. حالانڪہ عرشنا جي ڪردار ۾ مزاحمت جا ڪيترائي مرحلا پيش اچن ٿا.

## اسلوب

لفظ تخليقڪار جا هٿيار هوندا آهن جن کي جملن جي هار ۾ پوئي هو پڙهندڙن آڏو پيش ڪندو آهي. لفظ جيترا سهڻا، سولا ۽ دل کي ڇهندڙ هوندا تاثر بہ اوتروئي وڌيڪ هوندو آهي. هونئن تہ هر اديب ٻولي جو ماهر هوندو آهي. پر هر اديب جو اسلوب الڳ الڳ ۽ پنهنجو هوندو آهي. جنهن کي پڙهڻ سان ان اديب جي تصور اُڀري سامهون ايندي آهي. اهو اسلوب ئي هوندو آهي جنهن ذريعي هڪ تخليقڪار پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ کي فتح ڪري پاڻ سان سهمت ڪري وٺندو آهي. نتيجي ۾ پڙهندڙ هن جي فڪر ۽ خيال کي قبول ڪندا آهن.

جيڪڏهن لفظ ڏکيا، جملا ڳرا، ڊڪشن بي ڍنگو ماحول اڻ ڏٺل، پهاڪا پراوا ۽ محاورا اڌرا هوندا تہ اهڙي قسم جي لکڻي ڪاڳرن کي ڪارو ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ نہ هوندي. ناول قالوبلا کي پڙهڻ ڪانپوءِ جيڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو ۽ راءِ جڙي ٿي، اها گاڏڙ آهي. يعني ناول ۾ وٽندڙ ۽ اڻ وٽندڙ، سولي ۽ ڏکي، پنهنجي ۽ اوپري ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. ساڳئي ريت تشبيهون ۽ محاورا پنهنجا، اوپرا ۽ اڌارا واپرايا ويا آهن.

*“اڻ هوند ڪائنات جي ماءُ آهي. سندس لاتعداد ٿڻ پولارن ۾ لڙڪي رهيا آهن. اسين وات وجهي ٿڻن ۽ لڙڪيل آهيون. هر شيءِ اونده مان جنم ورتو آهي، ڇو جو اونده چمڪي ٿي. 'اسين آهيون' ڇو جو 'نہ آهيون.' جڏهن نہ هونداسين يقين ڪر ضرور هونداسين.”*

ليکڪ وٽندڙ ۽ سولي ٻولي استعمال ڪئي آهي. ڳوڙهي فلسفي کي آسانيءَ سان سمجهائي ويو آهي. ڪائنات کي ماءُ سان تشبيهہ ڏني اٿس. ڪائنات مان جيڪا اسان لاءِ خوراڪ پيدا ٿئي ٿي ان کي ماءُ جي ٿڃ سان ڀيٽڻ دل کي لڀائيندڙ آهي. هر شيءِ اونده مان جنم ورتو آهي. ڇو جو اونده چمڪي ٿي اهو بہ تمام وڏو ۽ گهرو فلسفو آهي. جڏهن دنيا ۾ سج نہ هيو تہ يقينن اونده هوندي. انهي اونده مان سج، انسان ۽ هي پوري ڪائنات ٿهي.

ساڳي ريت ليکڪ محبوب جي پاڪر کي سمنڊ جي لهر ۽ وارن سان ڀريل مرد جي جسم کي سمنڊ جي ناهموار ريت سان خوبصورت تشبيهہ ڏني آهي.

ناول نگار ڪجھ اهڙيون تشبيهون استعمال ڪيون آهن جيڪي سنڌ جا اديب اڳ ڏئي چڪا آهن. پر رسول ميمڻ انهن تشبيهن کي ناول جي ماحول مطابق استعمال ڪري ناول ۾ خوبصورتي پيدا ڪئي آهي. انهن تشبيهن ۾ ٿوهر جو ڪنڊو نڙيءَ ۾ ڦاسڻ ۽ پنهنجي صليب پنهنجي ڪلهن تي کڻي گهمڻ شامل آهن.

ناول نگار جتي وٽندڙ ۽ نج سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي اتي هڻ ڏارئي ٻولي خاص ڪري اردو جو تمام گهڻو استعمال ڪيو آهي. ادب ۾ ڪنهن ٻئي ٻولي جي لفظن جو استعمال ڪرڻ ڪو گناهہ ناهي پر جڏهن پنهنجي ٻولي ۾ ساڳيا لفظ ۽ محاورا موجود هجن تہ ٻي ٻوليءَ کان اڌارا وٺڻ ٻوليءَ کي عيبدار بڻائڻ جي برابر آهي.

ناول نگار، اردو جا ايترا تہ لفظ استعمال ڪيا آهن جو جيڪڏهن انهن لفظن کي هٽي لکجي تہ ڪيترائي پنا ڪارا ٿي وڃن.

- *'سندس پڪوڙيل چپ تشويش کي ظاهر ڪري رهيا هئا.'*
- *'ڳوڙها وارث جي سڏڪن تي لرزي رهيا هئا.'*
- *'تشخيص ڪان پوءِ ڪيس ٻڌايو ويو تہ ارشنا ڪينسر ۾ مبتلا آهي.'*
- *'وارث محسوس ڪيو تہ دنيا ۾ ڳاڙها گل ناياب ٿي ويا آهن.'*
- *'ڳل چنڊ جهڙا زرد هئا.'*
- *'هڏن ۾ گودو وجهڻ باوجود شفاياب نہ ٿي سگهي.'*
- *'اسين ڪنارن تي خاموش تماشائي جيان بيٺل آهيون.'*
- *'انهن هڪ ڏينهن همبستري ڪئي.'*
- *'مونکي لڳندو آهي اپاهج اطابلس جيئرو آهي.'*
- *'واريءَ جي ناهموار سطح تي لفظ نهندا ۽ ڊهندا هئا. اهو منظر انهن لاءِ سحرانگيز هو.'*
- *'ان جي نرم ساهن ۾ چاندوڪي وسامندڙ ٽانڊن جيان دُکي رهي هئي.'*
- *'عرشنا جا گرم ساهہ خوابن ۾ ايئن ڏسي رهيو هو....'*
- *'ايئن ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ڪري پاڻ کي حق بجانب سمجهي ٿو.'*
- *'بہ ڪارا سج غروب ٿي رهيا هئا تہ روشني طلوع ٿي رهي هئي.'*
- *'سُئي ڪان ڊڄندي هيس. لڳندي هئي تہ ايڏي عذابناڪ نہ هوندي هئي.'*
- *'ان جي مسافت تاريخ جي اهڙن دروازن ڏانهن آهي.... تاريخ جي ادوارن جا اوتار اڳيان نڪري ويا آهن.'*
- *'... مهر شاهہ ۽ خراسان جو پيروز سرنگو ٿيا.'*
- *'مباحثي جو اهتمام ڪري...'*
- *'وڃائجي ويل طلسمي چڙي کي ڳوليندي هجي.'*
- *'ناحاصلات جي احساس کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو.'*
- *'ايوانن جي ستونن جا بنياد هئا.'*
- *'ململ، نير ۽ غذائي اجناس سان ڀريل جهونا جهاز.'*
- *'ان جا گجگوڙ ٻک ڪان رانيون ڪندڙ جهنگ جي شينهن جهڙا هئا.'* ۽ وغيره وغيره

مٿين جملن ۾ اردو جا بيشمار لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جن جا سنڌي لفظ موجود آهن. پر ناول نگار ڪجهہ تہ اهڙا محاورا ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن جيڪي سنڌي زبان جي مزاج مطابق ناهن. مثال طور، اردو جو محاورو 'نرم اور گرم سانسين' صرف اردو لاءِ ئي سونهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اردو ۾ جنهن کي نرم ۽ گرم ساهہ چيو وڃي ٿو ان جو اشارو وات مان نڪرندڙ هوا ڏانهن آهي. جڏهن تہ سنڌي ۾ وات مان نڪرندڙ هوا کي ساهہ ناهي چئبو. سنڌي ۾ ساهہ جو اشارو پساهہ يا زندگي ڏانهن آهي. تنهن ڪري سنڌيءَ ۾ اردو جي ان محاوري کي ترجمو ڪري استعمال ڪرڻ غير فصيح آهي. اردو جو هڪ ٻيو محاورو، 'بلي چاڙهڻ' استعمال ڪيو آهي. جيڪو پڻ غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ۾ ان لاءِ 'ٻليدان' چئبو آهي. طلسمي چڙي وارو اصطلاح بہ سنڌي ۾ ڪونہ ٿو ٺهڪي. سنڌي ۾ طلسمي چڙي لاءِ جادوءَ جي لٺ وارو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي. اردو ڪان علاوه جيڪي لفظ سنڌي ۾ استعمال ڪيا ويا آهن انهن مان خبر پوي ٿي تہ ليکڪ جو مشاهدو ڏاڍو گهٽ آهي. ليکڪ شينهن جي آواز لاءِ بہ لفظ استعمال ڪيا آهن. هڪڙو 'گجگوڙ' ۽ ٻيو 'رانڀ'. لفظ رانڀ تہ انتهائي غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ رانڀ سانُهہ ڪندو آهي. شينهن ڪڏهن بہ رانڀ ناهي ڪندو.

ليکڪ هڪ ٻيو لفظ، 'گجگوڙ' استعمال ڪيو

آهي. يعني شينهن گجگوڙ ڪئي. ڏنو وڃي ته شينهن لاءِ لفظ گجگوڙ استعمال ڪرڻ به غلط آهي. پر عام طورتي اڄ ڪلهه اها غلطي ڪئي وڃي ٿي. گجگوڙ جڏهن ڪڪر گجندا آهن ته ان کي گجگوڙ چئبو آهي. پلا ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڪڙوئي لفظ شينهن ۽ ڪڪرن لاءِ واهپي ۾ آندو وڃي.

سنڌي ٻولي ۾ شينهن جي آواز لاءِ جيڪو لفظ استعمال ٿيندو آهي ان کي 'گروڙَ' چئبو آهي.

ڪنهن به ادبي تخليق خاص طرح ناول ۽ ڊرامي ۾ يونٽي آف ٽائيم ۽ پليس جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو ليڪڪ انهن شين جو خيال نٿو رکي ته سمجهبو ته ليڪڪ ناول جي فن کان اڻ واقف آهي. مثال طور ڪو ليڪڪ ارڙهين صدي جي ڪنهن دور واري ٻهراڙي جي هڪ ڪردار کي سواري ڪندي ڏيکاريندو ته هو ان کي ڪرولا ڪار ۾ نه بلڪه ان وقت جي مروج 'سواري' ٽانگهي، ڏاند گاڏي يا گهوڙي تي سفر ڪندي ڏيکاريندو . ۽ جيڪڏهن هڪ هيرو، هيروئن سان گڏ پيار، محبت ۽ خوشيءَ وچان نچندي ڏيکاريندو ته ان جي پسمنظر ۾ مقام نه، باغ ۽ باغيچو ڏيکاريندو.

ساڳي ريت لفظن جي استعمال ۾ يونٽي آف ٽائيم ۽ پليس جو خيال رکيو ويندو آهي. رسول ميمڻ هڪ جاءِ تي موئن جي دڙي واري سماج لاءِ سرمائيدار، صنعت، ڪارخانا، عمارتساز وغيره جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن.

*"مهين جو صنعتي، تجارتي اوج هو... بندر جي پر ۾ سرمائيدار برهاس جو مشهور سٽ جو ڪارخانو هو."*

هاڻي ڏنو وڃي ته لفظ 'صنعت' ۽ 'سرمائيدار' انقلاب فرانس کان پوءِ جا جديد تصور آهن. موئن جي دڙي واري سماج ۾ صنعت ۽ سرمائيداري جو تصور ڪونه هو. يا هو ته ان جو ڪنسيپٽ (Primitive) هوندو.

ليڪڪ کي کپي ها ته لفظ 'سرمائيدار' جي جاءِ تي 'پونجي واد يا وڻجارو'. ڪارخاني لاءِ 'پاندو' ۽ عمارتساز لاءِ 'اوستو، رازو يا اوڏ' استعمال ڪري ها ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

مجموعي طور تي ناول جي ٻوليءَ تي اردو ۽ فارسي جو اثر تمام گهرو نظر اچي ٿو.

## مقصدي پهلو:

ڪو به تخليقڪار جڏهن ادب تخليق ڪندو آهي ته ان جو مقصد اصلاحي، تنقيدي يا سُرت کي مٿي آڻڻ هوندو آهي. جيڪڏهن تخليق جو مقصد ڀرپور ۽ جاندار نه هوندو ته اها پنهنجي اهميت وڃائي ويهندي. هڪ اديب ۾ اها طاقت هوندي آهي ته اهو پنهنجي فن سان ماڻهوءَ جي جذبن کي اُڀاري ۽ ٺاري سگهي ٿو. افلاطون اديبن جي انهيءَ قوت کان ڊڄي ڪري ڪين پنهنجي مثالي رياست مان عطر هڻي ۽ گل پارائي نيڪالي ڏيڻ لاءِ چيو هو. پر افلاطون جي شاگرد ارسطو جو اديبن ڏانهن رويو الڳ هو. هو اديبن کي پنهنجي رياست ۾ رهڻ لاءِ اعليٰ مقام ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ ته هو اديبن جي ڪئٿارسس (Catharsis) جي قوت کي تمام گهڻو اهم سمجهي ٿو. ارسطوءَ ڪئٿارسس کي ادبي عدل ڪوٺي ٿو،

"...'Tragedy Through Pity and fear effects a purgation of such emotions'. So, in a sense, the tragedy having aroused powerful feelings in the spectator, has also a Therapeutic effect; after the storm and climax there comes a sense of release from tension, of calm."

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪنهن به ادبي تخليق ۾ ڪئٿارسس وارو عمل انتهائي اهم هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ادبي تخليق ۾ 'ادبي عدل' نه هوندو ته افلاطون واري ڳالهه سچ ثابت ٿيندي ته هڪ اديب ماڻهن جي جذبن کي اُڀاري ڪنهن غلط راهه تي لڳائي سگهي ٿو جيڪو ڪنهن به سماج ۽ ملڪ لاءِ سپاويڪ نه هوندو آهي.

رسول ميمڻ جي ناول 'قالوبلا' جو ڪونه ڪو مقصد آهي. ليڪڪ انهيءَ مقصد کي ڪٺي قلم ڪنيو آهي . هن جو مقصد آهي ته ڪائنات کي پيدا ڪندڙ، هلائيندڙ، موت ۽ زندگي بخشيندڙ ڪا به هستي ڪانهي. هي سڄو نظام حادثي سبب وجود ۾ آيو آهي.

هاڻي ڪائنات جي بقا جو دارومدار صرف ۽ صرف 'سنجوڳ' تي آهي. اسان جيڪڏهن انهي بحث کي ته ڇا دنيا خاص ڪري سنڌ مان غربت، بيروزگاري، ڪرپشن، وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي، سياسي ۽ معاشي استحصال، خانداني نظام جي پيچ ڊاهه، نفرت، قبائلي جهڳڙا، نوجوانن ۾ نشي جي لعنت- جهڙا مسئلا ختم ٿي ويا آهن ۽ رڳو هڪڙوئي اهم مسئلو يعني 'اڻ ڏٺل هستي' جي انڪار وارو رهجي ويو آهي. جنهن کي جيڪڏهن حل نه ڪيو ويو ته پوءِ بس هي سڄي سنڌ، سڄو ملڪ ۽ سموري دنيا هڪ وڏي ڳري مصيبت ۾ ڦاٿل هوندي ته به ليڪڪ جيڪو پنهنجي ناول مان پيغام ڏنو آهي اهو ڏيو ڏڪائيندڙ آهي. جنهن سان نوجوان ڀٽڪي سگهن ٿا.

مثال طور، ناول نگار پنهنجي لکڻي ۾ ثابت ڪيو آهي ته وارث خدا کي ڏاڍو ڳوليو. پر هوءَ ان کي ڪٿي به نه مليو. شروع کان وٺي آخر تائين ناول نگار پنهنجي لفظن سان پڙهندڙن جا جذبا اُڀاريندو رهيو آهي. ٻوري ٻئي طرف وارث ۽ عرشنا جو عشق ڏيکاري ٿو. جنهن ۾ وارث جا ڏکها ۽ ٿڪائيندڙ ڪشالا ڏيکاري ٿو، جنهن سان پڙهندڙن جي جذبن ۾ هڪ قسم جو اُڀار پيدا ٿئي ٿو. ۽ پڙهندڙ پاڻ کي وارث ۽ عرشنا سمجهن ٿا. جڏهن وارث پنهنجي محبوبا عرشنا کي بچائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته يقيناً ان جو اثر پڙهندڙن تي به ٿئي ٿو. هاڻي اهو ليڪڪ جو ڪم هو ته ادبي عدل ڪندي ماڻهن جي ڀڙڪندڙ جذبن کي ٿڌو ڪري ها ته جيئن اهي پاڻ کي هلڪو محسوس ڪن. پر ليڪڪ ڪئٿارسس وارو عمل وارث ۽ عرشنا جي وچ ۾ 'سنجوڳ' ڪرائي پورو ڪري ٿو. سنجوڳ به مئل عرشنا سان. حالانڪه مئل روح سان مباشرت ڪرڻ وارو عمل تخليقي عنصر جو تصور ئي غائب ڪري ڇڏي ٿو.

هڪ اديب کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته هو ان ادبي عدل سان ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهي ٿو؟ سماج ۽ ادب جي ڪهڙي خدمت ڪري ٿو؟ ۽ ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟

ليڪڪ کي گهرجي ها ته عرشنا جي مرڻ کانپوءِ وارث کي هڪ اهڙو محنتي ۽ سچو عاشق ڏيکاري ها جيڪو سائنس جي ميدان ۾ کوجنا ڪري ڪينسر جو علاج ڳولهي لهي ها. ۽ سموري دنيا جي ڪينسر ۾ ورتل مريضن جو علاج ڪري ها ته ان سان نوجوانن ۾ سٺو پيغام وڃي ها ۽ تخليق ۾ 'ادبي عدل' به ٿي وڃي ها. ■




# ڪراچي سنڌ جي مارئي

(ٻيو ايڊيشن- واڌاري ۽ سڌاري سان)

- A-4 سائيز، ميٽ پيپر تي
- 900 سئو کان مٿي صفحا
- 585 اڇيون ڪاريون ۽ رنگين ناياب تصويرون، نقشا ۽ چارٽ
- مُلهه 4000 رپيا

**نئون نياپو پبليڪيشن، سچل ڳوٺ**

رابطي لاءِ: 03332311582



# بيدل جي شاعريءَ ۾ جماليات...

غلام مصطفيٰ سولنگي

شاعريءَ کي سڄي دنيا ۾ صدين کان وٺي پر اسرار سمجهيو ويو آهي. ان حوالي سان ڪيترائي رايا موجود آهن. هڪ راءِ اها به آهي ته شاعري، شعور وسيلي ڪئي ويندي آهي. ڪن جو وري اهو خيال آهي ته شاعري وجدان جي دنيا مان ظاهر ٿيندي آهي. ڪجهه ڏاهن وري شاعريءَ کي آسماني چريائپ سڏيو آهي. هڪ اهڙي چريائپ، جنهن ۾ انسان شعر چوڻ شروع ڪندو آهي. افلاطون به ڪٿي لکيو هو ته شاعر، پنهنجي دماغ کان ٻاهر وڃي پوءِ شعر چوندا آهن. ڪجهه شاعريءَ کي آسماني آواز سمجهن ٿا ۽ ڪي وري ان کي الهامي آواز سڏيندا آهن. مطلب ته شاعريءَ تي راءِ ڏيندڙ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هڪ اهي جن جي خيال ۾ شاعري رڳو شعور مان ئي ڦٽندي آهي. ٻيا وري اهي آهن، جيڪي شاعريءَ کي الهامي آواز يا وجدان سڏين ٿا. عقليت پسند نقادن، شاعريءَ کي ‘شعوري عمل’ ڪوٺيو آهي. ان جي ابتڙ عقليت کي آخري حرف نه سمجهندڙ ڏاهن جو اهو چوڻ آهي ته شاعري هڪ وجدان آهي ۽ اهو وجدان “جمالياتي عمل” جو نتيجو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻي راءِ جي پيرائي ڪندڙن جماليات کي شاعريءَ جي تخليق جو بنياد پئي سڏيو آهي. هڪ مغربي ڏاهي هولڊران جو خيال آهي ته شاعري هڪ آسماني ڪنوڻ آهي، جيڪا جڏهن شاعر جي روح تي ڪرندي آهي ته پوءِ هر پاسي سونهن ئي سونهن نظر پئي ايندي آهي ۽ پوءِ ان سونهن جو درياءُ لفظن جو صورت ۾ وهڻ شروع ڪندو آهي.

دنيا جي ڪيترن ئي ڏاهن، فلسفين، شاعرن، اديبن ۽ نقادن جماليات کي شاعريءَ جو بنياد قرار ڏنو آهي. سنڌ جي لڳ ڀڳ مڙني ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن جي تخليقي ڪاوشن ۾ پڻ جماليات جا گهرا اولڙا ۽ اثر مل ٿا. خاص ڪري بيدل جي شاعريءَ کي “جماليات جي شاعري” سڏجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. ڇو ته سندس سموري شاعريءَ جي روايت جو بنياد جماليات تي رکيو ويو آهي. جماليات جو ڳانڍاپو وري عشق سان گهڻو گهرو آهي. اسانجي روايتي شاعراڻي فڪر ۾ عشق کي اعليٰ مرتبو حاصل آهي يعني هن سڄي ڪائنات جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ “عشق” ئي سمجهيو ويو آهي. حقيقت ۾ عشق ئي انسان کي خدا لاءِ قبوليت جوڳو بڻائيندو آهي. عشق ئي جمال آهي ۽ عشق ئي جلال بخشيندو آهي.

بيدل جي شاعريءَ ۾ جماليات هڪ اعليٰ قدر طور اختيار ڪيل آهي. سندس سموري شاعريءَ جي هرسٽ ۾ جماليات جي اُپٽار نظر اچي ٿي.

**حسن بسنت بهار بيرنگي، چمن ڪليا چوڏاري،**
**نقش ونگار عجائب ٻٽيا، هار سينگار هزاري،**
**سرو سنبل سوسن صد برگي، برهين عجب بهاري**
**بيدل بوءِ بهار دي پاوين، سرت وڃاوڻ ساري.**

هر وڏو شاعر پاڻ سان گڏ پنهنجي اظهار جي بيان جو انداز به ڪٺي ايندو آهي، پر اهو انداز شاعر جي ذات سان گهري ڳانڍاپي جي باوجود به سندس ذات تائين محدود ناهي رهندو ۽ روحاني، سماجي ۽ فني ساڃاهه جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌندو، روايتن مان سگهه وٺندو، جذبن ۽ تصورن جي منزلن کان لنگهندو، نيٺ حال ۽ مستقبل جا اهڙا نقش سگهارا ڪندو آهي جيڪي زندگيءَ جي عظمت ۽ روحانيت ۾ واڌارو ڪندا آهن. بيدل جي شاعراڻي متيرائپ خود پنهنجي ۽ دنيا جي قائم ڪيل سرحدن کي ٽوڙي اڳتي وڌڻ ۾ ئي نمايان ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو هو شخصي اظهار کان غير شخصي اظهار جا گس گهڙيندو ۽ پنهنجي جمالياتي تجربن جي سڌ ڏيندو اڳتي وڌندو رهي ٿو، سندس تجربا اهڙو اظهار بڻجي وڃن ٿا، جنهن سان زندگيءَ جي حسن ۽ رنگا رنگيءَ جو احساس وڌي وڃي ٿو . حسن ۽ رنگا رنگيءَ جي گهري ۽ اثرائتي اظهار لاءِ شخصي تخليقي سگهه سان گڏ جنهن تهذيبي جامعيت، داخلي احساس ۽ خارجي ادراڪ جي گهرج پوندي آهي، سا رڳو جمالياتي تجربن مان لنگهي ايندڙن جو ئي خاصو هوندي آهي. بيدل به اهڙو ئي شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي انسان جي روحاني زندگيءَ جون اهي لاٽون روشن ڪيون آهن، جن ۾ اڄ ۽ ڪلهه سميت ايندڙ هر زماني جا رستا نظر اچي سگهن ٿا.

بيدل جي سموري شاعري عشق ۽ سونهن جو چٽو پٽو عڪس آهي. هر وڏو شاعر پنهنجن ڪيفيتن کي ٻين تائين پهچائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ نوان امڪان ڳوليندو آهي. هو جنهن دور ۾ هوندو آهي، تنهن دور ۾ هلندڙ بيان ۽ اظهار جو طريقو سندس لاءِ اڻپورو هوندو آهي. تنهنڪري هو ڪڏهن روايت ڏانهن ڏسندو آهي ته ڪڏهن وري پنهنجي شخصي تجربي ۽ اظهار کي اهميت ڏيندو آهي ۽ نيٺ ٻنهي جي ميلاپ سان هڪ نئين تجربي، هڪ نئين روايت ۽ هڪ نئين انداز کي جوڙي وٺندو آهي. بيدل جو ڪمال اهو آهي جو هن سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي شاعريءَ جي جمالياتي روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي هڪ نئون آواز ۽ نئون لهجو سونهون ڪرايو. ان لهجي جا اثر بيدل کانپوءِ ٿيندڙ شاعريءَ تي تمام گهڻا پيا. سچل کانپوءِ ويندي بيدل واري دور تائين سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت نهايت ڪمزور ٿي چڪي هئي، پر بيدل ان کي هڪ نئين سگهه عطا ڪئي ۽ پنهنجي انفرادي شعري تجربي سان ان روايت جي مئل جسم ۾ هڪ نئون روح وڌو. بيدل جي جمالياتي شاعريءَ جو سڀ کان مکيه پاسو اهو آهي جو هن ان شاعريءَ ۾ مٿانهين فڪر ۽ سوچ کي آندو ۽ اهڙيءَ طرح سندس شاعري هڪ وڏي جمالياتي تجربي جو عڪس بڻجي پئي.

هونئن به هڪ وڏو شاعر جماليات جي وسيلي ئي خيالن ۽ تصورن جي هڪ وسيع دنيا ڪٺي ايندو آهي. ساڳيءَ ريت بيدل وٽ جمالياتي فڪر جي گهرائي جذبي جي شدت، احساس جي تازگي ۽ نواڻ ۽ شاعراڻي تجربي جي گهرائي نظر اچي ٿي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ روايتن جي پابنديءَ جو قائل ناهي، بلڪ ٻي جان ۽ کوکلين روايتن کي ترڪ ڪندي نظر ٿو اچي. سندس شاعريءَ ۾ سوچ جي هڪ نئين دنيا، معنا جو هڪ نئونءَ نرالو جهان ۽ تخيل ۽ تصور جو هڪ نئون رنگ ملي ٿو. جيڪو جماليات جي اثر ڪري ئي مٿانهون ۽ معتبر لڳي ٿو، اهوئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ جماليات جي اپٽار ۽ شعور جو سفر آسانيءَ سان طئي ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**ذات ڇپاوت، لوڪ پلاوت، لالن ڪيڙو لبيس،**
**ڪيو هن جلوي رنگ برنگي، نينهن وارن کي نيس.**

بيدل کان اڳ سنڌي ۽ سرائيڪي شاعريءَ ۾ جماليات جو عنصر رڳو تصوف جي مضمونن جي حوالي سان هو، تصوف ۾ حواسن کان ماورا حقيقتن ۽ روين کي موضوع بڻايو ويندو آهي. انهن موضوعن جو زندگيءَ جي مادي حقيقتن سان بنهه گهٽ واسطو هوندو آهي . اهوئي سبب آهي جو تصوف جا مضمون، شاهه لطيف کي ڇڏي ڪري، سنڌ جي مڙني شاعرن وٽ روايتي طور تي موجود آهن. شاهه لطيف، جيئن ته پاڻ هڪ باعمل صوفي هو، ان ڪري وٽس تصوف جي واردات خالص طور تي تصوف جي اصطلاحن ۾ بيان ٿي آهي، پر تنهن هوندي به هن حقيقت جي منزل تائين



# انڪار جي جرئت ڪندڙ ماڻهو...

مختيار ابڙو، تاج بلوچ ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي

فوٽوگرافي: هالار احمد

**سڀ کان پهريان سوجهرو جي پڙهندڙن سان پنهنجو مختصر تعارف ڪرائجو؟**

منهنجي پيدائش 26هين نومبر 1947ع تي ٿي. پرائمري تعليم رتيديري مان ئي ورتي. جڏهن مئٽرڪ ۾ هئس ته منهنجو بابا سائين رحلت ڪري ويو. ۽ مون مئٽرڪ ڪري نوڪري ڪرڻ جو سوچيو. پر ڏٺم ته منهنجي عمر ان وقت اڃا سترهن سال هئي ۽ سجاٽپ ڪارڊ 18 سالن جي ڄمار ۾ ٺهيو. اهو سوچي انٽر ڪرڻ جو فيصلو ڪيم. جڏهن انٽر پاس ڪيم ته فاريسٽري جو امتحان ڏنم ۽ اهو پاس ڪري فاريسٽري ۾ ﭔي.ايس.سي ڪرڻ لاءِ پشاور ويس. اتان جڏهن BSc ڪري موٽيس ته مونکي R.F.O جو آرڊر جيڪو اڳ ئي مليل هو. ڇاڪاڻ ته اڳ به ائين ئي هو ۽ پانيان ٿو ته هاڻ ﭔائين آهي ته انٽر پاس ڇوڪرن کان R.F.O جو امتحان ورتو ويندو آهي. ۽ ڪامياب شاگردن کي پشاور سکيا لاءِ ۽ BSc ڪرائڻ لاءِ موڪليو ويندو آهي. پڙهائي دوران وظيفو پڻ ملندو آهي. ۽ اسٽڊي ٽور لاءِ پڻ ڪنهن سٺي هنڌ موڪليو ويندو آهي. اسان کي ٻه ٻن مهينن لاءِ بنگلاديش موڪليو ويو. انهن ٻن مهينن دوران بنگال جا ڪافي شهر ڏٺا. بنگالين سان ملياسين.

**بنگالين جو توهان سان رويو؟**

بنگالين جو رويو سٺو ۽ دوستاڻو رهيو مان مجيب خان جي ٻن جلسن ۾ به ويس. ڇا ته مڙس جو دور هو. بنگالين ۾ وڏو جذبو ڏسڻ ۾ آيو. توڙي جو اهو دور ڇڪتاڻ وارو هو. پوءِ به بنگالي اسان سان سٺي نموني ملندا هئا.

**معنيٰ توهان RFO ٿي موٽيا؟**

ها، آئون RFO ٿي آيس. سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي نوڪري ڪيم. پر ترت مقابلي جي امتحان جو خيال آيو. ۽ پوءِ امتحان ڏئي 1979ع ۾ SDM ٿيس. مختلف هنڌن تي نوڪري ڪيم. اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيس. ڏاڍو ڏکيو دور به ڏٺم. پر هر صورتحال کي مڙسي سان منهن ڏنم. پوءِ وري ڊپٽي ڪمشنر ٿيس ۽ ٽر- مني، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون نڀايم. 2001ع ۾ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر پڻ ٿيس. ۽ انتظامي ذميوارين ۾ ٿوري تبديلي سان 2002ع کان 2003ع تائين نوابشاهه ۽ 2003ع کان 2005ع تائين سکر جو DCO ٿي رهيس. ڪجهه عرصو ڪلچر ۽ ٽورزم ۽ سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن واري کاتي جو سيڪريٽري به رهيس. تعليم کاتي جو اسپيشل سڪريٽري به رهيس. ائين ئي پنهنجي ڪيريئر کي پورو ڪيم ۽ رٽائر ٿيڻ کان ڏيڍ مهينو اڳ بنان پوسٽنگ جي وقت گذاريم ۽ پوءِ رٽائر ڪري اچي گهر ويهي رهيو آهيان.

**رٽائر ٿيڻ کان اڳ ڏيڍ مهينو اڳ بنا پوسٽنگ جي رهڻ پويان ڪو خاص ڪارڻ؟**

وڏو ٺهڪ ڏيندي- ڪارڻ ٻيو ته ڪجهه ڪونه هو. بس "نه" ڪرڻ جي جرئت جيڪا سڄي ڪيريئر ۾ ڪندو آيس. ائين ڪنهن معاملي تي "نه" ڪيم ته اختيارين کي ڳالهه نه وڻي ۽ منهنجو ئي دوست سڏائيندڙ ارباب رحيم ان وقت CM هو. ان جي دور ۾ پوسٽنگ تان دستبردار ٿي گهر هليو آيس. ۽ اڄ مطمئن زندگي پيو گذاريان ته جتي جتي به مون کي نه ڪرڻي هئي اتي اتي مون "نه" ڪئي ۽ جتي ها ڪرڻي هئي اتي "ها" ڪيم.

**محمد ٻچل منگي کان عبدالقادر منگي ٿيڻ جو احوال؟**

اصل ۾ بابا سائين کي اولاد ته ٿيندي پئي آئي پر ننڍي هوندي ئي يا ڄمندي ئي فوت پئي ٿي وئي. ان ڪري بابا منهنجو نالو محمد ٻچل رکيو. پوءِ منهنجي نالي جي ڪٽ تي منهنجن ڪزنس جا نالا به رکيائون. ڇتل- وريل... پر سچ پڇو ته اڄ به منهنجا گهڻا مائٽ مونکي 'ٻچل' ڪري ڪوٺيندا آهن. ۽ مونکي سٺو لڳندو آهي.

**فنانس ۽ پلاننگ جي حوالي سان به توهان ڪو ڪم ڪيو. ڪي ذميواريون سنڀاليون؟**

ها ان حوالي سان مون ڪيترين ئي NGO's سان ڪم ڪيو ۽ ان کانسواءِ لاڙڪاڻي ڊويزن جي پيپلز پروگرام جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر رهيس. سنڌ جي تعليم کاتي جي پلاننگ ۽ مانيٽرنگ سيل جو ڊائريڪٽر رهيس. ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي فائنانس ۽ اڪائونٽس ملير جو ڊائريڪٽر رهيس. سوشل ويلفيئر واري کاتي جو ڊائريڪٽر رهيس ۽ گورڪ هل ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل جون پڻ ذميواريون سنڀاليم.

**شاگردي واري زماني ۾ توهان کي ذهين شاگردن ۾ شمار ڪيو ويندو هو يا نه؟**

آئون ذهين شاگرد هيس. استاد به مونکي گهڻو ڀائيندا هئا. مئٽرڪ ۾ رياضي ۾ مون 99 مارڪون ڪنيو ته استاد پڇيو ته 100 ڇو نه ڪنئي؟ مون چيو، 'سائين، مارڪون ڏيڻ وارو به استاد هو.' مطلب ته ذهين هئس. مونکي ياد ٿو پوي ته هڪ انسپيڪٽر اسڪولز آيو ۽ اسان جي ڪلاس ۾ سوال پڇيائين، 'اجتماعي ترقي اهم آهي يا انفرادي؟' منهنجي ڪلاس ٽيچر مونکي جواب ڏيڻ لاءِ چيو. مون پهريان ته انسپيڪٽر رضا محمد پٽو صاحب..... کان پڇيو، "انفرادي ۽ اجتماعي ترقي آهي ڇا؟" هو اول ته وائڙو ٿي ويو. پر پوءِ سمجهيائين جنهن تي مون جواب ڏنو. ظاهر آهي انفرادي ترقي اهم آهي. اسان انفرادي طور جڏهن ترقي ڪري وٺنداسين ته اجتماعي ترقي ازخود اچي ويندي. هو ڪجهه مطمئن ٿيو ڪجهه نه ٿيو. پر آئون اڄ به ان نُڪتي تي بيٺل آهيان. ۽ انفرادي ترقي وڌيڪ اهم آهي.

**توهان پٽي صاحب جو دور ڏٺو- ڪيئن هو؟**



منگي صاحب، مسز منگي صاحبه ۽ تاج بلوچ

پٽو صاحب هڪ طوفان ٿي آيو هو. هن جي شخصيت جي سحر سيني کي وڪوڙي ڇڏيو. آئون هڪ ڀيرو ساڻس مليو هئس. سني ڪچهري ٿي ان وقت آئون پشاور ۾ پڙهندو هئس. ڪچهري ڪانپوءِ مون پٽي صاحب کي فوٽو لاءِ چيو. اسان اٿي بيناسين. مون پنهنجي دوست کي فوٽو ڇڪڻ لاءِ چيو. هن ڪئمرا کولي چيو ته رول ختم ٿي ويو آهي. پٽي صاحب مسڪرائي چيو، ”Its ok Gentleman – Next Time“

پٽي صاحب جو دؤر آئون چوندس نئين جاڳرتا جو دؤر هو. فارين ڊيليگيشنس ايندا هئا. بحث ٿيندا هئا. معاهدا ٿيندا هئا. ترقي پئي ٿي. اڄ جي پٽو صاحب هجي ها ته توهان پاڪستان کي يورپ جي برابر ڏسو ها. پٽو ڪمال جو Aesthetics ماڻهو هو. هو هر شيءِ ۾ حسن ڏسندو هو.

**توهان ون يونٽ لڳندي ۽ ٽٽندي ڏٺو- ڪيئن لڳو؟**

ون يونٽ جو دؤر به اوکو دؤر هو. پر آئون مڃان ٿو ته ان دؤر ۾ آئون ڪنهن به پليٽ فارم تي متحرڪ ڪونه هئس. مونکي ادب طرف راغب ڪرڻ وارن ۾ هدايت پريم ۽ ٻيا دوست هئا. اسان پڙهندا هئاسين. شاعري به ڪيم. پر آئون ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ متحرڪ ڪونه هئس. ٻيو ته انهن ڏينهن ۾ آئون شاگرد به هئس ته نئين نئين نوڪري به شروع ڪئي هيم.

**ايم آر ڊي جي تحريڪ کي توهان ڪيئن ڏٺو؟**

ايم آر ڊي جي تحريڪ دؤران آئون پنهنجون ذميواريون بهتر طريقي سان نڀائيندو رهيس. ڪنهن کي به تڪليف نه ڏني. اپتري تائين جو هڪڙو ڀيرو بابو شاهه ڇهه ست هزار ماڻهن جو جلوس ڪڍيو. سرڪار خلاف نعري بازي ڪئي. مون وٽ ڪل 25، 26 پوليس وارا هئا. حڪم آيو ته انهن کي ڊسپرس ڪرڻو آهي. مون گهڻو ئي چيو ته 25، 26 پوليس واري ڇهه ست هزار ماڻهن کي ڪيئن ڊسپرس ڪندا؟ پر حڪم، حڪم هوندو آهي. اسان ٽيئرگئس هلائي ڪجهه ماڻهو ٽڙيا پکڙيا. اسان ٽاٽي تي پهتاسين. خبر پئي ته ٽيئرگئس ختم ٿي وئي. مظاهرين ٽاٽي جو ڪٽي گهيرائو ڪيو. هڪ ڳالهه هئي ته ماڻهو منهنجي عزت ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته آئون ڪنهن سان نه ظلم ڪندو هئس نه ظلم ڪرڻ ڏيندو هئس. نيٺ اڪيلي سر مظاهرين ڏانهن هليو ويس. چيم توهان ڪٽيو اسان هارايو. هاڻي مهرباني ڪري ماڳن ڏانهن هليا وڃو. هو ويچارا سڀ هليا ويا. ڪي. بي. رند کي جڏهن ٻڌايم ته پهريان ته حيران ٿيو. پر پوءِ چيائين تو بيوقوفي ڪيئي توکي ماري ڇڏين ها ته پوءِ؟ مون چيو مون ئي هنن کي ڪڏهن ناهي ماريو تهو چو مارين ها؟ ائين ڪو به احتجاج هجي آئون ويندو هئس ته ماڻهو عزت ڏيندا هئا. اردو سپيڪنگ احتجاجين ڏانهن به آئون ويندو هئس ته هو مان ڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر هوندي هئي ته آئون ساڻن ناانصافي ٿيڻ نه ڏيندس.

**ادب طرف توهان جو رجحان ڪيئن پيدا ٿيو؟**

اصل ۾ هدايت پريم، عبدالغني عرف سليم چنا سينئر، بيدل مسرور مونکي سنڌي ادب پڙهڻ تي هيرايو. ۽ شاعري طرف وري وفا ناٿن شاهي صاحب منهن جو ڌيان ڇڪرايو. ائين نه صرف پڙهڻ ۽ لکڻ جي حد تائين ادب سان اٽيچ رهيس. اردو ادب سان منهنجو تمام گهڻو چاهه آهي. ۽ اهو منهنجي استاد سائين عبدالوهاب صديقي صاحب جي طفيل آهي. هو انهن ڏينهن ۾ ايم. اي (اردو) ڪندو هو. هن لڳ ڀڳ سڀئي اردو جا ڪلاسيڪل شاعر مونکي پڙهايا. غالب ته جهڙوڪ منهنجي روح تي غالب ٿي ويو. ٻيا به اردو جا شاعر وڻيا ۽ اردو شاعري سان جهڙوڪ هڪ ناتو جڙي پيو. ۽ اهو ناتو اڃا تائين قائم آهي. منهنجي لائبريري ۾ توهان کي اردو انگريزي ۽ سنڌي ادب جا پنج هزار کان وڌيڪ ڪتاب ملندا. ڪتابن جي ناتي، ادب سان جوڙي رکيو آهي ۽ آئون خوش آهيان.

**ٿر کي توهان ڪيئن ڏٺو. جو توهان ان تي پروگرام ڪرائي هڪ ضخيم ڪتاب ترتيب ڏئي ورتو؟**

ٿر منهنجو ايڊونچر هو. ڇاڪاڻ ته ٿر سنڌ جو هڪ نرالو خطو هو. ۽ آهي. مان 92-93 ۾ اتي DC ٿي ويو هئس. سهولتن جي اٽاٽ- واري ئي واري- پر اها واري وٽي پئي. سوچيوسين سيمينار ڪرائجي ۽ اهو سيمينار ڪرايو. 400 کان وڌيڪ ماڻهو آيا. ظاهر آهي ته ٿر جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ انهن جي رهائش کان ويندي کاڌي پيتي تائين جا مسئلا هئا. پر شڪر آهي. ٿر واسي عزت ڪندا هئا. جنهن جنهن تي وس ۽ وت آهر جيترو بار رکيوسين اهو انهن کنيو. مثال ڪنهن وٽ 20 ماڻهو رهاياسين ڪنهن وٽ 10 ماڻهو. مون پاڻ پنهنجي گهر ۾ گهٽيون عورت ليکڪائون ٽڪايون. سيمينار ٿيو. سيني کي وڻيو. اسان ان موقعي تي ڪجهه ٺهراءُ پاس ڪيا. پوئين ڏينهن ۾ هڪ ٿري دوست ٻڌايو ته گئس ڪانسواءِ هُر اها سهولت ٿر ۾ پهچي وئي آهي. جيڪا جيڪا اسان ان سيمينار جي موقعي تي گهري. سيمينار ۾ پڙهيل مقالن کي گڏ ڪري ڪتاب شايع ڪرايوسين. 2013ع ۾ ان ڪتاب جو ٽيون ڇاپو آيو آهي. بهرحال سيمينار ڏاڍو ڪامياب ٿيو. سڀ دوست خوش ٿيا.

**توهان ڀنڀور تي به پروگرام ڪرايو؟**

ڀنڀور به هڪ ڊيڊ اشو هو. جنهن کي اسان ڪوشش ڪري ان تي ڌيان ڇڪايو. منهنجو اصل مقصد اهوئي هو ته ڀنڀور کي هڪ طرح سان پروجيڪٽ ڪرايو وڃي ۽ اهو مون ڪيو. ان موقعي تي پڻ ڪيترائي مقالا پيش ٿيا. ڪنهن چيو ڀنڀور آهي ڪنهن چيو ديبل آهي. ڪا هڪ راءِ قائم ٿي نه سگهي. پر هڪ ”ڊيڊ“ اشو تي محققن

منگي صاحب، مسز منگي صاحبه، تاج بلوچ ۽ منگي صاحب جا فرزند





منگي صاحب، فيملي سان اترئين علائقي ۾

ڏيان منگي صاحب بہ ڪونہ ڏيندو هو تہ پاڻ ڪمشنر يا سيڪريٽري آهي ۽ سندس گهر واري اسسٽنٽ پروفيسر يا ليڪچرر يا هاڻ تہ آئون بہ ايڊمن ۾ آهيان. ايڊيشنل ڊائريڪٽر. پر منگي صاحب انهن شين تي ڌيان ناهي ڏيندو. ۽ هاڻي پاڻ رٽائر آهن ۽ آئون جاب ڪريان پئي.

**منگي صاحب جي ايڊمنسٽريشن مان توهان کي فائدو پيو؟**

ها ڪيترن ئي معاملن ۾ ساڻن آئون ڊسڪس ڪندي آهيان. ڪورٽ ميٽر هوندا آهن. ڪمينٽس ڊرافٽ ڪرڻا هوندا آهن يا ڪو ٻيو معاملو. آئون ساڻن مشورو ڪندي آهيان ۽ منگي صاحب جي صلاح هميشہ لاپائتي ثابت ٿيندي آهي.

**منگي صاحب جي گريس فل پرسنلٽي ۽ رومانٽڪ طبيعت سبب ڪي مسئلا تہ ناهن ٿيندا؟**

ٺهڪ ڏيندي... نہ ڪو خاص مسئلو ناهي ٿيندو. چاڪاڻ تہ آئون ڪيس ايترو موقعو ناهيان ڏيندي. باقي جڏهن بہ ڪا/ڪو خوبرو چهرو ڏيندا آهن تہ سندن لهجي ۾ سُر ۽ مٺاس اچي ويندو آهي ۽ آئون سمجهي ويندي آهيان. ٿورو ئي چتائي ڏسندي آهيان تہ پاڻ ئي صفائي پيش ڪندا آهن تہ نہ مون تہ ڪجهہ نہ پئي چيو. بس عورتون پاڻ اهڙيون آهن. آئون بہ چئي ڏيندي آهيان تہ عورتون اهڙيون آهن تہ ڇڏيو پاڻ هلون ٿا. وري ڪنهن ٻي پاسي هليا ويندا آهيون.



منگي صاحب شباب جي ڏينهن ۾...

## قادر صاحب پنهنجي گهرياتين جي نظر ۾

**عزيز فاطمہ (وني): (ميڊم ناليواري ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي پيڻ آهي. هوءَ تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر آهي. هوءَ هڪ بهترين ماءُ، منظم گهر ڌڄاڻي ۽ ذميوار خاتون آهي. سوجهرو سندس بهترين مهمانوازي لاءِ مشڪور آهي- ت.ب)**

منگي صاحب جي شخصيت گهڻ رخي آهي. آئون سندن شخصيت ۾ پنهنجن پنهنجن پائرن جون خوبيون پسندي آهيان. شايد ان ڪري ئي مونکي ساڻن شادي ڪانپوءِ ڪا بہ اوپرائپ محسوس نہ ٿي. منگي صاحب ۾ ادا نسيم کرل (جنهن کي آئون پيءُ جي حيثيت ڏيندي آهيان چاڪاڻ تہ ادا نسيم هڪ شفيق پيءُ وانگر مونکي پاليو هو) واري ادبي ذوق ۽ لاڙو آهي. ادا فهيم وانگر مهمان نواز آهن. ادا نسيم وانگر مزاح ۽ ظريفاڻو رويو رکن ٿا. ادا نعيم کرل (جيڪو هن وقت ايم پي اي آهي) وانگر سياسي طبيعت جا آهن تہ ادا شهيد ڊاڪٽر سليم کرل وانگر خوش مزاج ۽ سدائين مرڪندڙ آهن. ائين- منگي صاحب تمام گهڻو ملنسار ۽ دوست آهي. هو جتي جتي بہ ويو آهي. اتي اسان کي گڏ وٺي ويو آهي. سندس ڇهري جي مُرڪ جهڙوڪ سڀني پريشانين جو حل هوندي آهي. آئون ساڻس ڏاڍي خوش آهيان.

**انيس قادر (وڏو پٽ): (منگي صاحب جو وڏو فرزند آهي. پيشي جي لحاظ سان ڊاڪٽر آهي. پڙهيل لکيل آهي. مختلف عهدن تي رهيو آهي- ت.ب)**

محمد اريس (ٻيو پٽ): (اريس منگي صاحب جو ميڊم کرل مان وڏو فرزند آهي. تمام گهڻو ذهين آهي. آرٽسٽڪ سوچ رکندڙ هڪ بهترين فوٽو گرافر آهي. ڪين سافٽ ويئر انجنيئر ٿيڻ جو شوق آهي- ت.ب) سندس چوڻ آهي تہ سندن بابا تمام گهڻو پڙهيل لکيل ۽ سندس لاءِ رول ماڊل جي حيثيت رکي ٿو. هو تمام گهڻو خيال رکندڙ ۽ دوستاڻي طبيعت جو مالڪ آهي. اريس جو چوڻ هو تہ سندس والدين جي گهر ۾ دوستاڻي رويي سبب هو ڏاڍو خوش آهن. هو پنهنجن دوستن کي بہ منگي صاحب سان ملائيندو رهندو آهي. اريس کي منگي صاحب جي ڪتابن جي چونڊ ۽ مطالعي جي شوق واري عادت تمام گهڻي وڻندي آهي.

علي حميس (ننڍو پٽ): (مصوراڻي طبيعت جو مالڪ. هن ڪيترين ئي تصويرون ٺاهيون آهن. پالتو جانورن جو تمام گهڻو شوق رکي ٿو. انسان گڏلڪڻ پڙهڻ جو پڻ تمام گهڻو شوق اٿس- ت.ب) هو وڏو ٿي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ جهنگلي جيوت جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو رکي ٿو. منگي صاحب لاءِ سندس چوڻ هو تہ سندن بابا تمام گهڻو پيار ڪندڙ ۽ سندن خيال رکندڙ شخصيت آهي. حميس جو چوڻ هو تہ ڪيس جڏهن بہ ڪا ڳالهہ گهر ۾ ميڙائڻي پوندي آهي تہ هو پنهنجي امان بدران بابا کان ميڙائيندو آهي. سندس نظر ۾ ماءُ وڏيڪ سخت آهي ۽ بيءُ تمام گهڻو شفيق ۽ دوست طبيعت جو مالڪ آهي. ■



# اهڙا سيڻ سڌير...

ج.ع.منگهاڻي

سوجهرو ۾ لکڻ ڄڻ ته منهنجي ٻين بي شمار ڪمن ۽ ذميوارين ۾ شامل ڪو ڪم هجي. ڪا ذميداري هجي، جيڪا نڀائيندي ڪڏهن مزو ۽ خوشي ٿيندي آهي ته ڪڏهن وري چڙ ڏياري ويندي آهي.

هن ڀيري تاج بلوچ صاحب چيو، "سوجهرو ۾ عبدالقادر منگي صاحب تي ڪارنر ڪڍڻو آهي. تون ڪجهه لکي ڏي." مون جواب نه ڏنس ته، چرڪي پيو. ڇو جو منهنجي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه هئي جنهن جي خبر تاج بلوچ صاحب کي هئي. چيائين، "ضروري ناهي ته ڪو وڏو مضمون لک. بس ڪجهه نه ڪجهه لکي ڏي. ڀلي اهي ٻه لائينون ئي ڪٽي هجن. ٻه پيئراگراف هجن. پر تنهنجي نالي جي موجودگي ڪارنر ۾ ضرور هئڻ گهرجي."

آئون دل ئي دل ۾ مرڪي پيس. ڇو جو مون کي خبر هئي ته آئون انهيءَ مهربان ۽ مشفق هستيءَ تي ڪيترو لکي سگهان ٿي.

عبدالقادر منگي صاحب هڪ وڏو بيوروڪريٽ رهي چڪو آهي. جڏهن ته ڪنهن به سنڌي بيوروڪريٽ جي نالي ٻڌڻ سان جيڪو پهريون تاثر منهنجي ذهن ۾ اڀرندو آهي. اهو هڪ راشي، ڪرپٽ، عياش، ٻٽاڪي، اجايو رعب، ڏيڪاءُ، پاڻ پڏائڻ وارو ۽ غير واجبي دٻدٻي ڪرڻ وارو هوندو آهي (جڏهن ته اهي عوام جا پگهاردار نوڪر آهن جن جو ڪم ئي عوام جي خدمت ڪرڻ هوندو آهي. اهوئي چوڻ سندن لاءِ ڪافي آهي)

جڏهن ته عبدالقادر منگي صاحب سان جيتري سڃاڻپ اٿم ان ۾ هو مونکي انهن ڪامورن جي ابتڙ ۽ مختلف ماڻهو لڳو. (جيئن منهنجي منٺڙي گلابن جيان ٽڙندڙ ڀيڻ مهتاب اڪبر راشدي صاحبه)

عبدالقادر منگي صاحب هڪ بيحد نهٺو، ماٺيڻو، ٿور ڳالهائو. پر خلوص ۽ پيارو ماڻهو آهي، جنهن سان ڳالهائڻ مهل ڪڏهن به ڪنهن اوپرائپ جو احساس نٿو ٿيئي. ٻين جي خبر نه اٿم باقي مونکي ڪڏهن به ساڻس ڳالهائيندي ڪنهن تڪلف جي ضرورت نه پيئي.

ڪيس پهرين فون ڪال (20 اپريل 2007ع) تي ڪيم. جڏهن پاڻ سيڪريٽري ڪلچر هو. ۽ آئون لطيف رحه جي، 'هرڻ هماءُ' وانگيان لطيف رحه جي نسخن لاءِ سنسار ۾ سرگردان هيس/آهيان. منهنجي پهرين فون ڪال به انهيءَ ئي سلسلي جي ڪڙي هئي.

مونکي خوشي ٿي ته هو نه رڳو مونکي سڃاڻي ٿو. پر هن منهنجو ناول، 'رڄ' جيڪو 2006ع ۾ سنڌي اڪيڊمي دهلي (انڊيا) وارن ڇاپيو هو جنهن جي قيمت تڏهن اڍائي سو رپيا هئي. ۽ جيڪو سنڌ ۾ ملڻ ناپيد هو. اهو به هن ڪنهن ادبي سوداگر کان پنج سو روپين ۾ خريد ڪري پڙهيو آهي.

وري هاڻي جڏهن ايڏي وڏي وقت ڪانپوءِ ڪلهه (23 سيپٽمبر 2014ع) هن فون ڪري مون سان ڳالهايو. تڏهن به هو ساڳيو نهٺو، ماٺيڻو، سنجيده، شفيق ۽ مهربان هو. پر هن ڀيري گفتگو ڪندي هو ڪجهه وڌيڪ سنجيده بلڪه پريشان به لڳو. ڇو جو تاج بلوچ صاحب ڪيس اهو ٻڌائي ٻاتاڙي ڇڏيو هو، 'سوجهرو مٿس ڪارنر ڪڍڻ ٿو چاهي. جنهن لاءِ ڪائونس انٽرويو ڪرڻو آهي.'

مونکان پڇيائين، 'انٽرويو ڪرڻ ڪير ايندا؟'

چيم، 'تاج بلوچ صاحب ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي.'

چيائين، 'هو ڇا پڇندا؟ مون بابت ڪين ڪهڙي ڄاڻ ۽ خبر اٿن؟'

چيم، "ظاهر آهي هو ڪارنر ڪڍن پيا ته ڪجهه نه ڪجهه ته ڄاڻندا هوندا."

چيائين، "تون ڇو نٿي انٽرويو وٺڻ اچين؟"

مون کلي ڏنو. پاڻ به کلي چيائين، "ايڏي بدصورت آهين ڇا؟" ۽ وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

چيم، "توکان گهٽ..." ۽ ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلياسين.

چيم، "ڪمال آهي مان انٽرويو وٺڻ ڇو اچان؟ منهنجو ڇا وڃي؟"

"سوجهرو ته تنهنجو آهي!!"

چيم، "نه، سوجهرو تاج بلوچ صاحب جو آهي ۽ اهوئي ان جو مالڪ آهي."

چيائين، "ساڻ ته تنهنجو به وڏو آهي."

چيم، "ها بلڪل، ان لاءِ ته سوجهرو سنڌ جو واحد معتبر ادبي پرچو آهي جيڪو سترهن سالن کان مسلسل نڪري رهيو آهي. اهو به پهرين تاريخ کان به اڳ نڪرڻ واري ڪمال سان گڏ."

سوجهرو ۾ اهل ماڻهن کي ڪارنر جي روپ ۾ خراج ڏيڻ وارو انداز بقادار آهي. ايئن پڙهندڙ اهڙين شخصيتن بابت ڄاڻ حاصل ڪندا آهن جن بابت اڳوڻن گهٽ بلڪه اڻ هوند جيتري معلومات هوندي آهي.

عبدالقادر منگي صاحب جي شخصيت به اهڙي ئي معتبر ۽ بقادار آهي جنهن بابت ماڻهن وٽ گهٽ علم آهي.

عبدالقادر منگي صاحب انهن ٿورن بلڪه بلڪل ٿورن آفيسرن منجهان هڪ آهي جيڪي پاڻ پڏائڻ وارن جراثيمن کان پاڪ صاف، ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو ڪم ڪندا ۽ فرض نڀائيندا آهن.

ڪيس پنهنجي ٻولي، ادب ۽ ثقافت سان چاهه آهي. پنيور ۾ ڪرايل سيمينار، پنيور کي سسئيءَ جهڙي سڃاڻپ ڏني.

هاڻ نه جيئان جيڏيون، زلف زاف ڪيس،
ڪاڪل آءُ ڪٽياس، پنيو جو پنيور ۾.
(شاهه رحه)

سنڌ جي امر ڪردار وتائي فقير تي ڪوٺايل ڪانفرنس وتائي فقير جي مواد کي سهيڙڻ ۾ مدد ڏني.

ٺٽ ۾ ڪرايل سيمينار ۽ ڪانفرنس ٺٽ جا هنر ۽ مسئلا ماڻهن اڳيان پڌرا ڪيا. ۽ ٺٽ جيڪو پسمنظر ۾ هو اهو ڄڻ ته پيش منظر تي ويو،

"ٺورا منجهه ٺرن، مون سين ماروءَ جي ڪيا."

انهن سڀني سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ سندس پنهنجو ڪردار هڪ گهڻ گهري گهرپاتيءَ جهڙو رهيو. جنهن مهمانن ۽ مقامي ماڻهن کي پيار ۽ محبت‌مان‌هڪ ٻي سان متعارف ڪرايو. ۽ سندن ڀرپور خاطر مدارات ڪئي.

اهي ڪي معمولي واقعا ناهن. ايئن جي هر ضلعي آفيسر پنهنجا قرض، حق ۽ سچ سان نڀائي ته ڪوبه مسئلو منجهيل نه رهي.

عبدالقادر منگي صاحب ادب دوست ۽ گهڻ پڙهيو ماڻهو آهي. وٽس سٺي لائبريري آهي جيڪا ڪيس 'پاڙهو' ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ۽ وڏي ڳالهه ته وڏو علم رکڻ جي باوجود هو ٿور ڳالهايو آهي. ۽ جيئن‌رب هڪ زبان ۽ ٻن ڪن ڏنا آهن تيئن هو به فطرت جي جوڙجڪ جي مخالفت نٿو ڪري. بلڪه گهٽ ڳالهائي، گهڻو ٻڌي هو ان تي محڪم بيٺل آهي. ڳالهائيندو آهي ته لطيف رحه جو هيءُ بيت ياد اچي ويندو آهي،

ڪن ٿي ڪيچين ڪڇيو، ڪُڇُ مَ، ٿا ڪُڇن
اشارتون ان جون، سڪوتان سڄن
وڌان ويهي تن، سڻ ته سوز پرائين.
ايئن ئي ٻڌندڙ دمبخود ۽ آسائتو رهجي ويندو آهي.
(شاهه رحه)

آئون ته هونئن ئي لطيف رحه جي رزخريد ٻانهي آهيان/فقيرياڻي آهيان. ڪم به لطيف رحه تي ڪريان ته ياد به رڳو لطيف رحه ئي اٿم. سنڌ جا هيترا نوان پراڻا شاعر آهن. حرام جو ڪنهنجو ڪو شعر ياد ايندو هجي. آئون پاڻ به جهڙي تهڙي شاعري ڪندي آهيان. پر سُوئر ڪو مونکي پنهنجو به ڪو شعر ياد ايندو هوندو. لڳندو آهي ته سڄو اندر لطيف رحه مان ڀريو پيو آهي. ٻي ڪنهن جي لاءِ ڪابه جاءِ ڪابه گنجائش ذري به ڪانهي.

اهوئي سلسلو منٺي مهتاب اڪبر راشدي سان پڻ نسبت جو سبب بڻيو. هوءَ سيڪريٽري ڪلچر هئي. مون به هڪ عورت جي ناتي سان ساڻس هجت مان ڳالهايو. ۽ پوءِ ڄڻ ته هوءَ منهنجي جاڙي ڀيڻ ٿي پئي هئي. لطيف رحه جي نسخن جي باري ۾ جڏهن ڪائونس پڇيم، "اوهان جي ڊيپارٽمينٽ ۾ ڪهڙا ڪهڙا لطيف رحه جا نسخا موجود آهن؟"

موٽ ۾ دستور موجب سندس ٽهڪ جلترنگ جيان ماحول کي وڄائي ويا. چيائين، "توکي ڪهڙا ٿا گهرجن؟ لسٽ ڏياري موڪل."

مون لطيف رحه جي گهربل 60 نسخن جي فهرست ڪيس فيڪس ڪئي ته پاڻ فون ڪيائين ۽ سندس وٽندڙ

# ڪنهن جنهن لڏا نينهن...



## مدد علي سنڌي

ڪو وقت هو: انگريز آفيسر، سنڌي ٻولي ۽سنڌ جا ڏاڍا مداح هوندا هئا. ميرن جي صاحبي فيبروري 1843 ۾ وڃڻ ڪان پوءِ واقعي انگريزن سنڌي ٻولي کي اوج وٺرايو. سڀ ڪان پهريون تہ سر چارلس نيپيئر سنڌ جو گورنر ٿيڻ شرط فارسي کي دفترن مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. پوءِ فارسي جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ کي فارسي جي جاءِ تي سرڪاري آفيس ۾ رائج ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين. بعد ۾ خدا ڀلو ڪري، سربارٽل فريئر جو. پاڻ 1851ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر ٿي آيو. هن ايندي شرط پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايليس کي سنڌي ٻولي جي صورتخطي سڌارڻ جو حڪم جاري ڪيو . هن هن هڪ ڪميٽي ٺاهي. ڪميٽي ۾ ديوان ننديرام ميرچنداڻي، ديوان پريداس، راءِ بهادر جڳنناٿ ۽ خانبهادر، ميرزا صادق علي (مرزا مخلص بيگ جوپٽ) جهڙا عالم شامل هئا. فريئر صاحب جي ڪوشش سان شمس العلماءُ ميرزا مخلص بيگ سنڌ جي پهرئين ليٿو گراف پريس ڪراچي ۾ قائم ڪئي. اتان مشهور فارسي اخبار مفرح القلوب ۽ مطلع خورشيد (سنڌي ۽ فارسي) نڪرنديون هيون. بعد ۾ پهرين سنڌي اخبار سنڌ سڌار بہ انگريز سرڪار 1866 ۾ جاري ڪئي. پر ان ڪان اڳ فريئر صاحب جي ڪوشش سان 1854 ۾ سنڌي زبان جي52 اکرن جو عربي رسم الخط ٺهي راس ٿيو.1858 ۾ ارنيسٽ ٽرمپ جو پهريون سنڌي ريڊنگ بوڪ لنڊن مان شايع ٿيو هو. 1866ع ۾ فريئر جي مالي مدد سان ٽرمپ جو شاهہ جو رسالو، جرمني جي شهر لپزڪ مان ڇپرائي آيو هو 29 آگسٽ 1857ع هڪ سڀاڳو ڏينهن آهي. هن تاريخ تي سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر پنهنجي دربار مان حڪمنامو جاري ڪيو. ان ۾ لکيل هو تہ آئنده هر سرڪاري لک پڙهہ فقط سنڌي ۾ ڪئي ويندي.

تنهن ڪان سواءِ انگريز آفيسرن جهڙوڪ جارج اسٽڪ ڪيپٽن ايسٽيوڪ، جيمس برنس، ميجر آئو ٽرام، ڪيپٽن اسٽينلي ريڪس، وليم نيپيئر، اليگزينڊر برنس، ۽ رچرڊ برٽن بہ پنهنجي جاءِ تي سنڌ بابت ڪتاب لکڻ ۾ پاڻ ملهايو. پر سر رچرڊ برٽن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي؟ عجيب ماڻهو هو. هن سنڌ بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس نگاهہ ڏورس ۽ دوربينيءَ جهڙي هئي. سنڌ بابت علمي ۽ ادبي شوق ڪيترن تي انگريز آفيسرن ۾ هوندو هو. رچرڊ برٽن جا ڪتاب تہ پڙهندي تہ من ٿو وٺجي وڃي.

اهو موهہ ڪن سنڌي آفيسرن ۾ بہ ورهاڱي ڪان پوءِ قائم رهيو. ڪيترا ڪليڪٽر جهڙوڪ سائين مدد علي شاهہ عبدالله چنا، آغا عبدالنبي، الله بخش عقيلي، قاضي سچيڏني ۾ بہ موجود هو. ڪهڙي سندن ڳالهہ ڪجي. سنڌ جي علم ۽ ادب سان ڪين چاهہ هوندو هو. سائين الله بخش نظاماڻي، آغا تاج محمد مرحوم ڪليڪٽر ڪو نہ هئا تعليم کاتي ۾ نوڪري هوندي هئن پر اهي ٻئي بہ شاهہ عبدالطيف ڀٽائي جي هر ميلي توڙي ڀٽ شاهہ ڪلچرل ڪميٽي سان سلهاڙيل رهيا. رٽائرمينٽ ڪان پوءِ عبدالله چنا مرحوم بہ ڀٽ شاهہ ڪميٽي لاءِ ڪم ڪندو رهيو. شاهہ صاحب بابت ڪانفرنسون ڪرڻ سندن اعليٰ خدمتن ۾ شامل آهي. سنڌ جو وزير اعليٰ پيرزادو عبدالستار مرحوم تہ سنڌي راڳ جو عاشق هو. سيد ميران محمد شاهہ ۽ سائين جي ايم سيد، شاهہ عبدالطيف ڀٽائي جي ميلي جي شروعاتي باني مان رهيا آهن. ميران محمد شاهہ مرحوم 1958ع ۾ مارشل لا اچڻ ڪان پوءِ تہ ڪنڊ لڳو ٿي ويو، پر ڀٽ شاهہ ڪلچرل سينٽر ٺهرائڻ ۾ سيد ميران محمد شاهہ سائين جي ايم سيد ۽ پيرزادو عبدالستار جا نالا ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهجن. اهو شروعاتي دور هو. شاهہ جي ميلي کي زور وٺرائڻ ۾ انهن سان گڏ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو بہ وڏو هٿ هو. اڄ سندن پوکيل ٻوٽو وڏو وڻ ٿي ويو آهي.

سو ڳالهہ پئي هلي سنڌي آفيسرن ۾ سنڌي ادب لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي. تہ انهيءَ لسٽ ۾ وري اسان جي دوست عبدالقادر منگيءَ جو نالو بہ ڪنهن طرح سان هرگز پوئتي ڪونهي. سندس همعصر ۽ ڪجهہ سينيئر بيورو ڪريٽس ۾ محمد هاشم ميمڻ، نور احمد شاهہ ، حميد آخوند، سيد محب الله شاهہ عبدالله جي ميمڻ، مظهر الحق صديقي، غلام محمد ميمڻ، قلي بخش رند، امتياز حسين قاضي، عبدالغفار سومرو، آغا شهاب بہ اچي وڃن ٿا. انهن بہ سنڌي ادب، ڪلچر ۽ ٻولي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي. هاڻو ڪن آفيسرن ۾ وري اڪبر لغاري، شفيق مهيسر، قاضي شاهد پرويز، سليم رضا ڪيڙو، علم الدين بلو، منظور قناصرو، اعجاز ميمڻ بہ پنهنجي طور تي اهو سلسلو جاري رکيو پيا اچن.

عبدالقادر منگي تہ ٿرپارڪر ۾ اڃا بہ ماڻهن کي ياد بيٺو آهي. نٿي جا ماڻهو ڪيس سدائين پيا ساريندا آهن آئون جيڪڏهن وساريان نٿو، تہ ڀاءُ عبدالقادر منگي، پهريون ڀيرو، ڀنڀور سيمينار 1983ع ۾ منعقد ڪرايو هو. تڏهن پاڻ گهاري جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ضلعي ٺٽي جو ڊپٽي ڪمشنر وري قلي بخش رند هو. رند صاحب، پاڻ هڪ علمي ۽ ادبي ذوق رکندو هو. مون کي ياد آهي تہ 1972ع ڌاري جڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو، تہ يونيورسٽيءَ جي سينٽرل ڪينٽين ۾ شاهہ عبدالطيف لائبريري قائم ڪئي هئائين. اتي شاگردن کي ڪتاب پڙهائيندي ڏاڍو خوش پيو ٿيندو هو. اهو ئي شوق ۽ جذبو رند صاحب کي ڪجهہ وقت نوڪري دوران بہ رهيو. پر منگي صاحب اُن شوق ۾ سيني ڪان زور هيو. هن 10 اپريل 1983ع تي ڀنڀور جي ڀڙڀانگ ماڳ ۾ ميلو مچائي ڇڏيو. سيمينار ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جي ايم مهڪري، ڊاڪٽر رياض الاسلام، ڊاڪٽر ايف اي خان، حڪيم محمد سعيد، ڊاڪٽر لوئي فيم، ڊاڪٽر حميده کهڙو، بيگم ممتاز اڪبر راشدي، ميڊم امينہ خميساڻي، حيدرآباد جو ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ ايم ايڇ پنهور، علي احمد بروهي، مظهر يوسف، مهتاب راشدي، مير محمد بخش ٽالپر، غلام رباني آگرو، عزيز جعفراڻي، عبدالله ورياهہ، سراج الحق ميمڻ، حسين شاهہ راشدي، حميد آخوند، تاج صحرائي جهڙن عالمن اچي شرڪت ڪئي هئي.

ڀنڀور سيمينار جي اهم ڳالهہ تہ هن ڀنڀور جي کوٽائي واري سرواڻ ڊاڪٽر ايف اي خان جي سيمينار ۾ شرڪت هئي. موهن جي دڙي کي سرجان مارشل ڊسڪور ڪري 1922 ۾ ان جي کوٽائي پنهنجي ساٿين راءِ بهادر ڏيارام گوپال مجمدار ۽ ڊاڪٽر اين جي مئڪيءَ سان گڏ ٻيهي ڪرائي هئي، هو صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ وري ڪڏهن موهن جي دڙي کي نہ ڏسي سگهيو. نہ وري سندس حياتيءَ ۾ موهن جي دڙي تي ڪو سيمينار ٿيو. پر پاڪستان آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو ڊي جي محترم ڊاڪٽر ايف اي خان خوش قسمت هو. هن پنهنجي اکين آڏو ڀنڀور جي کوٽائي ڪرائي هئي. هن ڀنڀور جي کوٽائي واري ڪم جي شروعات 1958 ڪان شروع ڪرائي هئي. ڀنڀور بابت 23 مارچ 1959 جي روزاني ڊان ۾ ڀنڀور بلت پهرين خبر شايع ٿي هئي. ان خبر ۾ چيل هو تہ ڀنڀور جي کوٽائي مان خليفي هشام بن عبدالملڪ جو سڪو لڌو ويو آهي . انهيءَ کوٽائي وقت سڪي هٿ اچڻ ڪان پوءِ جهڙوڪر ثابتي ٿي هئي. تہ ڀنڀور جي قدامت ڪيڏي نہ پراڻي آهي.

ساڳئي ڀنڀور تي ٿيندڙ پهريون عاليشان سيمينار کوٽائي جي 24 ورهين ڪان پوءِ ٿيو. اهو واقعو، ڊاڪٽر خان لاءِ وڏو اهم هو. ان سينيمار ۾ ڊاڪٽر خان بہ پنهنجو مقالو پڙهيو. پنهنجي اکين سان ڊسڪوري آف ڀنڀور کي ڏسي خوش ٿيو هو. سيمينار ۾ عالماڻيون تقريرون ۽ مقالا ٻڌي، هن کي اطمينان ٿيو هو. ڀلا هڪ اسڪالر ۽ هڪ آرڪيالاجسٽ لاءِ ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿي انعام ٿي سگهيو. مون کي ياد آهي تہ سال 1990 ۾ منهنجي ڊاڪٽر ايف اي خان سان ملاقات ڪراچي ۾ ٿي هئي. پاڻ تڏهن ٻي اي سي ايڇ ايس جي بنگلي نمرب 2/58 ايل ۾ رهندو هو. بنهہ جهور ٿي ويو هو. تڏهن آئون روزاني هلال پاڪستان ڪراچي جو چيف ايڊيٽر هوس. ڀنڀور بابت ڪا معلومات وٺڻ لاءِ وٽس ويو هوس. جڏهن ڀنڀور سيمينار جي ڳالهہ نڪتي تہ ڏاڍو خوش پئي ٿيو.

عبدالقادر منگي ۾ ڏاڍي سٺي عادت آهي. هو صاحب هر سيمينار ۾ پڙهيل مقالا گڏ ڪري رکندو آهي، بعد ۾ انهن مقالن کي ڪتابن شڪل ۾ ڇپائيندو آهي. ڀنڀور سيمينار جا مقالا بہ ڪتابي شڪل ۾ 1986ع ۾ ڇپرايا هئائين.

منگي صاحب، ڀنڀور سيمينار ڪان پوءِ ماٺ ڪري نہ ويٺو. 1985ع ۾ ٽنڊي الهيار جو اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو ان وقت هن وتائي فقير تي هڪڙو سيمينار ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. اها سندس وڏي همت هئي، وتائي فقير تي تحقيق مقالا لکرائي هٽي وڃي هنڌ ڪيائين. مقصد تہ اتي بہ هن پنهنجي ادبي شوق ۽ چاهت کي ڪنهن بہ طرح سان ختم نہ ڪيو. بلڪہ انهيءَ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندو رهيو. تان جو وڃي 1991ع ۾ ٿرپارڪر جا وڻ وسايائين. اپريل 1990ع ۾ ٿر ضلعي جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو. هن صاحب بہ اچي ٿر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو سنڀاليو . ٿر جهڙي علائقي ۾ بہ هو چپ ڪري نہ ويٺو. بلڪ آڪٽوبر 1992 ۾ ٿر سيمينار ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو . سچ پچ تہ ٿر جي هيڊڪوارٽر مٺي ۾ سيمينار ڪرائڻ، ڪا سولي ڳالهہ بنهہ نہ هئي. هڪ تہ مٺي ڀري ٻيو پنڌ اڻانگو ۽ مٺي ۾ مهمانن لاءِ سهوليتن جي اڻاٺ. پر هن هڪ سٺي منظم اعليٰ وانگر ۽ پنهنجي سڀاجهي طبعيت

جي ڪري اهو سيمينار به ڪرائي ڏيکاريو. هن سيمينار ۾ به هن ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، بدر ابڙي، غلام محمد لاکي، بشير احمد لغاري، تاجل بيوس، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، اعجاز قريشي، سلطانه وقاصي، نسيم شيخ، هدايت پريم، ڊاڪٽر بشير احمد شاهه، عبدالله ورياهه، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ٻين چڱن چوکن کي سڏائي ورتو. جڻ ريگستان ۾ منگل ٿي ويو. مٺي جي پٽن به پنهنجي ڌرتي جي عظمت کي ٻڌو ته جهڙي پنتي پيل علائقي جو ذڪر جيڪڏهن ڪنهن پهرئين انگريز آفيسر پنهنجي ڪتاب ۾ آندو، ته اهو هو ڪرنل جيمس ٽاڊ هو. سندس ڪتاب Annals And Antiquities of Rajistan on The Central And Western Notes of India آهي. اهو ڪتاب سال 1829 ۾ ڇپيو هو. پر ٿر تي انگريزي ۾ پهريون ڪتاب لکندڙ ڪيپٽن اسٽنيلي ريڪس هو. هن اهو ڪتاب ميمسائرز آف ٿر اينڊ پارڪر جي عنوان سان لکيو هو. منگي صاحب، اهو اڻلڀ ڪتاب ڪٿان هٿ ڪيو جنهن جي خبر خدا کي. پر ڪيس شاباس هجي پاڻ ان جو ڊاڪٽر علي نواز شوق ڪان سنڌي ۾ ترجمو ڪرايو. ۽ پوءِ اهو ڪتاب ڇپائي سيمينار ۾ ورهائي هٿي ٺي وڇي هنڌ ڪيو. ٿر تي مير محمد بخش ٽالپر به 1967ع ۾ مارئي ميلو ڪرايو هو. سائين نور احمد شاهه ٿرپارڪر ضلعي (تڏهن ميرپور خاص ۽ ٿر هڪ ئي ضلعو هو، جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو تڏهن به 1967 ۾ ٿر بابت هڪ سيمينار منعقد ڪرايو هئائين. پر ٿر بابت هي وڏو سيمينار اڃا تائين گهڻ اديبن ڪان نه وسريو آهي.

اصل ۾ ٿر آهي به دلڪش پاڻ ڏي ڇڪيندڙ ۽ موهيندڙ. خود عبدالقادر منگي کي به پاڻمرادو، ٿر پاڻ ڏي، Facinate ڪيو هو. سندس چواڻي ته ڪيترن ورهين ڪان جڏهن هو اڃا ٿر نه ويو هو ته ڪيس ٿر لاءِ ڇڪ محسوس پئي ٿيندي هئي. پهريون پيرو هو ڊپٽي ڪمشنر ٿي مٺي شهر ۾ داخل ٿيو. سائين مصري شاهه جي درگاهه وارو وراڻو ٿيندي مٿس هڪ عجيب ڪيفيت ڇانئجي وئي هئي. پهرئين پهرئين سال 1858 ۾ ٺهيل ريسٽ هائوس جي عمارت ڪيس مائل ڪري ڇڏيو. ڪيس شايد خبر هئي ته هن ئي عمارت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ادب جو محسن ميرزا قليچ بيگ سال 1889ع ۾ ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت سان اتي رهيو هو. ٿر وسڪاري بعد دلڪش ۽ ڏڪار ۾ ڏکوئيندڙ منظر ۾ بدلجي ويندو آهي. هتي پاڻي جي ڍڪ لاءِ وڏا ڪشالا ٿا ڪڍڻا پون، علاج ۽ ٻين سهولتن جي اتي سدائين اڻاٺ آهي. اتي اڄ رستا هوندي به ڪيترين ڳالهين جي کوٽ آهي. پر مٺي شهر اڄ ٻهراڙي نه رهيو آهي. ميرزا قليچ بيگ ڪيپٽن تروٽ اسٽينلي ريڪس، امرڪوٽ جي قلعي ۾ آرامي انگريز ڪليڪٽر هر برٽ ايڊورڊ واٽسن وارو ٿر به ساڳيو نه رهيو آهي. پر ٿر جون هوائون، ٿر جو آسمان ۽ ان تي چمڪندڙ تارا، مٺيءَ جي پٽ گڊي تي چمڪندڙ چوڏهين جو چنڊ، ائين ئي آهي. ۽ ٿر جي فضائن ۾ اڄ سمورا آواز موجود آهن. جن ٿر جي چڱائيءَ لاءِ پاڻ ويهي پتوڙيو.

منگي صاحب ٿر ڪان سواءِ، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ به ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو آهي. خيرپور ۾ هن سال 1995ع جي پڇاڙي ڌاري 15 ڏينهن وارو جشن خيرپور ڪرايو هو. خيرپور جي رهواسين کي به اهو جشن خيرپور بنهه نه وسريو آهي، خيرپور جا ڀلا اڳئي رياستي ماڻهو. سچل سائين به اتي موجود ۽ مير علي نواز ٽالپر مرحوم جا قصا به اتي مشهور. منگي صاحب خيرپور ميلي جي موقعي تي سچل سرمست جي مقبري جو ننڍڙي ريپلڪا ٺهرائي، اهو اديبن ۾ انعام طور ورهايو هو. ايڏو خوبصورت تحفو مون اڃا تائين نه ڏٺو آهي. خيرپور جي جشن ۾ به وڃڻ ته ٿيو هو. پر دوست سرفراز راڄڙ جي گهر ۾ سندس ڊرائينگ روم ۾ سچل سائين جي مقبري جو خوبصورت ريپلڪا ڏسي دنگ رهجي ويو هوس. ڪاش شاهه لطيف جو ميلو ڪرائيندڙ سنڌ ثقافت کاتي کي اهو سمجهه اچي، جو اهي لطيف ايوارڊ لاءِ لطيف سائين جي روضي جو ريپلڪا ٺهرائي. انعام طور ڏين. اهو سمجهه ۽ شعور واقعي مرد شناس عبدالقادر منگي ۾ آهي.

وري پاڻ 1996ع جي وچ ڌاري لاڙڪاڻي ضلعو جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو. پر اهو مدو مختصر هو. نه ته پڪ لاڙڪاڻي ۾ به مرحوم محمد هاشم ميمڻ وانگر لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو جهڙو جشن ضرور ڪرائي ها. مرحوم محمد هاشم ميمڻ 1985ع ۾ اهو فنڪشن ڪرايو هو. لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو جهڙو عاليشان مضمونن جو ڪتاب به ڇپرايو هئائين.

*

چون ٿا ته ماڻهو ۾ ڪي چڱايون ڪيس پنهنجن وڏڙن ڪان ٿيون منتقل ٿين. منگي صاحب ۾ به پنهنجن وڏن جون دعائون ۽ چڱايون شامل آهن. هو وري جڏهن سيڪريٽري ڪلچر ٿيو ته اتي به طرح طرح سان پاڻ ملهائيندو رهيو. سندس آفيس ۾ اچبو هو ته اديبن ۽ فنڪارن جا ميلا متل هوندا هئا. غريب غربي فنڪار جو ڪم پاڻمرادو پيو ٿيندو هو. مون کي ياد آهي ته سال 2006ع ۾ هڪ تقريب ۾ ان وقت جي وزير اعليٰ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي رٿ ڏني، ته شيخ اياز جا ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ ۽ شيخ اياز جو مقبرو ٺهرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي هدايت جاري ڪري، وزير اعليٰ فوري طور تي اها رٿ ان تقريب ۾ قبول ڪئي. ۽ ڪلچرل کاتي کي اهڙي هدايت ڏني. ان وقت سيڪريٽري ڪلچر منگي صاحب هو. هن سان مون صلاح ڪئي پوءِ پاڻ فوري طور تي هڪ ڪميٽي محمد ابراهيم جويو جي سربراهي ۾ جوڙي ورتي. ساڳي وقت ان سلسلي ۾ پي سي ون ٺهرائي سي ايم هائوس کي ڏياري موڪليائين. ان پي سي ون جي منظوري ڪان پوءِ ڪلچر کاتي شيخ اياز جي سمورن ڪتابن کي شايع ڪرڻ ۽ اياز جي قبر جوڙائڻ لاءِ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اهو ڪم منگي صاحب ۽ سندس رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ وري شمس جعفراڻي سيڪريٽري ڪلچر ۽ ان وقت جي صوبائي وزير ڪلچر سسئي پليجو جي ذاتي دلچسپي سبب تڪميل تائين پهتو.

*

منگي صاحب سان منهنجي شخصي ملاقات تمام پراڻي آهي. اها جنوري 1972ع جي ڳالهه آهي مرحوم نبي بخش کوسي سان گڏ آئون ۽ ارباب کهاوڙ شيخ اياز سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سکر ويو هوس. اتان ٻئي ڏينهن اسين شڪارپور ويا هئاسين. اتي دوست بيدل مسرور، جي جاءِ تي هدايت پريم، ۽ عبدالقادر منگيءَ سان پهريون پيرو ڪچهري ٿي هئي. تڏهن پاڻ شڪارپور فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندو هو. بعد ۾ 1981ع ۾ دوست سرفراز راڄڙ جي دعوت تي قاضي اسلم اڪبر چيف ايڊيٽر ڊيلي سنڌ نيوز سان گڏ ڪپري وڃڻ ٿيو. اتي شام جو سرفراز راڄڙ، اسان کي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪپري جي بنگلي تي وٺي ويو هو. تڏهن خبر پئي هئي ته اسان جو پراڻو دوست عبدالقادر منگي ڪپري جو ايس ڊي ايم آهي. ان وقت به سندس ڪچهريءَ جو موضوع سنڌي ادب هو. هڪ پيري گهاري ۾ به وٽس وڃڻ ٿيو هو. هن سان محبت ۽ تعلق جو رستو اڃا قائم آهي.

هو ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر رتيديري جو رهاڪو آهي رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي جو اهم تعلقو رهيو آهي. هي علائقو گهڻي وقت ڪان خانبهادرن، رائي بهادرن، سر صاحبن، جاگيردارن، ۽ موچارن جڳ مشهور ماڻهن جي جنم ڌرتي رهي آهي. پر ۾ ڳڙهي خدا بخش، جو تاريخي ماڳ به اٿس. نئون ديرو به هن تعلقي ۾ شامل رهيو آهي. سر شاهنواز خان ڀٽو، رائي بهادر گوڪلداس (سنڌ جي بمبئي ڪان ڌار ٿيڻ بعد پهرئين سنڌ وزارت ۾ شامل وزير) سنڌ مان پاڪستان جو پهريون پيرو ٿيندڙ صدر ۽ وزير اعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، خاتون وزير اعظم شهيد بينظير ڀٽو. هندستان جي پهرئين سينٽرل اسيمبلي جو ميمبر نواب واحد بخش خان ڀٽو، نواب نبي بخش خان ڀٽو، سائين پير شاهه راشدي، رسول بخش خان ڀٽو، خانبهادر احمد خان ڀٽو، ممتاز علي خان ڀٽو، پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ سردا الله بخش خان جلباڻي اول، سيد خير شاهه، سيٺ هرچي مل، سيٺ قيمتراءِ، ڏيارام ڪشنچند، جئسنگهاڻي، ديوان خوبسنگهه، قاضي عبدالحئي قائل، شيام جئسنگهاڻي مشهور شاعر پريو وفا، ۽ ذوالفقار راشدي، ديوان ريواچند (جيڪو ورهاڱي ڪان پوءِ به وطن نه ڇڏي ويو) بنگل ديري جو رهاڪو ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، (بمبئي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو سربراهه) ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي ممبئي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو هاڻوڪو سربراهه اسان جو پراڻو يار ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي مرحوم ۽ ڪامريڊ نذير احمد جلالي، سائين ديدار حسين شاهه، عبدالرزاق سومرو، پروفيسر نذير احمد سومرو، قاضي منظر حيات، عبدالخالق ڪنڌر، نئين ديري وارو به هتان جا آهن.

منگي صاحب پاڻ هڪ ڪلمڪ شخص آهي، مون ته سدائين ڪيس مرڪندي ۽ ڌيرج سان ڳالهائيندي ڏٺو. نه ڪڏهن ڪيس وڏي واڪي ڳالهائيندي ٻڌو آهي نه وري ڪنهن جي خلاف ڪا وائي ڪندي ٻڌو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪيترن سڄڻن ڪيس رنجايو به هوندو. ڏکويو به هوندو پر ڇاڪاڻ ته هي سنڌ آهي هڪ هزار ورهين جي غلامي به هڪ بيماري آهي. ان ڪري ڪنهن صورت ۾ ڏک ۾ اچي ڪڏهن به نه ٻوليندو. لاڙڪاڻي مان هاڻ سڀڏاسي ڇلور اڻلڀ ٿي ويا آهن، پر منگي صاحب ۾ اها سڀڏاسي ڇانورن واري سڳنڌ اڄ به موجود آهي. بنهه ماڻيٺو ۽ محبتي ماڻهو بختوارو هئڻ سان گڏ ابي امان جون دعائن به شامل اٿس. پير به ڪو ڏاڍو سياڳو اٿس. ڀاڳوند آهي. الله سائين ڪيس سکيو ستابو رکيو آهي. گهر ٻار جي به خوشي اٿس. رٽائرمينٽ ڪان پوءِ پنهنجو گهڻو وقت مطالعي ۾ گذاري ٿو خوش آهي. ڀلا ڀيو ماڻهوءَ کي ڇا گهرجي! شل سدائين ائين ئي مرڪندو رهي. اسان جون دعائون ساڻس شامل راهه آهن. ■





# سا رات وسارڻ جوڳي

اها 2 ۽ 3 نومبر جي 1986ع جي ٿڌڙي رات هئي. سرءُ جي مند جون خنڪ هوائون گهليون پئي. رات جو ٽيون پهر ۽ وقت جو ڪانٽو 3 تي پهتل هو. آئون ڏاڍي اگهور ۽ بي فڪري واري ننڊ ستل هئس. اوچتو منهنجي ڪمري جي در تي هلڪو ٺڪاءُ ٿيو، ننڊي پاءُ ۽ امڙ ٻنهي ٻڌايو ته توکي هيٺ گهر کان ٻاهر سڏين ٿا. عبدالقادر منگي سجاول وارو اسسٽنٽ ڪمشنر توهان جي پڇا پيو ڪري. مون گئلريءَ مان هيٺ جهاتي پاتي ته تصديق ٿي. اکيون مهٽي، منهن کي پاڻي جو ڇنڊو هڻي حيرت گڏيل سوچ ڪٽي ڏاڪڻ لهي هيٺ پهتس. منگي صاحب سان گڏ سجاول جو ان وقت ۾ اي ايس پي مشتاق علي شاهه جيڪو پوءِ سنڌ جو آءِ جي پوليس بڻيو ۽ ٿورا سال اڳ رٽائرڊ ٿيو آهي. سو به موجود هجي. پوليس جي تمام وڏي نفري سان اسان جي گهر ۽ محلي واريون گهٽيون پريل هيون. منگي صاحب سان ٿورا ڏينهن اڳ ڪچهري ٿي هئي ۽ مون ڪيس گهر اچي چانهه پيئڻ جي دعوت ڏني هئي. سو پهرين منهنجو خيال هو ته شايد منگي صاحب ڪٿان ٻاهران موٽيو آهي ۽ محبت ڪري چانهه پيئندو ۽ گهڙي ڪن ويهي ڪچهري ڪندو . پر اي ايس پي ۽ پوليس جا اٿالا منهنجي انهي خيال جي نفي ڪري رهيا هئا. منگي صاحب به ان مهل ڪو دوست مهربان نه بلڪه حقيقت ۾ ڪامورو پئي لڳو. مون احوال پڇيو ته فورن وراڻيائين، "هي اي ايس پي مشتاق شاهه آهي. خواجا صاحب ويري ساري توهين اسان سان گڏ هلندا."

مون چيو، "سرڪاري مهمان طور يا ٻيو ڪو ڪم آهي؟"

چيائين، "توهان صحيح سمجهيو آهي، بلڪل سرڪاري مهمان طور باقي ڪُهَلي تڪليف جي معافي ٿا وٺون.ضروري سامان کڻو ۽ گهر وارن سان ملي اچو."

مٿي گهر وڃي بريف ڪيس تيار ڪيم. باقي بسترو وغيره سو گهر وارن کي چيم ته تيار رکجو، جتي موڪلين اتي پهچائجو. گهٽي مان ئي پوليس موبائيل ۾ ويهارين ۽ پوءِ سخت پهري ۾ پنيرڪي کان ٿورو اڳ ٺٽي ٿاڻي تي پهتاسين، جتي مون کان اڳ ئي سنڌي، بلوچ، پشتون فرنٽ جو ضلعي ٺٽي جو جنرل سيڪريٽري ۽ ناميارو ماڻهو ڊاڪٽر ممتاز احمد عقيلي گرفتار ٿي پهچي چڪو هو. ٿاڻي جي اهلڪارن کان معلوم ٿيو ته اسان کي ايم پي او تحت هڪ مهيني لاءِ نظربند/گرفتار ڪيو اٿن. ڪلاڪ، سوا اتي گذاري پرهه ڦٽيءَ مهل مون کي ۽ ڊاڪٽر عقيلي کي وڏي ڪاري قيدي گاڏي ۾ سوار ڪرائي ٺٽي واري پوليس، سينٽرل جيل حيدرآباد وارن جي حوالي ڪري ويئي.

ايم آر ڊي 1983 جي نتيجن ۾ جيلن جي اندر ۽ ٻاهر نظرياتي ۽ فڪري ٽڪراءَ ٿيا. نيون سوچون ۽ خيال ڦريا. ليڊرن جا پاڻ ۾ اختلاف ٿيا. ننڍا وڏن کان وڏا ننڍن کان ناراض ٿيڻ لڳا. سياسي تلخيون دوريءَ ۾ بدلجڻ لڳيون. هڪ طرف غلام مصطفيٰ خان جتوئي سڌو سنئون پ پ کان ڌار ٿي اين پي پي جو بنياد رکيو ته ٻئي طرف ممتاز علي خان ڀٽي لنڊن ۾ ويهي پٺاڻن، ٻروچن ۽ سرائيڪي ديس وارن سان ڳالهيون ڪري سنڌي، بلوچ، پشتون فرنٽ جو بنياد رکيو. سردار عطاءُ الله خان مينگل، خان/لالا افضل خان وارا پٺاڻ ۽ پيپلز پارٽي مان عبدالحفيظ پيرزادو، نواب يوسف ٽالپر، حاجي شفيع محمد ڄاموٽ، رئيس نبي بخش خان ڀرڳڙي، امير علي شاهه ڄاموٽ، راڻي پور وارو پير عبدالقادر شاهه ۽ ٻيا به ڪوڙا ساراقوم پرست سوچ رکندڙ اڳواڻ ۽ ڪارڪن انهي ۾ شامل ٿيا. جڏهن ممتاز علي خان قومي سوچ ۽ فڪر جي آڌارتحت محترمه ۽ پ پ جي قيادت کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته پ پ پنهنجي منشور ۽ بنيادي پاليسين ۾ ڪي وڏيون تبديليون آڻي پنجاب جي طاقت تي پروسو ڪرڻ بدران پنجاب پاران ٿيندڙ استحصال ۽ ڏاڍ کي روڪڻ لاءِ ننڍين ۽ مظلوم قومن جي اتحادي ۽ آواز بڻجي. انهن جي بنيادي قومي حقن لاءِ جدوجهد کي پنهنجي منشور ۽ پاليسين جو بنياد بڻائي. ان سلسلي ۾ جيڪي شروعاتي گڏجاڻيون حيدرآباد ۾ نواب عبدالغني ۽ نواب يوسف ٽالپر جي گهر تي ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي ذاتي بنگلي تي ڪيون ۽ انهن ۾ گڏيل قرار داد وسيلي محترمه بينظير ڀٽو کي اپيل ڪئي ته ملڪ جي موجوده حالتن ۽ سمورن تجربن جي روشني ۾ پ پ ڪي پنهنجي بنيادي منشور ۽ پروگرام ۾ ملڪ اندر رهندڙ سمورين قومن کي برابري جي بنياد تي نمائندگي ۽ حق ڏيڻ وارا نقطا شامل ڪرڻ گهرجن. جيئن پنجاب جي هڪ هٽيءَ بالادستي ختم ٿي سگهي. انهن گڏجاڻين ۾ پ پ جي ٻين ڪوڙ سارن اڳواڻن سان گڏ آغا غلام نبي خان پٺاڻ، حاجي محمد صديق شورو ۽ بابو غلام حسين ميمڻ به شريڪ ٿيا ۽ اهڙي ڊرافٽ تي سندن صحيح به موجود آهي. پوءِ جڏهن ممتاز ۽ محترمه جون لنڊن ۾ ملاقاتون ٿيون، جن ۾ حفيظ پيرزادو ۽ رفيع رضا به شريڪ هئا ۽ هنن جو اتفاق نه ٿي سگهيو پوءِ ممتاز ۽ حفيظ گڏجي پاڪستان ۾ رهندڙ قومن درميان ڪنفيڊرل نظام تحت نئون سماجي معاهدو ڪرڻ جي تجويز رکي ۽ ڪنفيڊريشن جو نظريو متعارف ڪرائي لنڊن ۾ هڪ ڪنوينشن ڪوٺايو. جنهن ۾ سنڌ، بلوچ، پشتون فرنٽ جي نالي سان هڪ تنظيم ٺاهي جدوجهد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. پاڪستان، سنڌ ۽ ٻين صوبن لاءِ تنظيمي ڍانچو تيار ڪيو ويو.

❊

نه ٿو ڀلجان ته اٽڪل 3 سال ڪن سجاول جو SDM ۽ AC ٿي رهيو. سجاول سب ڊويزن اُن وقت ساڍن ڇئن تعلقن تي مشتمل هئي. سجاول، جاتي، ميرپور بٺورو، شاهبندر ۽ محال ڪاروڇاڻ- جهوڪ شريف کان ويندي تمام وڏي ساموندي سرحدي علائقي تائين ۽ ٻنون کان



رئيس نبي بخش خان ڀرڳڙي ۽ ليڪڪ 1986

1986ع ۾ آفتاب علي شاهه امير علي شاهه عبدالحفيظ پيرزادو، ممتاز علي خان ڀٽو، ليڪڪ پنهون ترڪ ، نبي بخش خان ڀرڳڙي، ڊاڪٽر ممتاز عقيلي ۽ ٻيا سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پيشيءَ وقت



ويندي گولاڙچي تعلقي جي روڙيءَ وارن ٻيلن تائين. اُها سموري سب ڊويزن هڪ عملدار AC صاحب جي چارج هيٺ هوندي هئي. پنج مختيارڪار سندس ماتحت هئا. ۽ هينئر اُها سجاول سب ڊويزن سجاول ضلعو بنجي چڪي آهي. جنهن ۾ هاڻي هر تعلقي ۾ هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر يعني ضلعي ۾ چار اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر آهن. هونءَ ته هو ڪو ڪامورو پنهنجا ڏار ڏار اثر نوڪريءَ دوران ڇڏي ويندو آهي. ۽ هو ماڻهوءَ جي پنهنجي خوشبوءَ هوندي آهي. منگي صاحب جي به پنهنجي ڌار خوشبوءَ هئي. ٿڌي ۽ سڀاجهي سڀاءُ وارو ماڻهو هو. سمورن تعلقن ۾ هڪ جهڙي عزت ۽ مان هوندو هئس. سندس آفيس جا دروازا به هر ڪنهن ماڻهو لاءِ کليل هوندا هئا. اُن ۾ امير يا غريب جي تفريق ڪونه رکندو هو. واجبي ۽ جائز ڪم ۾ دير ڪونه ڪندو هو. قلم ۽ دل جو ٻنهي سخي ۽ غريب پرور ڪامورو هو. منگي صاحب ڪچهري ڪندو هجي ته ڪا ميٽنگ ڪندو هجي يا مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ وٺس ڪيس هلندو هجي پر هڪڙي مخصوص مرڪ سندس چهري تي هر وقت موجود رهندي هئي. جوابدارن يا عرضدارن سان به تِکو ۽ ڪڙو ڪونه ڳالهائيندو هو. روينيو ۽ سول معاملن ۾ ڌرين ۾ سرچاءُ جي گهڻي ڪوشش ڪندو هو. ۽ پوءِ ڪوشش ڪري ڪين مامري جي اڪلاءَ ۾ عزت ڀريو فيصلو ڏيئي، ڪيس نيڪال ڪري ڇڏيندو هو. ڌرين ۽ ماڻهن کي ويڙهه ۽ نقصان کان بچائڻ جڻ ته عبدالقادر منگي صاحب جو اهم مول ۽ متو هو. يا ائين ڪٿي چئجي ته هن جي ايمان جو حصو هو. جڏهن منگي صاحب سجاول ۾ ACهو ان وقت ضياءَ جو مارشل لائي دؤر هو. MRD جي 86 واري تحريڪ به اُن وقت ۾ هلي هئي. سجاول جو شهر ۽ سب ڊويزن پ-پ جي جذباتي جيالن جو مرڪز هئي. هر روز ڇڪتاڻ واري صورتحال رهندي هئي. ڪيترا ڀيرا ته سجاول جي شهر ۾ عوام ۽ انتظاميه وچ ۾ رتوڇاڻ جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي. اِن وقت ٺٽي/سجاول جا شيرازي ضياءُ الحق جا حامي ۽ اِن جي ٽيم جو حصو ۽ پ- پ جا سخت مخالف هئا. ضياءَ خلاف تحريڪ يا جدوجهد کي پنهنجي خلاف هلچل تصور ڪندا هئا ۽ طاقت جي استعمال ۾ پوليس ۽ فوج جي همراهي ڪندا هئا. پنهنجا ڏاڍا مڙس موڪلي پ-پ وارن جي مزاحمت ڪندا هئا. مونکي ياد آهي ته ڪ مئجسٽريٽ ۽ مڙساڻي آفيسر جي حيثيت ۾ منگي صاحب ڪيترائي ڀيرا پنهنجي اثر، صلاحيتن ۽ پاور کي ڪم آڻيندي خوني ٽڪراءُ ٽاري ڇڏيا. هو فوج ۽ پوليس کي شهرين طرف وڌڻ، شيلنگ ۽ فائر ڪرڻ جي اجازت ڪونه ڏيندو هو. ۽ پاڻ وڃي جذباتي ماڻهن جي هجوم ۾ ڳالهيون ڪري، هٿ جوڙ ڪري ۽ ڪين سمجهائي صورتحال تي ڪنٽرول حاصل ڪري وٺندو هو. ظاهر آهي اهڙي خطرناڪ ۽ جذباتي يا خونخوار صورتحال کي ماتو ڪرڻ ڪو هر ڪنهن ڪاموري يا عملدار جي وس جي ڳالهه ڪونه هوندي آهي. پوءِ منگي صاحب الاهي ضلعن جو DC ٿيو. بورڊ آف روينيو جو ڏاڍو فعال ميمبر به رهيو. ۽ ترقي ڪندو وڃي ثقافت کاتي جو ناميارو ۽ متحرڪ سيڪريٽري ٿيو. اُهو به تڏهن جڏهن مئڊم سسئي پليجو جهڙي پڙهيل ۽ هوشيار عورت اُن کاتي جي وزير هُجي جيڪا ڳالهائڻ ۾ به ڪنهن کي وارو ڪونه ڏيندي هجي. منگي صاحب جو اُهو سمورو نوڪريءَ وارو عرصو مثالي رهيو. خاص طرح مئڊم منسٽر جي سهڪار سان ثقافت کاتي سنڌ جي تاريخي ماڳن جي حوالي کان جيڪو ۽ جيترو ڪم ڪيو اُن ۾ به وري ڀنڀور کي خاص طرح فوڪس ڪري نه رڳو بين الاقوامي آثارِ قديمه جي ماهرن سان رابطا ڪيا. پر اصل ڀنڀور واري سرزمين تي هڪ عاليشان بين الاقوامي سيمينار ۽ نمائش به منعقد ڪري ڀنڀور کي دنيا سان متعارف ۽ روشناس ڪرايو. اهڙي باذوق، ادب شناس، اهل علم، دانشور، وطن دوست، غريب پرور، امن ۽ اهنسا جي پرچارڪ، رُٺل دلين کي ملائيندڙ، پيار ونڊيندڙ، قرب، محبتون ۽ مُرڪون پکيڙيندڙ انسان جي نگرانيءَ ۾ گرفتار ٿيڻ واري رات ۽ لمحا سچ ته منهنجي زندگيءَ جا به ڏاڍا کي يادگار ۽ قيمتي اثاثو آهن. اُن کري منگي صاحب کي ياد ڪري ڪڏهن ڪڏهن آئون به اُهي اکر جهونگاري وجهندو آهيان، "ڊيئر منگي آئي ول نيور فارگيٽ دئٽ نائيٽ." ■



منگي صاحب پنهنجي پٽن سان

# غزل

## گل محمد خاصخيلي

ڪنهن ڏنو ٿس اکين ۾ اوجاڳو
پيو ڪُٺائي گهٽين ۾ اوجاڳو
عاشقي جو لڳي ٿو سرچشمو
هي جو آهي ڪتين ۾ اوجاڳو
خالي ڪٺ تي اسان جو من ڦٽڪيو
ڪنهن آ ٽانڪيو رلين ۾ اوجاڳو
ٿي ڊگهي وئي ڄمار ڳوڙهن جي
آ هٿن جي ترين ۾ اوجاڳو
پاڻ ٿي آ سڪي وڃي ورسان
هٿ ڇڏي وئي سڪين ۾ اوجاڳو
عشق جو ئي ڪمال آ سارو
جو ٻري ٿو ٻتين ۾ اوجاڳو
خوف ماحول کي ڇڏيو ويڙهي
ان ڪري آ پکين ۾ اوجاڳو
ڏوپچن نيڻ شل اُجالن ۾
ويٺا ٻاريون درين ۾ اوجاڳو
ننڊ ويڙهي ڇڏيو آ محلن کي
آهي ٽڪيل جهڳين ۾ اوجاڳو
چنڊ شايد اڃا ستو ناهي
'گل' وهي پيو ندين ۾ اوجاڳو





## مظفر ميمڻ

ڪڏهن ڪڏهن او سهڻي، تون سامهون ايندي ڪر
عشق جي مذهب ۾، صدقو واجب سونهن تي

گمان ۽ گيان سان ملي ٿو ادراڪ
قرآن مٿي تاڪ، ويڙهي رک نه وسيلا

اونڙا اُره ڪِن، امالڪ الرون
توکي جِن نه ڪِن، تن ڪيڏا ڪيسَ ڪيا

سڪ سڄڻ جي دکي ايئن اندر ۾
ٻاري ٻائو مندر ۾، جيئن اگر ۽ لوبان

چنري جهڙي رات، تنهن ۾ چونئرو چنڊ جو
مونکي انهيءَ منڊ جو، موهي ويو مامرو. ■

# نگري نگري ڦريو مسافر...



## امتياز منگي

ڪنهن ماڻهوءَ پارٽي ڏاهي خوشونت سنگهه کان پڇيو، ’اهو سائيڪل جي چوري جو معاملو ڇا هو؟‘ جنهن تي هن ڏاڍي معصوميت مان جواب ڏنو، ’هن خدا کان هڪ سائيڪل جي سين هنئي هئي. ڪيس خبر هئي ته ڏٽي پنهنجي مرضي تي هلندو آهي ۽ هر شئي جي قبوليت جو وقت مقرر آهي، سو وقت جو انتظار ڪرڻ بدران هن هڪ سائيڪل چورائيءَ بعد ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ڏٽي کان پنهنجي غلطيءَ جي معافي گهرڻ لڳو.‘

I asked God for a bike, but I know God doesn‘t work that way, so I stole a bike and asked forforgiveness.

خوشونت سنگهه صحافي جي روپ ۾ هڪ صوفي هو. پر هونئن به هر دور، هر خطي ڪنهن نه ڪنهن وتائي فقير، آچر فقير، ملا نصيرالدين، حليم بروهي ۽ خوشونت سنگهه کي جنم ڏنو آهي. پنهنجي وقت ۾ هو مزاح ۽ ظرافت جي رومال ۾ ويڙهي گهٽيون تلخ حقيقتون بيان ڪري ويندا آهن، لڪيل سچ ڳالهائي ويندا آهن ۽ ماڻهن لاءِ هدايتن جي روپ ۾ ڪيترائي مثال ڇڏي ويندا آهن. انگريزي ۾ انهن کي لوڪ ڏاهپ (Folk Wisdom) ڪوٺيو ويندو آهي، يا ڪجهه ٻيو چيو ويندو هوندو پر منهنجي محدود ٿسارس (Thesaurus)شايد ايتري وسيع ناهي جو اکرن جي ڪل لاهي سگهان.

ڪي ماڻهو وري ڪنهن نه ڪنهن صوفي صفت بزرگ يا ڪنهن يگاني فقير جو تسلسل هوندا آهن، جيڪي تاريخ جي ڪتابن کي ڇهڻ بدران حقيقي عوامي ڪردارن ۾ پنهنجو پاڻ ڳولهڻ جي جستجو ۾ هوندا آهن. اهي بظاهر ته وساريل ورقن ۾ غرق هوندا آهن پر اصل ۾ اهي پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولها ۾ هوندا آهن. جُوهه پائي ڏسبو ته اوهان کي به ڏسڻ ۾ ايندا. انهن ۾ ڪو انتظامي ڪامورو به ٿي سگهي ٿو، ڪو سگهڙ يا ڪو سلجهيل سجاده نشين.

جيتري قدر منهنجو پنهنجو پختو رايو آهي ته سائين عبدالقادر منگي به ڪنهن صوفين جي ٽولي جي ڪنهن وڇڙيل فقير جو پاڇو آهي. هو جديد سنڌ جو پيري آهي جيڪو ساڳيا گس وٺندو، هلندو ٿو وڃي، وڌندو ٿو وڃي اوڏاهن جتان ڪن جوڳين جا قافلا گذريا هئا. من اندر، روحاني رستا لتاڙيندو ۽ جبل جهاڳيندو هلندو ٿو وڃي لاڙڪاڻي کان لاهوت تائين.

قافلے ريت ہے دشت جنون ميں کتنی
پھر بھی آوارہ مزاجوں کا سفر جاری ہے۔

ٺٽو ضلعي ۾ گهارو جي راڪ هائوس جنهن کي مقامي ماڻهو (Haunted House) ڪوٺيندا آهن، جا ڪاريهر سندس ڪجهه به بگاڙي نه سگهيا ۽ موهه جي مرلين سان هن آسيب زده بنگلن ۾ بي خوف وقت گذاريو، سسئي لاءِ ته پنيوربرو هو پر منگي صاحب لاءِ پلو! هتي به سيمينار سڏائي ڪراچي کان ڪينجهر ويندڙن جو رستو روڪي وڏي واڪي پنهنجي آثارن جي تحفظ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪيو. ديبل هو يا پنيور، منگي صاحب جن، عباسي دور جي هن ساڙيل شهرمٿان چندو هنيو. ٽر ويو ته ٽوٽ ۽ سُڪل سرڪاري ڍانچي ۾ ساه پوڻ لڳو. ٽر جي ٽاڪن سان ته سندس پراڻي ياري هئي.

اهو ڪيئن ٿي سگهندو جو فقير اڪيلو رهي؟ 1992 ۾ ٽر سيمينار جو بهانو بڻائي ساري سنڌ کي سڏائي ورتو. ٻَر ۾ بازاريون لڳي ويون، ادبي ۽ ثقافتي ميڙاڪن جي مهڪ سان ’مٽي‘ هڪ دفعو وري زندگي طرف وک کڻڻ لڳو. هو جڏهن ڊي سي او سکر ٿي پهتو ته بيدل بيڪس وارو رستو پلجي اروڙ وهي ويو جتي مٿائنس ساڳي ڪيفيت طاري ٿي جيڪا سندس اندر جي موسمن ۾ ٽرٽلن جي پيشنگوئي ڪندي رهندي آهي. من جو موسميات کاتو به عجيب اڳ ڪٿيون ڪندو رهندو آهي. هتي سندس دل سکر بئراج جي ڇولين جيان ڇلڻ لڳي، جتي نسيم ڪرل جي کهاڻي جو در دزجي ويو هو. سندس دل جو هڪ دروازو زور زور سان ڪڙڪڻ لڳو. مان خبر ملڻ شرط آغا خان هاسپيٽل ڪراچي ۾ ساڻس ملڻ ويس. جڏهن منهنجي ملڻ جو وارو آيو ته منجهي پيس! آهستي در ڪوليم ته سائين مون ڏانهن ڪٻو هٿ وڌايو ڇو ته ساڄي هٿ ۾ ڪينولا لڳل هيس. هڪ لمحي لاءِ خاموش ٿي ويو هيس ۽ ڪجهه چوڻ جي سگهه نه رهي هئي. سندس هٿ ڏاڍا پيارا آهن. نرم ۽ نازڪ. دل چوندي آهي ته چمڻ بدران پيار





جو هلڪو چَڪ پائجي! مان سندس ٽڏڙن هٿن ڪانپوءِ سندس اکين ۾ نهاريو هو سندس مک تي هميشھ جيان ساڳي شرارتي مرڪ جيڪا عجيب احساس ۾ مبتلا ڪيو ڇڏي.

بيهڻ ۽ بس ڪرڻ سائين منگي صاحب جي منشور ۾ ئي ناهي. هو بدستور پنهنجي پنڌ تي گامزن آهي. ٽنڊو الهيار ۾ جيترو وقت رهيو تہ هو وتائي فقير جي روح سان رهاڻ رچائي ويٺو. وتائي جي ٽوٽڪن کي مرتب ڪرڻ لڳوءِ ڪيس ڪنهن معمولي مست ملنگ ۽ مسخري جي خول مان ڪڍي ڏاهن جي ڏيهہ جو واسي بڻائي ڇڏيو. خيرپور ويو تہ درازن جي مستي سان جهول ڀري آيو. مان جڏهن فيس بوڪ تي سندس اڪائونٽ جي (Timeline) تي مرحوم سهراب فقير سان نڪتل تصوير ڏٺي تہ ائين محسوس ٿيو تہ رابندر ناٿ ٽئگور ۽ آئنسٽائن جو ميلاپ ٿيو هجي. تاريخ ۾ سندن تڪراري بحث کي تنقيد جي عينڪ سان سان نہ پڙهيو وڃي ها تہ هي اهڙي ملاقات هئي جنهن ۾ ڪوئي طور سينا جبل ڪون سڙيو.

سائين منگي صاحب، ڪجهہ اهم سرڪاري کاتن جو سيڪريٽري بہ رهيو جيڪو سندس انتظامي حيثيت جو چوٽي وارو دور هو.

ڏات ڏٽين جي ستم ظريفي چئجي يا سندن ئي پئدا ڪيل خود ساختہ خلا، فاصلو يا عادتاً ئي آفيسر جو ادبي تعارف بہ ائين ڪري ويندا ڄڻ تہ ڪو صبح ڏاران عرضدار آفيس ۾ ويهي ڦرندڙ ڪرسيءَ پويان قائد اعظم محمد علي جناح جي تصوير جي ساڄي پاسي لڳل (Incumbency Board) پڙهندو هجي. يا آزادي جي ڏينهن جو اشتهار تہ فلاڻو فرض شناس آفيسر آهي. ڪنهن پڙهيل لکيل، درد دل رکندڙ ۽ ادبي ذوق واري بندي جو اهڙي قسم جو (Stereo-type) تعارف بہ ساڻس وڏي نا انصافي چئبي. تعليم کاتي کي ڇڏي باقي ٻين سيني کاتن جا ملازم جيڪڏهن ڪو ادبي ڪم ڪندا بہ تڏهن بہ سندن تعارف ڪنهن وڏي ٽنولي کان سوا ڪجهہ بہ نہ لڳندو. جن ماڻهن نوڪري جي تم تراڪ کي ٽڏي اديبن سان گوڏو گڏيو انهن کي شهرت جو شوقين ڪري پڪاريو ويو.

آخري دفعو سائين عبد القادر منگي صاحب جي سرڪاري نوڪري سان مڪمل ناتو ٽوڙي پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ رتوديرو پهتو جتي هن جي جسم جو ٽٽل وجود آرامي هو. امڙ ايلسا قاضي جهڙي سڀاجهڙي ۽ سادي عورت. هو پرسڪون هو ڄڻ تہ سندس ڪلهن تان ڪو وڏو بار لهي ويو هجي. پر وري ڪيس آخري تپسيا لاءِ گورک هل اسٽيشن موڪليو ويو ڄڻ تہ جين مت جي پوڄاري کي گوڙي جي مندرمان ڪڍي ڪارونجهر چڙهڻ جوامر ٿيو هجي.

مون مرزا قليچ بيگ لاءِ ڪٿي پڙهيو آهي، "اها ڪيڏي نہ فخر جوڳي ڳالهہ آهي تہ هڪ روينيو آفيسر، پنهنجي منصب جا لوازمات ۽ جوابداريون فرض شناسيءَ سان بجا آڻيندي، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي دامن ۾ 457 ڪتابن جو وسيع ذخيرو ۽ سرمايو داخل ڪيو." سائين عبد القادر منگي بہ ساڳي روايت تي عمل ڪندي سنڌ جي صوفين کي (Focus) ڪندي نہ صرف انهن کي ڪتابي روپ ۾ محفوظ ڪيو پر ميلا مڃائي انهن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. هي جديد پيڙا هئي سنڌ جي صوفين کي، چاڪاڻ تہ ڪير ٿو ڪتاب پڙهي اڄ ڪلهہ؟

پنهنجي شهر جو بہ هر انسان تي حق لڳي ٿو.1989 ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن جو بنياد وجهندڙن ۾ بہ منگي صاحب جو وڏو حصو آهي. سُتت ئي جڏهن پيپلز پارٽي اقتدار ۾ آئي تہ انهن ڏينهن ۾ سرڪاري نوڪريون سياستدانن کي اڄا ڪونہ سونپيون وينديون هيون پر گريڊ مطابق، واسطيدار کاتي جو آفيسر اشتهار ڏياري اهليت تي اميدوار چونڊيندا هئا. ان سڄي سلسلي کي سائين عبدالقادر منگي نگراني ڪندو هو. ازانسواءِ وفاقي کاتن ڏانهن بہ قابل اميدوارن جون سفارشون موڪليون هيون. ان وقت جا نوجوان هاڻي پوڙها ٿي چڪا آهن پر اسٽيل مل، پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين، حساس ادارا، سئي گئس ۽ بئنڪن ۾ نوڪري ڪندڙ مونڪان منگي صاحب جو اڪثر پڇندا آهن ۽ ڪيس دعائون ڪندا آهن.

هن وقت سائين ڪراچي جا وڻ وسايا آهن، پرجوڳيءَ جو ڪوئي ديس ناهي. جڏهن بہ ويڳاڻپ محسوس ڪندو تہ وڏن ماڻهن جيان لنڊن يا دوبئي بدرلن سهڻي سنڌ جو رخ ڪندو. پوءِ ڪڏهن ٺٽو تہ ڪڏهن درازا شريف يا حيدرآباد جي هوائن جو مزو وٺندو.اسان کي جيسيتائين خبر پوي تيسيتائين رتو ديرو نڪري چڪو هوندو. ڏاڍو مشڪل آهي سائين جو ملڻ. پنهنجي دور جي باغي شاعر ۽ سنڌ جي هاڻوڪي ايڊوڪيٽ جنرل فتاح ملڪ جو هي شعر سندس طبعيت جو ترجمان آهي،

**هرڏيءَ جهڙو من اڃا ڪجهہ ڳولهي ٿو**
**ٻرسيو توڙي ٻن اڃا ڪجهہ ڳولهي ٿو**



فهيم ڪرل ۽ ٻين دوستن سان گڏ

# ڳڻائتو ماڻهو...



مقصود گل

ڪي يادگيريون، واقعا ۽ شخصيتون اهڙيون هونديون آهن جيڪي سڄي ڄمار يادگيرين جي حصار ۾ محصور ٿي وينديون آهن. عبدالقادر منگي صاحب به اهڙين ئي شخصيتن منجهان هڪ ڀهڪڻ شخصيت آهي.

رتوديرو اسڪول ۾ منگي صاحب مونکان هڪ سال سينئر هو. پر سائنس ڪڏهن ڪلاس روم ۾ ته ڪڏهن والي بال جي گرائونڊ تي ڪچهريون پيئي ٿينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن علمي ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ به هڪ ٻئي سان مڪاميلو پيو ٿيندو هو.

ان زماني ۾ غير نصابي سرگرمين تي وڏو زور ڏنو ويندو هو. ۽ مختلف راندين جي موقعن تي شاگردن جي حاضري به لڳندي هئي. ٻين راندين سان گڏ ڪرڪيٽ ۽ والي بال رانديون ڪيڏيون وينديون هيون. ڪرڪيٽ ننڍين ڪلاسن وارا ڇهين جماعت کان اٺين جماعت جا شاگرد ۽ والي بال راند نائين ۽ ڏهين ڪلاسن جا شاگرد ڪيڏندا هئا. ڪجهه استاد به جهڙوڪ، سائين رجب علي قادري، سائين امان الله سيلرو ۽ ڪجهه ٻيا استاد والي بال جا سٺا رانديگر هئا. جيڪي والي بال جي مقابلن ۾ ٽورناميٿس ۾ به حصو وٺندا هئا.

اسين ڇاڪاڻ ته ڇهين-ستين ڪلاس جا شاگرد هئاسين، ان ڪري اسان ڪرڪيٽ راند ڪيڏندا هئاسين. مون کي ياد ٿو اچي ته هڪ ڀيري راند ڪندي عبدالقادر منگي (جنهن کي عرف عام ۾ 'بچل' چوندا هئاسين) بالنگ پئي ڪئي ۽ مون بيٽنگ. بالنگ ڪندي منگي صاحب جو تيزيءَ سان اڇلايل بال منهنجي سيني تي اچي لڳو. راند بند ٿي وئي. ۽ سڀ دوست ۽ استاد مون ڏانهن راغب ٿيا. اهو ڏينهن منهنجي ڪرڪيٽ جو آخري ڏينهن ثابت ٿيو. ان ڏينهن ڪانپوءِ مون وري ڪڏهن به بيٽ هٿ ۾ نه ڪنيو. پر منگيءَ صاحب جون همدرديون مون لاءِ وڌيون ۽ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ويجهڙائي پيدا ٿي. منگي صاحب سان اسان جي ويجهڙائيءَ نه رڳو منهنجي ذاتي حوالي سان پر اسان ۽ منگي صاحب جي وڏڙن جي وچ ۾ به ويجهڙائي هئي. ان ويجهڙائپ جو وڏو ڪارڻ منگي صاحب جو مامون ديدار حسين منگي هو.

مونکي ۽ منگي صاحب کي اسڪول ۾ ٿيندڙ قومي يا مذهبي ڏڻن تي رٿل پروگرامن ۽ ادبي محفلن ۾ هڪٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

منگي صاحب، محنتي ۽ هوشيار شاگرد هو. ان ڪري هو ڪميشن ڪري وڃي منزل رسي 'وڏو صاحب' بڻيو. پر ان جي پيار ۽ پاٻوهه ۾ تر جيترو به فرق نه آيو.

محترم عبدالقادر، نوڪري سانگي مختلف ضلعن ۾ رهيو. ۽ اتي شاندار علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون جاري رکيون. ۽ سنڌ جي نون توڙي پراڻن اديبن، شارحن، محققن، ڌرتي جي علم جي ڄاڻ رکندڙن جي به همت افزائي ڪئي. ۽ سٺا نتيجا حاصل ڪيا.

لاڙڪاڻي واري زماني ۾ ان وقت جي اسان جي 'لطيف ادبي سنگت رتوديرو' جو منگي صاحب اعزازي ميمبر رهيو ۽ گاهي به گاهي اسان ادبي پروگرامن ۽ گڏجاڻين ۾ وقت ڪڍي شرڪت به ڪندو هو. اسان جي اشاعتي اداري سنڌڙي ڪتابي سلسلي رتي ديري سان به منگي صاحب جو هميشه منگي صاحب مون کي سائين سرڪش سنڌي ۽ مختار گهمري کي ياد ڪندو رهيو. سگهنڊ پريو سهڪار برقرار رهيو.

هن خيرپور، ميرپورخاص، پنيور، لاڙ ۽ ٿر ۾ رهندي ڪيترائي وڏا جشن ۽ سيمينار ڪرايا. ۽ پنهنجي سٺي ۽ سچي منتظم هجڻ جو ڌاڪو ڄمايو. ۽ ادبي حلقن ۾ پذيرائي ماڻي.

بهرحال منگي صاحب، ڪلٽو ملٽو، مرڪڻو ۽ سدا بهار شخصيت جو مالڪ آهي. وٽس ڪيئي گڻ آهن. محنتي، وفادار، يارن ۽ غيرن جو به غم خوار آهي. گلابن جي سونهن ۽ سرهاڻ سان پيار ڪرڻ واري هن سدا ملوڪ ماڻهوءَ جا سڀ گڻ هڪ ئي وقت هڪ جاءِ ڪرڻ ناممڪن نه سهي پر مشڪل ضرور آهن.

حال آهر جي مليا الفاظ سي حامي لکيا
ورنه پنهنجي دل جي پوري ترجماني ڪين آ. ■



# ذهين 'بچل' منگي...

منظور علي سومرو

هن جو ٻيو نالو 'محمد بچل' ۽ سڀ دوست ۽ گهر وارا هن کي 'بچل' جي نالي سان سڏيندا هئا. سنهڙو سيپڪڙو، قد جو ڪڙائون. بچل منگي تمام شرميلو ۽ نهٺي طبيعت جو مالڪ هو. ۽ اڃان به ساڳئي مزاج وارو آهي. هو مهڙ کان ئي برجستو ۽ ذهين شاگرد هو. سدائين ڪلاس مانيٽر رهندو آيو. سواءِ ڏهين ڪلاس جي جڏهن اسان سيني دوستن شرارت ڪري ڪيس مانيٽري تان هٽرايو. هو اڪثر امتحان ۾ پهرين پوزيشن کٽندو هو. ۽ نهٺي طبيعت جي ڪري سيني دوستن کي پيارو هوندو هو. هن 1965ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو.

عبدالقادر والي بال جو سٺو رانديگر هو. بيڊمنٽن ۾ ضلعي جو چيمپئن هو ۽ لوڊو راند به شوق سان ڪيڏندو هو. رتيديري ۾ ڪوٺايل 'لوڊو' ٽورنامنٽ ۾ هن شفقت ميراڻي جي پارٽنرشپ سان چيمپئين شپ کٽي شهر جو لوڊو راند ۾ چيمپئين بڻجي ويو.

طبيعت جو عاشق مزاج هو. شعر و شاعري ڏانهن راغب رهيو. عشق ڪيائين. پر پنهنجي نماڻي مزاج جي ڪري پنهنجي محبوب سان محبت جو اظهار ڪري نه سگهيو. چو ته هن جو اهو هڪ طرفو عشق سڄي زندگي رهيو.

انهيءَ زماني جون ترجيحات اڄ جي دور کان مختلف هيون. اڄ انسان صرف پئسي جي ڊوڙ ۾ مشغول آهي. پر انهيءَ دور ۾ پڙهيل ماڻهو جون ترجيحات رومانوي ۽ تصوراتي هيون. هر نوجوان پنهنجو پيشو سوچي سمجهي چوند ڪندو هو.

مون ايئرفورس ۾ جي.ڊي پائيليٽ ٿيڻ چاهيو. پر ننڍي قد هئڻ ڪري مونکي رجيڪٽ ڪيو ويو. بچل فاريسٽ کاتي ۾ رينج فاريسٽ آفيسر جي امتحان ۾ پاس ٿيو. ۽ تربيت لاءِ ڪيس چانگامانگا ۽ انهيءَ وقت جي مشرقي پاڪستان (هاڻوڪو بنگلاديش) ۾ به ڪورس ۽ ڊيوٽيون ڪرڻيون پيون. ذوالفقار علي ڀٽي Later Entries جي بنياد تي ڪيترن ئي نوجوانن کي ورسايو ويو. جن ۾ اسان جو دوست عبدالقادر منگي ڪميشن جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ٿيو. ۽ اهڙي ريت ترقيون ڪندي ڪمشنر ۽ سيڪريٽري جي عهدن تي پهتو. هن پنهنجي شرافت، علم دوستي، ادب پرستي ۽ سنڌي ثقافت کي عروج تي پهچايو. ■

# محبتن ۽ خدمتن جو سنگم...



عبدالقادر منگيءَ جو پيءُ مرحوم علي شير خان منگي، مدئجي ضلع شڪارپور مان لڏي اچي رتي ديري رهيو. هو سپروائيزنگ تيپيدار جي عهدي تان رٽائر ٿيو هو. عبدالقادر 26 نومبر 1947ع تي رتوديرو لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هو وڏي لاڏ ڪوڏ سان پليو. هن کي پنهنجي والدين ۽ مامي کان ايترو پيار مليو جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ڪلاس ائين ۾ هو ته سندس والد فوت ٿي ويو. اهو سال 1962ع هو. والده ۽ ننڍي ڀيڻ سان گڏ سندس مامو ديدار حسين منگي، هن جو سرپرست بڻيو. سندس والد جي گهر ۾ مامو، مامي ۽ ناني گڏ رهندا هئا.

لڳ ڀڳ 60-70 سال اڳ سنڌ جو اهو مثالي دور هو. امن امان، سادگي، هر طرف پنهنجائپ، ائين سمجهبو هو ته پنهنجن ۽ پراون ۾ ڪو فرق ئي ڪونه آهي. عبدالقادر، دوستن ۽ گهر ۾ محمد بچل طور سڃاتو ويندو هو. هو ننڍي هوندي کان ذهين ۽ هوشيار هو. تعليمي نفسيات ۾ اهڙن ٻارن کي Gifted سڏبو آهي. ان جي وصف مختصر اها آهي ته اهڙا ٻار سؤ مان صرف 5 کان 8 جي تعداد تائين هوندا آهن. باقي ٻين کان ذهانت جي حساب کان تمام تيز هوندا آهن.

جڏهن ٻارن جي عمر راند روند ڪيڏڻ ۽ چلولائپ ڪرڻ جي هوندي آهي تڏهن ان عمر کان محمد بچل ذهني طور وڏي عمر جو بڻجي ويو. والد جي کوٽ هن کي سنجيده بڻائي ڇڏيو. هن اُن وقت ئي سخت محنت ڪرڻ جو عهد ڪيو. هن وقت نه وڃايو. ڏاڍي سليقي ۽ ذميواريءَ سان اٿڻ ويهڻ لڳو. دوستن ۾ نمايان حيثيت ماڻيائين. استادن کان شاباسون ورتائين. راندين ورندين (والي بال وغيره) ۾ حيثيت مڃرايائين. ڪتابن کي گهربل ٽائيم ڏنائين. نه صرف انگريزيءَ کي توجهه ڏنائين پر ڪورس جي ڪتابن کانسواءِ اردو ادب جا ڪتاب به مطالعو ڪيائين. عالم ۽ سينئر استادن مان هن ڪافي پرايو. دوستن سان گڏجي اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ وڏن وڏن ٽهڪن مان هن جو جيءُ نه پربو هو. هن جي اوطاق دوستن ۽ استادن سان واندي وقت ۾ ڀريل رهندي هئي. خصوصاً آچر ۽ موڪل وارن ڏينهن تي- هاءِ اسڪول رتوديرو مان 1965ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1967ع ۾ انٽر، پري انجنيئرنگ پاس ڪيائين. مئرٽ تي بي.ايس.سي فاريسٽ (پشاور) پشاور يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. اسڪالرشپ ملندي هيس. گهران به پئسا ملندا هئس. سنهڙو، ڊگهڙو، خوبصورت ۽ سٺا ڪپڙا پائڻ وارو نوجوان عبدالقادر وڏي مزي، شوق ۽ ذميواريءَ سان 1970ع ۾ امتحان پاس ڪري ڊگري وٺي واپس گهر آيو.

ساڳي سال 1970ع ۾ رينج فاريسٽ آفيسر مقرر ٿيو. 1972ع ۾ B.ed ۽ 1977ع ۾ ايل ايل.بي ڪيائين. آفيسر هوندي هو مطمئن ٿي ويٺو. هن جي اندر واري انسان هن کي PCS ڪرڻ لاءِ اُڪسايو. هونءَ به اُن وقت سول سروس کان وڌيڪ ٻي چارم واري نوڪري نه هئي. وڏن ننڍن واري نوڪري سمجهي ويندي هئي. سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي. پاڻ پوليٽيڪل سائنس ۽ انگلش ۾ ماسٽرس پڻ ڪيائين.

سال 1970ع ۾ زميندار گهراڻي مان شادي ڪيائين. ائين مشهور منگي پوليٽيشن ۽ صنعتڪار علي حسن منگيءَ جو ويجهو مائٽ ٿي ويو. سندس گهر واري علي حسن صاحب جي گهر پلي ۽ پڙهي هئي ۽ گرامر اسڪول ۾ تعليم ورتي هئائين.

پي.سي.ايس ڪري 1975ع ۾ سول سروس جوائين ڪيائين. ڪپرو، گهارو، ٽنڊوالهيار، سجاول، لاڙڪاڻو، ٽڙ، نواب شاهه، خيرپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جهڙن مختلف شهرن ۾ نوڪري جا فرض سرانجام ڏنائين. ڀٽي صاحب جي دور حڪومت ۾، لاڙڪاڻي جي ڊي.سي خالد ڪرل صاحب سان گڏجي ڪم ڪيائين. ڪرل صاحب پڙهيل لکيل، ذهين ۽ سنڌ گير آفيسر هئڻ سان گڏ، ڀُٽي صاحب جو اعتماد وارو هو. عبدالقادر کي سکڻ جو شوق هو. جنهن ڪري ڏکيا ڪم پورا ڪرڻ لاءِ هن کي چونڊيو ويندو هو. ائين نوڪريءَ جا گر ۽ داءِ پيچ سکي، ڪُندن بڻجي پچي راس ٿيو.

چئلينج وارا ڪم ڪرڻ ۾ کيس مزو ايندو هو. هو هر ڪم ڏاڍي سليقي، ڍنگ ۽ پيار سان ڪندو هو. آفيسرن جو اعتماد ماڻيائين. عزت ڪمايائين. ائين آهستي آهستي هو پنهنجا پبلڪ رليشنس وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

جڏهن پنهنجي حدن ۾ حڪمرانيءَ جي ٿنن ۽ ڪاڏن پيتن مان ڍاپيو ته 1983ع ۾ گهارو ۾ S.D.M هوندي پنهنجي سينئرس جي صلاحن سان سنڌ جي تاريخي ماڳ، "پنيور ۽ ديبل" تي ميلو مڃايائين. سڄي سنڌ ۾ مانُ ماڻيائين. ان وقت کان وٺي هن ڌرتيءَ تي هن جا پير پُختا ڄَميا پيا آهن. سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن دانشورن ۽ محققن سان هن جا ذاتي لاڳاپا جُڙي پيا. سڀ کيس پيار ڪرڻ ۽ عزت ڏيڻ لڳا. هن کي حڪمراني جي نشي جي برعڪس هن رومانس مان جنهن مُد جو مزو يا سرور ماڻيو اهو بلڪل نرالو هو. هنن رشتن مان خلوص سچائي ۽ روحاني سرور حاصل ڪيائين. ان کي ئي حقيقي ملڪيت سمجهي ساهه سان سانڍيائين.

اهو 1983ع ۾ ظالم جابر جنرل ضياءُ جو دور هو. هو ڪتاب "پنيور ۽ ديبل" جو مرتب ٿيو. هي سنڌ جو مشهور تاريخي ۽ رومانوي (سسئي پنهون) ماڳ آهي. ورهاڱي کان وٺي گذريل سالن ۾ اهڙو ٻيو ڪتاب منهنجي نظر مان ڪونه گذريو آهي.

ڀٽي صاحب جي دور ۾، پيار علي الانا وزيرتعليم جي حيثيت سان پرڏيهي طور "Sindh Through entries" سڏايو. پنيور وارو ميڙاڪو ان سلسلي ۾ سنڌ جي تاريخ کي نروار ڪرڻ ۽ سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ تي هي بنيادي طور ٻي ڪڙي هئي.

1985ع ۾ ٽنڊوالهيار ۾ "وتايو سيمينار" سڏايائين. سنڌ جو وتايو، ايران جي شيخ سعدي ۽ روميءَ جي حڪايتن وانگر سڄي سنڌ ۾ پڙهلين ۽ اڻ پڙهيلن ۾ سينه به سينه مشهور هو. هو ايراني شاعرن وانگر شاعر نه هو. پر ناصحانه نڪتا، سادن لفظن ۾ ڪنهن کان به گهٽ نه هئا. وتائي فقير تي مارڪيٽ ۾ ڪوبه مستند ڪتاب موجود نه هو. عبدالقادر هن فقير منش جي ڳالهين کي مختلف رائيٽرس کان لکرائي بهترين ڪتاب ڇپرائي، سنڌ وارن کي پڙهڻ لاءِ آڇيو. پاڻ مرتب بڻيا. اهڙي نموني درويش وتائي جي سينه به سينه سفر ڪندڙ ماڻڪن ۽ موتين جهڙين ڳالهين کي ڇنڊي ڦوڪي، تراشي ۽ صاف ڪري سنڌي ٻوليءَ جي خزاني ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ ٻين لاءِ مثال ڇڏيائين. ۽ دعوت ڏنائين ته، 'سنڌ جو انمول خزانو' اجا گهڻو آهي اچوته گڏجي ان کي سنڀاليون. هي سندس ٻيو ڪارنامو هو.

هن جي ڪوشش ڪري، ٻيا آفيسر به هن جي نقش قدم تي هلڻ لڳا. ائين بيوروڪريسي ۾ ڪيترا ئي آفيسر ڏسندي ئي ڏسندي دانشور بڻجي ويا. عام کوجنا ڪندڙن بجاءِ آفيسرن کي سهوليتون هئڻ ڪري هنڌ هنڌ ڪري سنڌي ادب ۽ تاريخ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو آهي. ضرورت آهي وتائي فقير وارو ڪتاب انگريزي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرائي فقير جا ماڻڪ، موتي ۽ لال جهڙا گفتا دنيا تائين پهچائجن.

آفيسرن ۾ وڏيون اميدون ڪونه رکبيون آهن. هنن کي "ييس سر" آفيسر سمجهبو آهي. جيڪي هر وقت حڪمرانن کي خوش رکڻ جي چڪر ۾ هوندا ۽ ائين پروموشن وٺندا رهندا آهن.

آفيسر هجڻ ڪري، عبدالقادر کي ڪجهه نقصان به رسيو آهي. پر هن جيڪا عزت ۽ مچتا ماڻي آهي ان سان هر ڪنهن کي ريس ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ سان پيار ڪري ان جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي.

هر سال هر ضلعي جو آفيسر هڪ ڪتاب سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي ثبوت طور پاڻ لکي يا ٻين کان لکرائي ته جيڪر آساني ٿي پوي. سيني جو قرض لهي پوي ۽ سنڌ جو پوشيده خزانو سامهون اچي وڃي.

1988ع واري محترمه جي دور حڪومت ۾ لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر طور ڪم ڪيائين. ڪي بي رند ڪمشنر هو. فطرت ۽ قدرت جا به عجيب ڪرشما آهن. محمد بچل ننڍو هو ته والد وفات ڪري ويس. ڪيريئر جي ابتدائي سونهري سفر جي گهر واري

# پلو ماڻهو ۽ برجستو ڪامورو..



ڪامريڊ حسين بخش ناريجو

1965ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ويس. نئيديري ۽ رتيديري شهر کان ڪاليج ايندڙ شاگردن ۾ عبدالقادر منگي به پڙهڻ ايندو هو. منگي صاحب سُهڻو سُهڻو، بردبار ٻار هو. ڪاليج ۾ ايندي ويندي ڀيا سلامي ٿيندا هئاسين.

اسان نئين ديري کان سرور ناريجو، عبدالغفار ڀٽي، امداد کهڙو، الهڏنو سومرو، حبيب قريشي، آگاٽي ڳوٺ کان رئيس رفيق، هڪ گروپ ۾ ڪاليج ايندا ويندا هئاسين. مئٽرڪ ڊي سي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پڙهڻ ڪري ڪافي دوستن سان دوستي ۽ واقفيت ٿي جنهن ۾ خدا بخش ڀيچوهو سر فهرست هو. ڪاليج ۾ پڙهندڙ شهزادو شيخ، قربان عباسي، مصطفيٰ لاهوري، رسول بخش ڏاهاٽي ۽ ٻيا ڪافي هوندا هئاسين. اڄڪلهه واري 'گروپ بازي'، 'شو بازي' نه هوندي هئي.

ان وقت ڪاليج ۾ مصطفيٰ لاهوري پنهنجي ڪار تي ايندو هو. آفيسرن جا پٽ سرڪاري جيپن تي ڪاليج ايندا هئا.

ڪاليج ۾ استادن جي عزت مرشدن جي برابر هوندي هئي. گريجوئيشن ڪرڻ بعد منگي صاحب سرڪاري نوڪري ۾ شامل ٿي ڪميشن ڪرڻ ڪانپوءِ بيورو ڪريسي جو حصو ٿي ويو. پر اسانجي ملڪ ۾ بيورو ڪريٽ کي ذاتي نوڪر سمجهي پنهنجي مخالفن کي زير ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي.

تنهنڪري اسانجي ملڪ جي بيوروڪريسي به سياستدان سان ڀاڱي ڀائيوار ٿي پئي آهي. انگريز چوندا آهن ته اسان انگريز ناانصافيءَ ۾ به انصاف ڪندا آهيون. اسانجا خاص سنڌي آفيسر (بيوروڪريٽ) سياسي غير سياسي واسطن جي جوش ۾ انصاف سان به بيهوده ناانصافي ڪندا آهن.

عبدالقادر منگي صاحب بيوروڪريسيءَ جو حصو هوندي. علم ادب سان ڳانڍاپو نه ڇڏيو. الاهي بيوروڪريٽ ڏٺا آهن جيڪي پاور کي غلط استعمال ڪري پئسن ڪمائڻ جي مشين ٿي غريب، مٽ مائٽ، قوم کان پري ٿي VIP ڪلچر جو حصو ٿيڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن.

منگي صاحب کي ڏٺو ته هن پنهنجي پاڻ کي سنڀالي رکيو. بيوروڪريسي جي تخت تي ويٺل چند ملاقاتون وسرڻ جهڙيون ناهن.

اخبار ۾ پڙهيم ته منگي صاحب لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو آهي. لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ منگي صاحب لاءِ چئلينج هو ڇوته سنڌ جو نگران وزيراعليٰ ممتاز علي خان ڀٽو هو ۽ سندس پٽ امير بخش ڀٽو رتيديري تڪ تان MPA جو اميدوار هو. ٿورو پريشان ٿيس ته برف جهڙو ٿڌو انسان هيڏو وڏو بار ڪيئن نڀائيندو؟

پر حيران ٿيس ته منهنجو دوست اها ڏکي ذميواري به تمام احسن طريقي سان نڀائي ويو. هن پنهنجون منصبي ذميواريون هر حڪومت جي دور ۾ سٺي نموني نڀايون. منگي صاحب هميشه ٿورين ٿورين تڪليفن مهل، چاهي اغوا ٿيو هجان، چاهي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ جيل ۾ هجان. يا ضياء جي مارشلا ۾ ڪوڙا کائي ۽ جيل هجان فون ڪري چوندو هو، "حُسين خوش آهين؟" اها هڪ فون هئي پر ان ۾ هڪ سچي ڀاءُ ۽ دوست جي سچي آٿت جو آواز هوندو هو.

هڪ دوست ۽ ڀاءُ جي حيثيت سان مونکي منگي صاحب کان هڪ شڪايت آهي ته رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هن کي سول سوسائٽي جيڪو رول نڀائڻو هو اهو نڀائڻ جي هن ڄاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪا به ڪوشش نه ڪئي آهي. مان به ڀريان نوڪري ڪرڻ مهل سوچيندو هوس ته سڄي عمر نوڪري ڪري آخر ۾ رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ گهر ۾ ونگوڙو لڪڻ هٽ ۾ ڪٽي گِسڪي گِسڪي گذري وڃان. جيڪو مونکي قبول نه هو.

اڄ ڏينهن تائين ڀائيپي وارو رستو آهي. هڪ ٻئي لاءِ احترام ۽ اُڪير بڪندي رهندي آهي. ■

منگي صاحب ٽنهي پٽن سان گڏ



# خوبصورت انسان..

نصير مرزا

منگي صاحب جي باري ۾؟ پر ڪير منگي صاحب؟ سائين عبدالقادر منگي! ڊپٽي ڪمشنر، ڪمشنر، سيڪريٽري سنڌ ثقافت کاتو. اعليٰ ۽ بالا منصب دار. جنهن بابت وقتن فوقتن جيڪي ڪجهه به ٿورو ڪِي گهڻو ڪنهن وقت مون لکيو هو، اهو ٿورين ڪجهه سٽن ۽ ٿورڙن جملن جي صورت ۾، مون ناچيز جي اڪثر تحريرن ۾ ظاهر آهي ته ٽڙيو پکڙيو پيو هو، سوچيم، مٿن ڪجهه وڌيڪ لکڻ کان پهرين ڇو نه اُهي پيراگراف به انهن تحريرن منجهان ڳولي ڦولهي، هٿ ڪري هتي هن آرٽيڪل ۾ لکندو هلان. ته بس اهڙين ڪجهه سٽن مان پهرين ته هي پيراگراف پڙهو، جيڪو منهنجي 1992ع واري ٿر ياترا مان آهي. ملي ويو اٿم.

-سنڌ جون ڪي بس ٿورڙيون ئي ته بيوروڪريٽ شخصيتون هونديون، جيڪي مون کي نج پج پنهنجيون پنهنجيون لڳيون. جن سان هڪ ڀيرو مليءَ، وڻائن اٿيو هوندس ته وري وري به ساڻن ملڻ جي خواهش منهنجي دل ۾ هر حالت ۾ رهي هوندي. عبدالقادر منگي صاحب به اهڙين ئي ته شخصيتن مان هڪ لڳم. (هونئن ڪي اهڙيون بيوروڪريٽ شخصيتون ٻيون به ته مون کي سُجهن ٿيون، جن سان پهرين ئي ملاقات دوران، مون طئه ڪري ورتو هوندو. ته هاڻي انهن سان اڳتي، ڪڏهن به نه ملندس).

هونئن هتي، ان مٿئين پيراگراف بابت هيءَ ڳالهه به Clear ڪري ڇڏيان ته منگي صاحب کي پسند ڪرڻ جو پهريون سبب. سندس ڊپٽي ڪمشنر هجڻ ته قطعي ڪو نه هو. اصل ۾ ايڏي اعليٰ منصب تي هجڻ جي باوجود مون کي جنهن ڳڻ. سندن وڏو مداح بڻايو اهو ته يارو. اجائي ڪو ٻيو هو، ڪهڙو؟ سندس خوشگفتاري... ۽ ملنساري... سوچيم يا الله! هي هيڏو وڏو بيوروڪريٽ يعني پوري ٿر ضلعي جو مالڪ ڪُل مختار ۽ گفتگو دوران ماڻهن سان ايڏو Humble ۽ همدرد. مٿان ڏيرج ڀريو محبوبيت سان لبريز انداز الڳ. (ته بس ان ئي ڏينهن آئون سندن خوشبوءَ جو طلبگار به ته ٿي ويو هوس) اصل ۾ هتي هيءَ ڳالهه به چِٽي ڪري ڇڏيان... ته هن خوبصورت ۽ خوشبودار انسان منگي صاحب کي. مون ڏٺو پوءِ، سندن نالي ۽ هاڪ ڏاک کان آگاهي پهرين ٿي هئم ۽ اها 1983ع ڌاري. انهن ڏينهن دوران، جڏهن پاڻ گهاري شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هئا ۽ اتي سندن پاران ڪرايل 'ڀنڀور نيشنل سيمينار' جو چؤبول، سنڌي-اردو اخبارن ۾ Talk of the Town بڻيل هو. اِجهو لهيءَ جڳ پڌري عظيم الشان سيمينار سڏائڻ کان پوءِ جڏهن سندن پوسٽنگ ٽنڊي الهيار ۾ ٿي ته اُتي وري لوڪ ڏاهپ جي وسري ويل ڪردار 'وتائي فقير' بابت ڪانفرنس ڪوٺائي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي حلقن ۾ وتائي فقير سان

گڏ پاڻ ۾ هڪڙي محبوب شخصيت وانگر اُڀري سامهون اچي بيٺا. هاڻي 1992ع ڌاري ٿرپارڪر ۾ ان جي ضلعي هيڊڪوارٽر مٺيءَ، پالوا ۽ ننگر پارڪر ۾ “ٿر نيشنل سيمينار” جي سلسلي ۾ جيڪي جيڪي به ثقافتي پروگرام ڪوٺائڻ جو بندوبست پاڻ ڪرايائون، انهن جي ته بس بابا ڳالهه ئي ڇڏي ڏيو. سندن سڏايل ۽ ڪرايل ‘ديبل ڀنڀور سيمينار’ يا ‘وتايو فقير ڪانفرنس’ ۾ آئون لاشڪ ته شريڪ نه ٿي سگهيو هئس پر 1992ع ڌاري ‘ٿر نيشنل سيمينار’ جي ريڊيو ڪوريج. اجهو منهنجي ئي ته حصي ۾ آئي هئي. سو ٽيم سميت مٺيءَ ۾ سندن آفيس پهتس. ته اڙي هان! هي ڇا! بيپناهه دلفريب مُرڪ ۽ گرم جوشيءَ سان ايئن هٿ ملائي ڀاڪر پاتائون، ڄڻ آئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروڊيوسر نه. پر سندن ڪو جنم جنم جو وڇڙي ويل يار هجان. تڏهن اهڙي پهرين روبرو ملاقات دوران ئي پنهنجائپ منجهان کُلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳا، “سيمينار ۽ ان جي سموري ثقافتي شو جي ڪمپيئرنگ اوهان کي ئي ڪرڻي پوندي نصير.” تڏهن مون سندن اکين ۽ دل ۾ جهاتي پائي ڏٺو، جتي آئون اڳي ئي هڪيو تڪيو ويٺو هئس. جنهن آڌار پوءِ دعويٰ سان آئون اڄ به چوندو رهندو آهيان ته، ڪمشنر يا ڊپٽي ڪمشنر رينڪ وارن شخصيتن مان منهنجي دوستي، محبت ۽ هجت جيڪڏهن ڪنهن بالاعملدار سان قائم دائم آهي. ته صرف عبدالقادر منگي سان.

اڇا، هيءَ ڳالهه به درست، ته منگي صاحب پيدائشي ذهين ۽ حسين انسان هئا ئي، پر سروس ۾ اچڻ سان ئي ٿر جي ڪندرن، بيابانن، خيرپور اسٽيٽ ۾ “جشنِ خيرپور” ۽ وتائي فقير سان هي الائي جي ته ڇو سندن ايڏو اُنس ٿيو ۽ اهو به پوءِ اهڙو، جو هاڻي سنڌ جي تاريخ ۾ انهن سڀني ڏڌن پڌن جو ذڪر جڏهن جڏهن به ڇڙندو، تڏهن تڏهن. صرف تاريخ جي ورقن ئي نه، انهن مان هڪ هڪ دڙي پڙي ۽ ڪندر مان هي آواز به ضرور پيو ٻڌڻ ۾ ايندو ته، ‘منگي صاحب.’

*اب تيرا نام بھی آئے گا ميرے نام کے ساتھ*

پر منگي صاحب بابت لکندي لکندي هي اوچتو سندن ڪن ٻين مهربانين بابت پنهنجي 1992ع واري ئي لکيل ‘ٿر-سفرنامي’ منجهان هاڻي هي هڪڙو ٻيو پيراگراف به هٿ اچي ويو اٿم.

-ننگر پارڪر مان اُڃ اُڃ ڪندو مٺي پهتس، ته سج ڪپار تي هو. ڊڪندو منگي صاحب جي آفيس رسيُس، ته هٿ پوءِ ملايائين ۽ مُرڪي آڌر ڀاءُ پهرئين ڪيائين. تڏهن ايئن سمجهيم پياسي کي رُڃ سُڃ ۾ مٺو جَل سَجل ئي نه، ڄڻ صندل جو عطر عنبير شربت ملي ويو هجي!! سامت ۾ آيس، ته ٿر جي ٻاڙن ڪوهن جو ڪارو پاڻي پي اهڙيو ته مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا جو هنيانءُ ئي ٺري ويو. اُتان اٿيس ته دل ۾ چيم، يا الله! هي منگي صاحب، ڇا ته خوبصورت انسان! پر. هي ڇا ته خوبصورت انسان؟ ظاهري ڏيک ويک کان ته قطعي دور - جو هي آئون ناچيز جنهن سان به ملي اٿڻ وقت بي پناهه خوشي محسوس ڪندو آهيان. ان لاءِ سدائين دل ۾ ايئن پيو چوندو آهيان. اڙي واهه. ڇا ته خوبصورت انسان. (پر منگي صاحب ته يقين ڪريو جهڙا اندران سهڻا اهڙا ئي ٻاهران به سهڻا)

اڇا، پنهنجي انهيءَ مٿين لکيل پيراگراف کي ڪتاب “خيمي مان شام” منجهان هتي لاهي چڪس، ته هٿ وڌائي شيلف مان، منگي صاحب جي خود پنهنجي مرتب ڪيل مقالن ۽ مضمونن وارن ڪجهه ڪتابن مان سڀ کان اول، “ديبل ۽ ڀنڀور” جا ورق ورائڻ لڳس، ۽ ورق ورائيندي ورائيندي سندس پاران لکيل سندن نثر ۾ ته آئون مگن ئي ٿيندو پئي ويس، اڙي ها، هي ڇا؟ هي ڊپٽي ڪمشنر ٽائيپ ڪامورا پاڻ ڪٿي ههڙو نثر لکي ڄاڻندا آهن، اُهي ته بس پنهنجن سيڪريٽرين کي ڊڪٽيشن ئي ڏيندا رهندا آهن. خير، “پنهنجي پاران” واري سندن ان تحرير کي پڙهندي سوچيندو ۽ دل ئي دل ۾ چوندو به رهيس، منگي صاحب هي توهان ڇا ته، چاشنيدار نثر لکي ڏيکاريو آهي.

-مون جڏهن به ۽ جتي به شوق جي شمع ٻارِي، سنڌ جا عالم اديب، دانشور وڏيون منزلون لتاڙي هر حالت ۾ پروانن جيان اچي ڳاهٽ ٿيا ۽ ايئن منهنجن اڌمن ۽ اميدن جو سدائين ڀرم رهيو. ان ڪانپوءِ “ڀنڀور نيشنل سيمينار” (10اپريل 1983) سڏائڻ جي ڏس ۾ جواز ڏيندي ڇا ته جاندار نثر لکيو اٿن.

-ضياءَ جو ظلمي زمانو هو ۽ مان گهاري شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هوس، هڪ طرف سسٽم جو حصو، ٻئي طرف سنڌي ماڻهن سان سلهاڙيل مرڻ جيئڻ هن مٽيءَ تي! روز صبح جو آفيس لاءِ نڪربو هو ته پهرين نظر ڀنڀور جي ڀڙن تي پوندي هئي. جتان آواز پيا ايندا هئا “رهي وڃ رَات ڀنڀور ۾” تڏهن اتي هن ڀنڀور سيمينار جو سوچيم، جنهن جي پُر هجوم ۽ آخري سيشن جي صدارت وقت، ڊاڪٽر جي ايم مهڪري ضياءَ کي للڪاريندي چيو هو، “سنڌي جاڳ اُٿي هين. اُٺو.غلامي کي زنجيرون کو توڙ ڊالو.” جنهن بعد نهايت جلد 14 آگسٽ 1984ع کان ايم آر ڊي تحريڪ ڪنڌ ڪنيو ۽ سنڌ جي جوڌن پنهنجي رت سان سنڌ لاءِ نئون باب لکيو.

منگي صاحب جي انهيءَ مٿين نثري ٽڪري کي پڙهي دل منجهان دانهن نڪري ويم، اڙي واهه! منگي صاحبَ!! توهان هي به ڇا ته، شعلا و شبنم نثر لکي ورتو آهي، جنهن کي پڙهڻ وقت، پاسيم، ڄڻ مولانا ابو الڪلام آزاد ۽ شورش ڪاشميريءَ جي نثر تي نظر پئجي وئي اٿم.

هاڻي هي 1993ع ۾ مرتب ڪيل منگي صاحب جو ٻيو ڪتاب ويٺو پڙهان : “ٿر، ثقافت، آثار، ادب ۽ وسيلا” . هونئن هي ڪتاب به ڇا ته شاندار و شاهڪار پُستڪ ! ۽ ان جي به ابتدا، منگي صاحب هي ڇا ته موهيندڙ ۽ سندر نثر لکي ڏيکاريو آهي.

-او بيوٽيفل، جيئن ئي (ٿر ۾ ڊپٽي ڪمشنر طور چارج وٺڻ لاءِ) نئون ڪوٽ وارو قلعو مَٽي گاڏي جهول کائي هيٺ ڏهر ۾ هلڻ لڳي ته چوڌاري ڪشادي وادي ڏسي، منهنجي واتان بي ساخته نڪتو، ٽراڪڙي واريءَ جا دڙا ۽ وچ وچ ۾ ڏهر. ڄڻ ڪنهن ڪنير وڏي ڪاريگريءَ سان، هڪ ڪشادو پيالو بيابان ۾ ٺاهيو هجي.

اڙي واهه، ۽ منگي صاحب جي اهڙي لکيل نثر کي پڙهي لڳم پئي، هي آئون سندن نثر نه پيو پڙهان، ڄڻ موهن ڀڳت سان ڪنهن پٽ تي ويهي، ‘ڦوٽي ڪلال! جي هٽَ جو ‘ٺرو’ پيو پيئَان.

خير، هاڻي اڳتي ٿا هلون. ۽ ان ئي ٿر واري ڪتاب منجهان هي ٻيو پيراگراف ۽ ان ۾ سندن نثر جو نمونو ٿا ڏسون، جيڪو بلڪل ايئن پئي معلوم ٿيم، ڄڻ سامهون سئنيما اسڪوپ پردي تي فلم لارينس آف عربيا جو ڪو صحرائي سين پيو ڏسان.

-جيئن جيئن گاڏي اڳتي وڌندي وئي تيئن تيئن اداسيءَ واري ڪيفيت وڌندي وئي، ڇئن سالن جي خشڪ ساليءَ جي ڪري وارياسي پٽن تان ٻوٽا ساهه ڇڏيندا پئي ويا، پر پوءِ به زمين سان پنهنجي پريت جي ريت نڀائڻ ۾ رڌل هئا، ڪيترا ئي لڏا بئراج ڏانهن لڏي وڃي رهيا هئا، جن ۾ ٻار عورتون وهٽن تي. مرد پنڌ ۽ هو بيابان ۾ ڳائي مائي مال کي هڪليندا الائي ڪيڏانهن پئي ويا. سامهون ايندڙ ڪيڪڙي تي ماڻهو ايئن ڳاهٽ هئا ڄڻ ماکيءَ جي ماناري تي مکيون.

منگي صاحب جي اهڙي نثر کي قطع نظر سندس برپا ڪيل علمي ادبي ۽ ثقافتي گڏجاڻين ۽ ڪارنامن جي پس منظر ۾ هاڻي جڏهن ماضيءَ تي مڙي نظر ٿو وجهان ته ههڙين شاندار مشغولين ۾ مون کي جيڪي پيا اڳوڻا معروف ڊپٽي ڪمشنر نظر پيا اچن، انهن ۾ سڀ کان اول، ته سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ ( والد حميد سنڌي صاحب) پوءِ سيد محب الله شاهه، غلام محمد ميمڻ، مخدوم ڏيپلائي، سائين عبدالله جي ميمڻ ۽ لهن سڀني جي نقشِ قدم تي هلندي مون کي پنهنجو هي منگي صاحب سچ پچو ته اهڙن سڀني سينيئرز کان گهڻو گهڻو اڳيرو ئي پئي نظر آيو ۽ آئون ڀانئيان، ته ٿر ۾ جنهن وقت منگي صاحب، ڊپٽي ڪمشنر مقرر هئا، سنڌ جي اديبن شاعرن، دانشورن، براڊڪاسٽرن وڏ ۾ وڏ هن برپٽ بيابان جا سير سپاٽا ڪيا. ۽ سفرنامه لکيا.جن ۾ هي نمايان نالا آهن، جيئن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانه، ڊاڪٽر فهميده حسين، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، عنايت ۽ هدايت بلوچ صاحب، بدر ابڙو ۽ هي ناچيز ( جنهن کين قليچ بيگ صاحب جي ذاتي البم مان ٿر جي اڳوڻي پوليٽيڪل ايجنٽ “ڪرنل تروٽ” جي هڪڙي ناياب تصوير ڪڍي ان جو مائونڊ ٺهرائي کين تحفي طور ڏنو هو، جيڪو پاڻ وڏي حُب منجهان پنهنجي آفيس ۾ هڻرائي ڇڏيو هو) هونئن منهنجي لاءِ هي به ڇا ڪو گهٽ اعزاز آهي ته جڏهن کان آئون کين ڪي وجهو رهندو پيو اچان. مون تي سندن خاص مهرباني رهي آهي.. سندن وڏي ۾ وڏو احسان ته مون تي هي، جو پاڻ 2007ع ڌاري جڏهن سنڌ ثقافت کاتي جا سيڪريٽري هئا، مون ناچيز لاءِ پٺائي صاحب جي اسٽيج تان اوچتو ‘**شاهه لطيف ايوارڊ**’ انائونس ڪرائي مون کي حيران ڪري وڌو هئائون. اصل ۾ هي ئي ته، سنڌ جو اُهو وڏي ۾ وڏو ايوارڊ ۽ اعزاز آهي جنهن جي حسرت ڪندي ڪندي ڪيترائي مائر ويچارا، دنيا مان خالي هٿين هليا ويا . سو ڪڏهن ڪڏهن سندن ان غير معمولي مهرباني تي سوچيندو آهيان، ته پتو ئي نه پئجي سگهندو اٿم، ته پاڻ منهنجا عاشق آهن؟ يا آئون سندن؟ بهرڪيف کين پنهنجو محبوب ۽ محسن سمجهندي هتي هيئن چوڻ ڪانسواءِ به نٿو آئون رهي سگهان، ته او مٺا منگي صاحب، او ميڏا سائين، توهان آهيو سائين ۽ آئون ٻانهي اوهان جي قرب ۾ ڪٺل. انهي ڪري توهان سان:

*دوستي کا دعویٰ کيا عاشقی سے کيا مطلب*
*ہم ترے فقيروں ميں ہم ترے اسيروں ميں*

# اسٽيل جا پنج گلاس...





ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**ڪڏهن** ملڪ ۾ کنڊ جي کوٽ ائين هوندي هئي جيئن اڄڪلهہ بجليءَ جي کوٽ آهي. کنڊ جي کوٽ ماڻهوءَ جي صحت لاءِ سٺي هئي، پر بجليءَ جي کوٽ ماڻهوءَ جي صحت بگاڙي وجهي ٿي.

هر ڪٽنب کي حڪومت پاران راشن ڪارڊ مليل هوندو هو، جنهن ۾ ڄاڻايل ڀاتين جي حساب سان کنڊ خريد ڪري سگهبي هئي. ماڻهو گڏجي مٺائي واپرائيندا هئا جيڪا بي مزي هوندي هئي. ننڍي هوندي ڇانورن مٿان ڳڙ جي مٺائي ٻُرڪي کائيندو هيس تہ لڳندو هو ڇانورن ۾ مٺا پتر هجن. ڳڙ جي چلهہ پيئڻ سان منهن ڪوڙو ٿي ويندو هو. ماڻهو مٺاڻ گهٽ واپرائيندا هئا. نہ هيا ڪسٽرڊ جيليون، نہ پڊنگ ۽ نہ دود دلاريون. مٺائي ڳڙ کي چوندا هئا. اڄڪلهہ جي مٺائي جنهن ۾ گلاب جامن، امرتي، ميسو، چم چم يا ٻيون شيون شامل آهن عام نہ هئي. عورتون شادين مرادين ۾ ڪاچ ڏيڪارڻ ڪانپوءِ ڳڙجي مٺائي ورهائينديون هيون جيڪا رئي جي پاند ۾ ورتي ويندي هئي. جڏهن چوٿين درجي جو امتحان پاس ڪيو هيم تہ استاد عبدالرزاق مٺائي ڪارائڻ لاءِ چيو هو. سڀ ٻار گهران ڳڙ جي مٺائي ڪٽي آيا هئا جيڪا استاد هڪ لفافي ۾ گڏ ڪري ڪٽي ويو هو. سڪيا ستابا ماڻهو نقطي يا لڏون ورهائيندا هئا. کيرٽي خاص ڏڻن تي پچندي هئي. ماڻهو شگر جا مريض هئا. يا نہ، چئي نہ ٿو سگهجي. پر پڪ سان شگر جو مرض نہ هجڻ برابر هو.

سکر جي سخت گرميءَ ۾ ڳڙ جو شربت تيار ڪري اسلام الدين واري آئيس فيڪٽري جي ميري برف جو ڳنڍو وجهي پيئندا هياسين ۽ اسٽيل جو گلاس پري ڏاڏيءَ کي بہ ڏيندا هئاسين تہ اها پي چوندي هئي، ”اڙي ابا هيانءُ ٺري پيو.“

شگر جي مرض کان اڄڪلهہ لکيل پڙهيل ماڻهو مٺائي ائين کائيندا آهن جيئن ڪنهن وقت بادشاهہ کاڌو کان اڳ کاڌو غلامن کان چيڪ ڪرائيندا هئا. غلام ڇهندي پري کائنيدا هئا تہ مٿان زهر مليل نہ هجي.

جڏهن شگر مليون لڳيون تہ ڳنڍيريون مهانگيون ٿي ويون. بابو چوندو هو، ”پٽ ڳنڍيريون کاءُ ڏند مضبوط ٿيندئي.“

ٻڪ هجي، جسم ۾ توانائي نہ هجي تہ ماڻهو ڪاڏو چٻاڙي نہ سگهندو. ڪاڏي چٻاڙڻ لاءِ ضروي آهي تہ ماڻهو مسلسل کائيندو رهي. ڳنڍيرين کائڻ سان ڏند مضبوط ٿين، نہ ٿين، پر شگر زندگي بہ آهي تہ زهر بہ. گاڏي هلائڻ لاءِ پيٽرول ۽ ماڻهو هلائڻ لاءِ شگر جي ضرورت پوي ٿي. شگر حد کان وڌي وڃي تہ بيماريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

جڏهن شگر مليون لڳيون تہ راشن ڪارڊ ختم ٿي ويا. کنڊ بازار ۾ ملڻ لڳي. سنہ 1974ع ۾ چانڊڪا ۾ پڙهندو هيس. سکر کان لاڙڪاڻي ريل ڪار هلندي هئي. اها خوبصورت ريل پٽي صاحب طرفان تڪ جي ماڻهن لاءِ تحفو هئي. سکر کان لاڙڪاڻي تائين ٽڪيٽ چيڪر گاڏي ۾ نہ ايندو هو. سڀ بغير ٽڪيٽ هوندا هئا. اهو نعرو عام هو، ’جيئي ڀٽو، ڀاڙو ڇٽو.‘

اسان بہ ان ۾ سفر ڪندا هئاسين. تن ڏينهن نئون ديرو شگر مل ٺهي رهي هئي. جنهن ۾ چيني انجنيئر ڪم ڪندا هئا.

هڪ ڀيري اسان سان گڏ بہ چيني انجنيئر سفر ڪري رهيا هئا. جون جو مهينو هو. آسمان مان باهہ پئي وسي. چينين ”رڪ“ پليٽ فارم تان هنداڻو ورتو. هنداڻو ڪٽي بہ حصا ڪرايا. ريل هلي تہ انهن کائڻ شروع ڪيو. ڪائي پورو ڪيائون تہ خالي اڌ ٽوپلي وانگر مٿي تي رکي ويهي رهيا. اسان شاگرد ٺهڪن ۾ اونڌا پيا هياسين. پر انهن کي ڪا پرواهہ نہ هئي. نئين ديري تائين مٿي تان اهي نہ لاٿائون.

سنڌ ۾ اها شگر مل ٺهي تہ ڇا پوءِ شگر ملين جو ميلو لڳي ويو. ريل جي پٽڙين سان شگر مليون ٺهڻ شروع ٿي ويون. ريل ۾ سفر ڪندي ڪا زهريلي بوءِ محسوس ٿيندي آهي تہ سمجهي ويندا آهيون ڪا شگر مل اچڻ واري آهي.

ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ تائين ڪڏهن شگر جي کوٽ محسوس نہ ٿي، پر ڦاسيءَ ڪانپوءِ وري شگر جي کوٽ ٿي وئي. ان جو سبب اهو هو تہ شهرن ۾ ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ ڪانپوءِ ايڏي تہ مٺائي ورهائي وئي جو وڌيڪ مٺائي ورهائڻ لاءِ شگر نہ بچي.

ان ڳالهہ کان ناراض ٿي ضيا آرڊر پاس ڪيو، ”شگر جي کوٽ جو سبب ذخيرا اندوزي آهي. جيڪڏهن ڪنهن گودام مان شگر هٿ آئي تہ ان جي مالڪ کي سرعام ڪوڙا هنيا ويندا.“ ضيا اهڙو آرڊر مٺائي کائيندي، ٽِشو پيپر سان هٿ اگهندي صحيح ڪيو.

سکر جي بازار ۾ کنڊ اڻ لڀ ٿي وئي. ماڻهن وري ڳڙ جي مٺائي استعمال ڪئي. انهن ڏينهن هڪ فلاسفر جيڪو علامتي انداز ۾ ڳالهائيندو هو. ضيا کي صلاح ڏني. ’جيترو ظلم ڪندين، پير مضبوط ٿيندا.‘ ان علامتي انداز ۾ چيو، ’جتنا گڙ ڈالو گي اتنا ميٺا هوگا.‘ مون اسٽيل جو گلس ڪنيو. پاڻي پري ڳڙ وڌو. ڳڙ ڳري ويو. وري وڌو وري ڳري ويو. هر شيءِ جي حد هوندي آهي. پورو اسٽيل جو گلاس ڳڙ ٿي ويو. مون جهڙي صوفيءَ سمجهيو. اسٽيل جو گلاس ’رب...رب‘ ڪندو ڇڻ پاڻ رب ٿي ويو.

ضيا جي آرڊر ڪانپوءِ بہ ڪٿان کنڊ ظاهر نہ ٿي. ايجنسين جا ماڻهو گهرن گهٽين، رستن روڊن، دوڪانن ۽ گودامن ۾ پيا ”نوس نوس“ ڪندا هئا. اهڙا ماڻهو کنڊ سنگهي ۽ آفيم چڪي سڃاڻيندا هئا. انهن جي خاص تربيت هئي. چکڻ واريون شيون سنگهي ۽ سنگهڻ واريون شيون چکي سڃاڻيندا هئا. انهن ۾ ٻي روزگار لوهرن جو ٽولو بہ شامل هو. جيڪي هٿوڙن سان لاوارث فوٽ پاٿين تي سمهيل ۽ الڳ ٿلڳ زال جي دهشت کان ڀڄي نڪتل سڃ ۾ رهندڙ ناراض ماڻهن جا مٿا ڦاڙي ماري وڃهندا هئا. ضيا پاران شروع ڪيل ان ”هٿوڙا مار تحريڪ“ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. ماڻهو خوف ۾ ورتل هوندا هئا. انهن جو ذهن ڪڏهن بغاوت طرف مائل نہ ٿيو. ضيا اسلام نافذ ڪندي ملڪ جي سينيمائن ۾ فحش فلمن جي اجازت ڏني، جنهن ڪري عوام اگهاڙيون فلمون ڏسي موج ۾ اچي فوج کي دعائون ڏيندو هيو.

حڪومت ڪرڻ بہ هڪ آرٽ آهي. جادوگر وڏا آرٽسٽ آهن. ڪنهن کي اکين هوندي انڌو ڪرڻ فن جو عروج آهي. فن اهڙو ڏن آهي جيڪو ڪارو بہ آهي تہ اڇو بہ. نشي سنگهائڻ بنا ڪنهن جو پيٽ چيري ڪاڏو چورائڻ وڏي حڪمت عملي آهي.

انهن ڏينهن جڏهن آمريڪا جي اسڪاءِ ليب خلا مان ڌرتيءَ تي ڪري رهي هئي تہ سڀ کان وڌيڪ خوف پاڪستان تي ڇانيل هيو. ٽي.وي تي هر هر اعلان ٿي رهيا هئا، ”اسڪاءِ ليب ڪرڻ واري آهي. ڪوبہ گهر کان ٻاهر نہ نڪري نہ تہ ڪنهن نٽ بلٽ جو نشانو ٿي ويندو.“

ماڻهو خوف کان گهرن ۾ بند هئا. مان ان کٽ تي ويٺل هيس جنهن مٿان اسٽيل جا چار گلاس رکيل هئا. اوچتو ڪو ڪوئو ڪٿان ظاهر ٿيو، جيڪو مهمان ٿي آيل چاچي علي نواز جي کنڊ ۾ پيل لٽ تي چڙهي مٿي تختي تي هليو ويو ۽ ان هڪ اسٽيل جو گلاس ڪيرائي وڌو. گلاس کٽ تي پيل اونڌي ٿالهہ تي اچي ڪريو. سيني وٺي رڙيون ڪيون. ” اسڪائي ليب... اسڪائي ليب.“

مون گلاس هٿ ۾ کنيو ۽ کين ڏيکاريندي چيو، ”اسٽيل جو گلاس آهي.“ پوءِ مٿي اشارو ڪيو، ”باقي ٽي بچيا آهن.“ چاچو علي نواز جيڪو ڇانهہ ۾ پاپو ٻوڙي کائي رهيو هو. ان گلاس ڏي ڏسي کيس دعائون ڏنيون.

”ابا الله بچائي ان گلاس کي. باقي اسٽيل جاگلاس اڄ کلهہ شيشي جي گلاسن وانگر ڀڄندي دير ئي ڪونہ ٿا ڪن.“

پوءِ چيو، ”مون کي ان ۾ پاڻي پري ڏي.“

مون کيس صلاح ڏيندي چيو، ”چاچا علي نواز ڇانهہ مٿان پاڻي نہ پيئبو آهي پر پاڻيءَ مٿان ڇانهہ پيئبي آهي.“

چاچي علي نواز مٿي اشارو ڪندي چيو، ”پٽ اسٽيل جو گلاس ڪريو آهي. اڃان اسڪاءِ ليب نہ ڪري آهي. مان پاڻي پيئندس نہ گرڙي ڪندس. ڇو جو

تسبيح پڙهڻي آهي. خدا اسڪاءِ ليب کان ملڪ کي بچائي. ان ڪري ته جيڪڏهن ملڪ تي ڪرندي ته ضرور اسان جي گهر تي ڪرندي.”

مان حيران ٿي ويس. اکيون ڦوٽاري سوال ڪيو.

“اهو وري ڪيئن؟”

چاچي علي نواز ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيو، “انڪري ته پٽ هن ملڪ جو نزلو اسان جي گهر تي ئي ڪرندو آهي.”

اجان ڳالهائي ئي رهيا هئاسون ته سوٽ نبي بخش خوش خبري کڻي آيو. “اسڪاءِ ليب هزارين ميل پري آسٽريليا پرسان سمنڊ ۾ ڪري آهي.”

اهڙي خبر ٻڌي مون کي خوشي ته ٿي پر افسوس به ٿيو انڪري ته پاڪستان ۾ ڪٻاڙين جو نقصان ٿيو هو. جيڪڏهن اها اسڪاءِ ليب پاڪستان تي ڪري ها ته ڪٻاڙين جي عيد ٿي وڃي ها. ڇو جو پاڪستان جي تعمير ڪٻاڙڪي سامان سان ٿي رهي هئي.

چاچي علي نواز اهڙي خبر ٻڌڻ سان تسبيح ويڙهي کيسي ۾ وڌي ۽ چيو، “ڪم نڪتو ڏکڻ وسريو.” هن وڏڙن کي قل بخشيا جن اسٽيل جا گلاس عطا ڪيا هئا ۽ پوءِ وضو ڪري گهمڻ هليو ويو، انڪري ته رستا کلي چڪا هئا. پاڪستان ٺهيو ئي ضيا جهڙن حڪمرانن لاءِ هو. گهوڙا ڏڪندا آهن ته ويتل جي... سڃاڻيندا آهن نه ته اٺون هٽي ڪيرائي وجهندا آهن. گهوڙي سواري فن آهي ڇو جو گهوڙي کي جنهنجي وٽي.

اسڪاءِ ليب جي خوف کان جڏهن چاچو علي نواز گهر ۾ لڪيل هو ته ڪنڌ جي اٽاٽ ڪري ان ڳڙ واري چانهه پيتي هئي، جنهن سندس طبيعت ۾ اهڙو ته سڌارو آندو جو جنهن سان ملي رهيو هو ڀاڪر پائي چمي ڏئي رهيو هو پر ‘بجلي’ ڪدڙي کي گهٽيءَ ۾ پريان ايندو ڏسي گهر ڀڄي ويو. ڇو جو سندس طبيعت ۾ سڌارو آيو هو پر ڪدڙن لاءِ نه. هن ڪدڙي کي ڏسي گهر ۾ ائين پناهه ورتي جيئن اسڪاءِ ليب جي خوف کان پناهه ورتي هئي. چاچي علي نواز پوءِ اهو سبق پرايو ته ‘هر خوف جو سبب هڪ ڪدڙو هوندو آهي.’

سکر ۾ ڇاپا هڻندي نيٺ هڪ هنڌان ڪنڌ نڪتي. اها ڏيڍ ٻوري هئي جيڪا گهنٽا گهر وٽ مهراڻ سويٽ هائوس واري دوڪان ۾ لڪائي رکي هئي. ڇاپا هڻندڙ ٽيم کي اهڙو اطلاع ‘الادين تيليءَ’ ڏنو هو، جيڪو ڪڏهن ڏيئو ٻاري گهاٽي ۾ سرنهه پيهي تيل وڪڻندو هو. پوءِ ملڪ ۾ مارشلا لڳي ته سندس ڏيئي مان ‘ديو’ نڪري آيو. جنهن کيس صلاح ڏني، ‘هو هاٽي سرنهه بدران گهاٽي ۾ ڪنڌ پيهي، ڳئونءَ جا ٻه قطرا ملائي شربت ‘روح النفس’ تيار ڪري جنهن جي پيئڻ کانپوءِ ضيا هن تي مهربان ٿي کيس ‘گئو شالا’ جو پروانو ڏيندو جنهن ۾ هو آسانيءَ سان ماڻهن جو واڙو ڪولي سگهندو.’

الادين تيليءَ وٽ گودام ۾ اهڙو ڏيئو ٻرندو هو جو ڪنڌ جون ٻوريون، لوڻ جون ٻوريون نظر ايندڙيون هيون. ان ڇاپا مار ٽيم کي شربت ‘روح النفس’ پيئاري دماغ تي قبضو ڪيو ۽ آگر سان گهنٽا گهر واري مهراڻ سويٽ هائوس ڏانهن اشارو ڏنو. جڏهن ڇاپو لڳو ته سول ڊريس ۾ ڪجهه ماڻهو ان مٺائيءَ جي دوڪاندار کي سندس شگر ٽيسٽ ڪرائڻ جي بهاني سول اسپتال وٺي وڃڻ جو دولاب ڏئي ان ڪوليءَ ۾ وٺي ويا جتي ماڪوڙا گذريل گهڻن سالن کان مٺائي نه ملڻ ڪري پريشان گهمي رهيا هئا.

انهن ڏينهن ماڻهو شگر ٽيسٽ نه ڪرائيندا هئا. انڪري ته متان سندن شگر وڌيل اچي ۽ اهڙي رپورٽ ڏسي گرفتار نه ڪيو وڃي. پاڙي ۾ هڪ ڪاڻياواڙي سيٺ جنهن جي گهر ۾ ڪنڌ ختم ٿي وئي هئي گهران پيشاب کڻي نڪتو ته حڪيم عارفين کان ٽيسٽ ڪرايان. حڪيم عارفين پهتل بندو هو. رضاڪارانا پيشاب ۾ شگر ٽيسٽ ڪندو هو جيئن خبر پوي ته مارشلا گهٽا ‘پلس’ آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ مون ڏٺو ته اهو ڪاڻياواڙي مرڪندو پيشاب جي بوتل موٽائي کڻي پيو اچي. مون ان کان پڇيو، “ڇو سيٺ بوتل واپس ٿو کڻي وڃي؟”

پرسان اچي چيائين، “ان ۾ شگر نڪتي آهي.”

مهراڻ سويٽ هائوس واري کي فوجي عدالت ۾ پيش ڪيائون جن خاڪي ڪتاب کولي ڪيس ساڍن ستن ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي، ڇو جو فوجي قانون موجب هڪ ٻوريءَ تي پنجن ڦٽڪن جي سزا هئي ۽ هن وٽان ڏيڍ ٻوري نڪتي هئي. حڪم ۾ اهو به لکيو ويو ته ان ذخيرا اندوز کي سکر جي اسٽيڊيم ۾ سرعام ڦٽڪا هنيا وڃن جيئن عوام سبق حاصل ڪري ته آخر ذخيرا اندوزيءَ لاءِ جڏهن ٻيون شيون به موجود آهن ته صرف ڪنڌ جي ذخيرا اندوزي ڇو؟

اهو ڏينهن محشر جو ميدان هو جڏهن مهراڻ سويٽ واري کي سرعام اسٽيڊيم ۾ ڦٽڪا لڳا. مان اسٽيل جو گلاس ۽ پاڻيءَ جي بوتل ساڻ کنئي. اهو سوچي ته صدمو صرف اسٽيل جو گلاس ئي برداشت ڪري سگهي ٿو باقي ويچارو شيشي جو گلاس ته ڦٽڪن تي رڙين ڪانپوءِ دل نه جهلي ذرا ذرا ٿي ويندو. جڏهن اسٽيڊيم پهتس ته پير پائڻ جي جاءِ نه هئي. هر طرف مٿا ئي مَٿا نظر اچي رهيا هئا. اسٽيڊيم ۾ پيهه کان هيٺ ڇپر ۾ گهمندڙ ماڪوڙن مٺاڻ کائڻ کان توبهه ڪري سوراخن ۾ پناهه ورتي هئي. اسٽيڊيم جي وچ تي هڪ ٽڪٽڪي رکيل هئي. جنهن تي ماڻهن جون نظرون ٽڪيل هيون ته ڄاڻ ان سان ٻڌي مهراڻ سويٽ هائوس واري کي ڦٽڪا هنيائون. ٿوري دير گذري ته هڪ ايمبولينس ٽڪٽڪيءَ وٽ اچي بيٺي. ان مان هڪ نوجوان کي ٻاهر ڪڍيائون. جنهن جو رنگ لڏونءَ وانگر هيڊو هو. پوءِ خبر پئي ته ان نوجوان پوڙهي پيءُ کي بچائڻ لاءِ اٺ ڪلو مٺائي رشوت ۾ ڏئي عرض ڪيو هو ته “پوڙهو شگر جو مريض آهي. اهو هڪ ڦٽڪي ڪانپوءِ خدا کي پيارو ٿي ويندو ۽ ساڍا ڇهه ڦٽڪا گواهي ڏيندا ته فوجي قانون تي عمل نه ٿيو آهي. ان ڪري پوڙهي کي ڇڏي سندس پٽ کي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهيو وڃي.”

لال بجهڪڙ جو ڳاڙهو ڪتاب کولي قانون ۾ گنجائش پيدا ڪئي وئي، “ڦاهي ان کي ڏيو جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڦاهو پورو اچي. پوڙهي جي جان ڇٽي ۽ سندس وڏي پٽ کي ٽڪٽڪيءَ سان ٻڌائون. کيس سرعام سٽڻ لاهي ويهڪ واري جاءِ تي ململ جو ڪپڙو رکي سپاهيءَ کي اشارو ڏنائون. سپاهيءَ ڏگهو بيد جو ڦٽڪو هٿ ۾ جهلي ٻه چار دفعا ان کي هوا ۾ زوڪٽ ڪرائي ويهڪ واري جاءِ تي ٺڪاءُ ڪرائينس نوجوان چپ هو، هجوم مان آواز آيو.

“گهوڙا ٿي.”

وري ڦٽڪو هوا ۾ لهرائي ٺڪاءُ ڪراينس. نوجوان چپ هو. هجوم مان آوا آيو،

“الله ٿي.”

جڏهن ست ڦٽڪا پورا ٿيا ۽ اڌ ڦٽڪو رهجي ويو. ماڻهن سمجهيو هاڻي خير آهي. اهو سهي ويندو. جڏهن سپاهيءَ هوا ۾ ڦٽڪو گهمائي هينس ته سڀ چپ هئا. نوجوان رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ويو. کيس ٽڪٽڪيءَ تان لاهي ايمبولينس ۾ وڌائون. ايمبولينس سائرن وڄائيندي هلي وئي. اهڙو منظر ڏسي هجوم ۾ موجود سڀ ماڻهو خوف ۾ ونجي ويا. مون ڏٺو هڪ هنڌ ماڻهن جي وچ ۾ ان نوجوان جو پوڙهو پيءُ اهڙو منظر ڏسي بيهوش پيو هو. سندس ننڍو پٽ رڙيون ڪري رهيو هو، “بابي جي شگر گهٽجي وئي آهي. ڪنهن وٽ ٽافي يا چاڪليٽ هجي ته ڏي.”

ڪنهن ٽافي يا چاڪليٽ ته ڪونه ڏنس. مان اسٽيل جي گلاس ۾ پاڻي ڀري ان جي پٽ کي ڏنو. اسٽيل جو ڀريل گلاس پوڙهي جي چپن تي آندائون. ان اڌ پيتو. اڌ ڏاڙهيءَ کان وهي ويس. سهارو ڏئي اٿاريائونس. هڪ ڪڙي ٻانهن کان ورتس، ٻي ٻئيءَ ٻانهن کان. گهليندا وٺي ويس. اسٽيل جو گلاس ڇپر تي ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي ويو. مان کڻڻ لاءِ هر هيڏي پيو نوڙان ته ڪڏهن هوڏي. گلاس ويو قدمن ۾ رلندو ۽ ٺوڪرون کائي گاڏيءَ هيٺان آيل ڪنهن گلر جيان ڇيڇاٽبو ۽ چچريو. مان نيٺ وڃي هٿ وجهي کنيو ۽ ڳپ اگهندي چيو، “معاف ڪجانءِ پيارا اسٽيل جا گلاس، تنهنجي قسمت ئي اهڙي آهي.”

(هلندڙ)



## ڪافي

### قادر سيال جُهڏائي

کهڙي سينڌَ مساڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
ڪاتب پنهنجي ڪلڪ سان
کهڙو لکيئي ڀاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
گلڙن جهڙيون جيڏيون
ڳائن کهڙا راڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
هيٺي هڏ- وجود سان
ڀينر کهڙو سهاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
عيد ڏهاڙي سرتيون
رڌين وينيون ساڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
‘سڳ چٽي’ ۾ آئي ‘قادر’
جيون هن جو ڏهاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾. ■




اسان کي پوءِ پتو پيو ته رستم نظاماڻيءَ ۾ مماڏوريءَ جي چيف حرن، سرڪار جي ماڻهن تي حملي ڪرڻ لاءِ وريام فقير کان موڪل گهري هئي، پر هن جهونڙي اهڙيءَ ڳالهه کان ڪين روڪي ڇڏيو هو ۽ هنن کي وراڻيو هئائين، 'ليمبرڪ جي مرضي پڻ اها آهي ته هن مٿان حملو ڪن ته سٺو.'

اسان جي دشمنن جو ٻيو حصو، هڪ وڏي ڳوٺ تي ڪاهي ويو هو، جنهن ۾ پير سائينءَ جا ڪيترا مريد آباد هئا. هتي پهچي هنن جاچ پڙتال ۽ گهر گهر تلاشي شروع ڪئي ۽ روپوش حرن جي گهرن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيائون. ان ڳوٺ جي ڪن مُکَ ماڻهن همت ڪري ليمبرڪ وٽ دانهيو ته پٺاڻ فوج تلاشيءَ وٺڻ بهاني گهر جي هر چڱيءَ شيءِ چورائي ورتي آهي. هن اها ڳالهه ٻڌي پٺاڻن کي قطار ۾ بيهڻ ۽ ٿيلهن ۽ ڪيس خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

اسان جي جاسوس اسان کي ٻڌايو ته اهڙي حڪم ملڻ شرط پٺاڻن هر چيز ٿيلهن ۽ ڪيسن مان ڪڍي، زمين تي رکي ۽ مالڪ پنهنجي هر چيز سڃاڻندا ۽ کڻندا ويا. اهو ڏنو ويو هو ته پٺاڻن ڪل جهڙيون شيون به کسڪائي کڻي ورتيون هيون. ان وقت اسان ڊاپڙي مان آندل هر شيءِ کي اڳتي روانو ڪري رهيا هئاسون. اسان بعد ۾ سمجهي ويا هئاسون ته وريام پنهنجي سوچ ۾ صحيح هو. هن جي دلي خواهش هئي ته حر ساڻس ڪئُنس ڪن ته ڪيس هڪ وحشتناڪ ڪاروائي ڪرڻ جو ڪارڻ ملي پوي. هن ڳوٺ مان ڪيس ڪا چڱي چيڙهه هٿ ڪانه لڳي، تنهن ڪري مايوس ٿي، هن ڳوٺ کي ساڙي پينگ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ليمبرڪ اها رات ناري جي اسان واري پر تي ترسي پوي ها ته لقمان، وريام فقير جي حڪمن جي نافرماني ڪري مٿس حملو ڪري ڏئي ها. هو پنهنجو اباڻو ڳوٺ سڙي پڙپانگ ٿيندي ڏسي رهيو هو، تنهن ڪري ڪانئس پلاند ضرور وٺي ها. ليمبرڪ ڇڻ ته لقمان جي هيانءَ کي تيلي ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. سندس باهه ٻيهڻ جي ڪونه هئي. ان کان پوءِ ليمبرڪ ناري جي لهنواري طرف وچي چوٽياريءَ سامهون پهتو. اسان سمجهيو ته هي عملدار اها رات هتي منزل ڪندو، پر لارين ۾ هليو ويو، جيڪي ان وقت اچي هن ماڳ وٽ رسيون هيون.

اسان جڏهن اهڙيون خبرون ٻڌيون ته اسان کي پتو پئجي ڪونه سگهيو هو ته انگريز عملدار جي هن ڪاروائيءَ جو مقصد ڇا هو؟ اڳينءَ رات جو مٺو خاصخيليءَ جي اڳواڻيءَ ۾، حرن جي هڪ ٽولي وچي چاڙائو وٽ لاهور ميل تي حملو ڪيو، جنهن ۾ مکيءَ جا مشهور فقير، چوندُ نظاماڻي، الهبچايو ۽ ميرڻ مري به شريڪ هئا. هي حيدرآباد کان اتر پاسي هڪ سڄي ريلوي لائين آهي، جنهن سان حرن جا ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن. اونداهيءَ ۾ پٽڙي اکوڙي گاڏي ڪيرائي وئي. ساري ريل گاڏيءَ کي ڦريو لٽيو ويو. پنجاهه ماڻهو قتل ۽ زخمي ٿيا، جن ۾ سرڪاري ملازم به شامل هئا. هن ڪارروائي جي رٿابندي نهايت ڳجهي رکي وئي. هن ڪارروائيءَ جو سارو جس مٺوءَ ۽ وريام فقير کي مليو، جيڪو چيف ڪمانڊر هو. پر ان رٿابنديءَ ۾ سارو عقل محبت فقير جو هو ۽ رٿابنديءَ کي عملي طور اڳتي وڌائڻ لاءِ اهم ڪردار الهبچائي ادا ڪيو هو.

هن ڪارروائيءَ جي سوڀ تي اسان ڏاڍا سرها ٿيا هئاسون. مون جڏهن لقمان کي چيو ته دل ٿي چوي ته جيڪر مان به ان ڪارروائيءَ ۾ شامل هجان ها. تنهن تي هن وراڻيو ته تون منهنجي ٽولي ۾ رهه. اسان کي اهڙي ڪارروائي جو موقعو ملي ويندو. پر اهڙيون ڪاروايون ڪنهن مناسب وقت تي ڪيون وينديون. موجوده حالتن جي نقطه نظر کان منهنجي ڌيان ۾ هڪ ڳالهه آهي. ڪم ته ڪٺي ننڍڙو آهي پر آهي اهم. انسپيڪٽر اسحاق هاڻي تازو ڪپري ٿاڻي تي بدلي ٿي آيو آهي، تنهن کي ختم ڪرڻو آهي. هو پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي. اوسي پاسي جا ماڻهو جهلي ورتا اٿائين، جيڪي مون کي مهل سر ڏاڍو ڪم ايندا هئا. ان کانسواءِ ٿلهي سب انسپيڪٽر کي حرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ اپاري رهيو آهي. هو اڪيلي سر اسان لاءِ ڪا ڏکيائي پيدا ڪري ڪونه سگهندو. مون هن ڪم لاءِ ڪي جاسوس روانا ڪيا آهن، ته اسان هن خلاف اهڙي ڪارروائي ڪري سگهون ٿا، جهڙي ڪاروائي اوهان ناظم خلاف ڪئي هئي.

اسان هن ڪارروائي جي تيارين ۾ هئاسون جو پتو پيو ته مٺوءَ جي ٽولي جي ڪن فقيرن جو ليمبرڪ جي موڪليل فوجي دستن ۽ پوليس سان دوبدو مقابلو ٿي ويو آهي، جيڪي ريل گاڏي ڪيرائڻ ۽ ڦرلٽ ڪرڻ کانپوءِ ، مٺوءَ کان الڳ ٿي، مکيءَ ڏانهن موٽي رهيا هئا. ٿوري مقابلي کانپوءِ فوج ۽ پوليس ڪين سڀ سوڌو گرفتار ڪري ورتو هو، جيڪو هنن ريل گاڏي مان ڦريو لٽيو هو. اهي ماڻهو پهرئين جوڙ جا فقير ڪونه هئا. ادڪو هو ته سنهي مار ۾ هر ڳالهه ٻاسي بيهي رهندا ۽ پڪ به هئي ته پوليس ائين ضرور ڪندي ۽ هو پنهنجي ساٿين بابت، هر معلومات ڏئي وجي مٿي چڙهندا ۽ حر جماعت جي ڳجهين ڳالهين بابت اهم معلومات ٻڌائڻ ۾ به دير ڪونه ڪندا. واقعي ٿيو به ائين. اسان کي جلد ئي پتو پئجي ويو ته اهڙن غدارن مان هڪ وريام فقير جو پنهنجو ماڻهو به هو.

خدا نه ٿو ڀُلائي ته ٻئي ڏينهن تي، ڪپري ٿاڻي جي اوسي پاسي ڦرندڙ اسان جي جاسوسن نياپو موڪليو ته امڪان آهي ته ٻئي ڏينهن صبح جو انسپيڪٽر اسحاق، مسافر لاريءَ رستي ميرپورخاص وڃي رهيو آهي. ان کانسواءِ هنن هي سنيهو به مڪو هو ته هن لاريءَ ۾ ڏهاڙي شاهوڪار هندو به سفر ڪندا آهن، جن سان گڏ سندن قيمتي سامان ۽ پئسو ڏوڪڙ به هوندو آهي. اسان شام جو سڙي رک ٿيل ڊاپڙي ۾ وڃي گڏ ٿياسون. ابراهيم سان گڏ پنهنجي ٽوليءَ جا سڀ ماڻهو هئا. پر لقمان سان کي چوندُ ٻه ٽي حر هئا. انهن سيني ماڻهن جو تعداد پنجويهه ڪن هو، جن مان اڌ ماڻهن وٽ بندوقون هيون. لقمان ڪجهه ماڻهن کي ڪوڏاريون به ڏنيون. اسان ٻيڙيءَ وسيلي نارو اڪريو ۽ لڙيءَ آڏيءَ اچي ان ماڳ وٽ پهتاسون، جنهن جي چوندُ لقمان ڪئي هئي. هن مون کي ٻڌايو ته رحيم چوٽياريءَ واريءَ لاريءَ ڦرڻ لاءِ بهترين رٿابندي ڪئي هئي، پر منجهس

ڪي اوڏايون هيون. هنن لاريءَ جي ڊرائيور تي فائر ڪيا، پر گسي ويا. هو تيز رفتاريءَ سان لاري ڪي بندوق جي مار ڪان ٻاهر ڪڍي ويو. پر تون ڏسجانءِ ته مان هن ڳالهه ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي اٽڪل ڪري رهيو آهيان. هن اسان ڪي روشنيءَ لاءِ ٽارچ ڏني.

اسان روڊ جي لاهيءَ جي صفا تريءِ ۾ بيٺا هئاسون، جيڪو مٿان پل ڪان هيٺ اچي رهيو هو. ان جاءِ تي روڊ ڪي ٿونٽ وڪڙ آهي. واهه هن علائقي جي مٿاڇري ڪان تمام گهٽو مٿي آهي. ڪپري ڪان ايندڙ ماڻهو پوءِ اهي ڪٽي اٺ تي سوار هجن يا لاريءَ تي، ٻيءَ پر تي بيٺل وٽن جون فقط چوٽيون ڏسي سگهندا آهن. پل تي پهچڻ ڪانپوءِ ٻيءَ پر جو سارو علائقو ڪين نظر اچڻ لڳندو آهي. لقمان ڪوڙر وارن ماڻهن ڪي حڪم ڪيو ته هو روڊ جي لاهيءَ ۾، روڊ جي آرپار هڪ اونهي ڪاهي کوٽي تيار ڪن. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٽارچ جي روشني ٿي ۽ بند ٿي وئي. اسان به آرام ڪرڻ لاءِ پر واري جهنگ ۾ لڪي ويٺاسون، جيڪو روڊ جي ڏڪڻ اوير پاسي واقع هو. ان ڪان پهريائين اسان هر طرف پنهنجا پهريدار مقرر ڪيا هئا.

باڪ ڦٽيءَ جو هڪ ماڻهو ڪپري ڏانهن ويندڙ نظر آيو . اسان جي ٽوليءَ جي ٻن ماڻهن وجي ڪيس اوچتو جهليو، وات ڪي ڪپڙو ڏئي ڪيس ٻڌي ڇڏيوسون. ان ڪان پوءِ لقمان اسان ڪي حملي لاءِ لڪي ويهڻ جو حڪم ڪيو . ٽوليءَ جا گهڻا ماڻهو جهنگ جي اڙ ڏئي بيهي رهيا . باقي پنج ڇهه ماڻهو روڊ جي ٻئي پاسي پل جي پرسان بيهي رهيا، جن ۾ مان به هوس. ان جاءِ تي ڪڙئي ۽ واهه ڪري هڪ ڪنڊ جڙي پئي هئي. ڊرائيور جيڪڏهن پل تي پهچي لاري بيهاري ۽ مسافر لهي ڪپري ڏانهن پڳا ته ڪين اتي بيهي روڪڻ ڏاڍو سولو هو. اها هڪ بهترين رٿابندي هئي.

جڏهن پل تي بيٺل جاسوسن اسان ڪي لاري اچڻ جو اشارو ڪيو ته خبر اٿئي ته اسان جي اندر ۾ الائي ڪهڙا اڌما جاڳي پيا هئا ۽ لئن لئن ئي ڪاندارا جي وئي هئي. اسان ڪي سخت حڪم هئا ته جيستائين لاري لاهيءَ تان لهڻ شروع نه ڪري، تيستائين اسان پنهنجين جڳهن تان ڪک جيترو به نه چرئون. جڏهن اها پل جي مٿاهين چڙهڻ لڳي ته سندس آواز ۾ گجڪار پيدا ٿي وئي. جنهن مان اسان اندازو ڪيو ته مٿس تمام گهڻو بار لڏيل هو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ اها جڏهن ڪنڊ وٽان مٿي ته ڌوڙ جو ڪڪر اسان مٿان اڏامڻ لڳو ۽ پوءِ اسان جي مٿس نظر پئي. اسان جي توقع موجب ڊرائيور رفتار ڪي تيز ڪيو . لاريءَ جي پٺيان اڏامندڙ ڌوڙ جو دڦ ٿي ويو. تنهن ڪري ڊرائيور ڪي کوٽيل کاهي جو پتو ڪونه پيو. ويجهي اچڻ ڪانپوءِ هن لاريءَ ڪي موڙي پاسي ڪان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاسي ڪان ايتري جڳهه ڇڏيل ئي ڪانه هئي. ۽ لاري ڊرائيو رجي ضابطي مان نڪري وئي. بريڪ جي وڏي آواز سان گڏ سندس اڳيان ڦيٿا وجي کاهي ۾ ڦاٿا. ان سان گڏ روڊ جي ٻئي پاسي بيٺل اسان جي ساٿين فائر ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. ان ڪانپوءِ ماڻهن جي راڙو رڙ ۽ داهوڙ مچي وئي. مسافريو ۾ هڪ ٻئي مٿان ائين ڪرڻ لڳا، جيئن مارڪيٽ ڏانهن موڪليون ويندڙ ڪڪڙيون، ريلوي اسٽيشن ڏانهن ويندڙ پڃرن ۾ هڪ ٻئي مٿان ڪرنديون آهن. لقمان اسان ڪي سختيءَ سان حڪم ڪيو ته ڪنهن به ماڻهوءَ ڪي چڱيءَ ريت سڃاڻڻ کانسواءِ قتل نه ڪيو وڃي. ڪن مسافرن ته دريءَ مان نڪري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان لاريءَ جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيون بيٺا هئاسون. ڪن ڪي اسان گهلي جهلي ورتو.

اوچتو مڇيءَ جي هن ڪوڙ مان نانگ نڪري آيو، اهو خاڪي ٽوپلي ۾ يورپي لباس ۾ انسپيڪٽر اسحاق هو . سندس هٿ ۾ پستول هو ۽ هو اسان تي سڌا فائر ڪرڻ لڳو. مٿس دهشت طاري ٿي وئي هئي، تنهن ڪري سندس هڪ فائر به ڪنهن ڪي ڪونه لڳو. پوءِ وٺي ٻنيءَ ڏانهن ڊوڙ پاتائين. اهو ڏسي لقمان رڙيون ڪري چيو، "ابراهيم، الهڏنا، هن حراميءَ ڪي جيئرو وڃڻ نه ڏيو." مان انهن سان گڏجي انسپيڪٽر جي ڪڍ وڃڻ جي نيت ڪئي، پر هڪ هندو عورت رڙيون ڪندي منهنجي پيرن ۾ چنبڙي پئي ۽ رڙيون ڪري پار ڪڍي هڪ مرد ۽ پنهنجي لاءِ جئندان گهري رهي هئي، شايد اهو سندس مڙس هو.

هن مون ڪي ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان چيو، "توکي پنهنجي زال، ماءُ ۽ ڀيڻ ته هوندي. تون انهن جي صدقي مون ڪي ۽ هن ڪي جيئندان ڏي." مان سندس اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ٽٽو ٿي ويس. مان سندس هٿ ڇڏائي لقمان وٽ ويس ۽ ڪيس چيم ته سائين عورتن ڪي قتل نه ڪيو وڃي ته ڀلو. سندن قتل اسان لاءِ سٺو سنئون نه ٿيندو . هن اچرج وچان مون ڏانهن نهاريو ۽ چيو ته دوست! عورت ڪي قتل نه ڪرڻ منهنجو دستور آهي، تنهن ڪري سيني عورتن ڪي روڊ جي پرئين پاسي هڪ جاءِ تي بيهاريو وڃي ۽ مردن ڪي روڊ جي هن پاسي گڏ ڪيو وڃي.

اسان انهيءَ ڪم ۾ رڌل هئاسون، جو انسپيڪٽر جي ريوالور مان فائر جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. انهيءَ صورتحال ڪي ڏسي مان لقمان ڪان موڪل ورتي ته جيئن هن جي پٺيان ويل به فقيرن جي مدد ڪري سگهان.

هو وڏي جوش ۽ جذبي سان پنهنجي شڪار جي ڪڍ لڳي پيا هئا. ابراهيم ڀنيري ڪي به نالي بندوق هئي . جڏهن ته الهڏني وٽ ڪهاڙي هئي. انسپيڪٽر اسحاق وٽ هڪ وڏو ۽ هڪ ننڍو پستول هو. مان بندوق کڻي سندس ڪڍ لڳي پيو هوس. اها ڳالهه ڏسي ابراهيم ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو ته هي شڪار اسان جو آهي تنهن ڪري تنهنجو واسطو نه آهي.

مون دل ۾ چيو ته مٿان ڪجهه ٿي پوي، تنهن ڪري سندس ويجهو ڪڍ هلڻ لڳس پر ڪوبه ڪردار ادا ڪونه ڪيم . ابراهيم الهڏني ڪي چيو ته هو انسپيڪٽر جي اڳيان هلي ۽ سندس پستول جي مار ڪان پري به رهي، انهيءَ لاءِ ته جيئن سندس ڌيان الهڏني ڏانهن رهي. جڏهن اسان جو شڪار الهڏني ڏانهن منهن ڪري رهيو هو ته ابراهيم وڏي آواز سان للڪارڻ شروع ٿي ڪيو. انهن مان سندس نيت انسپيڪٽر ڪي روڪڻ ۽ الهڏني تي فائر ڪرڻ وقت ان ڪي تحفظ ڏيڻ جي هئي. سو اهي ٽئي ماڻهو ڪڏهن بيهي ٿي رهيا ۽ ڪڏهن هلڻ شروع ٿي ڪيائون. انسپيڪٽر بارود جي استعمال ڪري پنهنجو پاڻ ئي هنن لاءِ سهنجائي پيدا ڪري رهيو هو. جيڪڏهن هو هرويرو فائر نه ڪري ها ۽ اسان جڏهن سندس پستول جي مار ۾ پهچون ها ته فائر ڪري ها ۽ ضرورت لاءِ گوليون بچائي رکي ها ته پنهنجي مرڻ ڪان پهريان اسان مان ڪنهن نه ڪنهن ڪي يا ماري وجهه ها،نه ته زخمي ته ضرور ڪري وجهي ها. جڏهن هن اسان مٿان ڏکهي مار واريون گوليون فائر ڪيون ته گسي ويو. آخرڪار هن خالي پستول اسان ڪي هنيو. ان ڪان پوءِ اسان ان ڏانهن وڌڻ لڳاسون. مون ته هن ڪي هٿ به ڪونه لاتو، باقي دوستن ڪي ڪيس قتل ڪرڻ جو موقعو ڏنم. اسان جسم تان سندس ڪپڙا لاهي موٽي روڊ وٽ پهتاسون.

هتي قتل ڪرڻ وارو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو، جن مان به هندو بچي ويا هئا. ڪين مئل سمجهي ڇڏيو ويو هو . اهڙيءَ حقيقت جو اسان ڪي پوءِ پتو پيو. توکي اها ڳالهه ٻڌي اچرج ٿيندو ته هندو ڏاڍا سخت جان ٿيندا آهن ۽ سٽرا ته مرندا ئي ڪونه آهن. شايد هو وڏيڪ پئسن ميڙڻ لاءِ هن دنيا ۾ زنده رهڻ گهرندا آهن. جيڪڏهن انهن ڪي مٿي ۽ جسم واريون ٽي چار ڪهاڙيون هڻبيون آهن، ته به بچي ويندا آهن. عورتن ڪي پاسي ۾ وٺي اچي هڪ جهنگ ۾ ويهاريو هئائون. اسان مان ڪردار جا ڪي ڪريل ماڻهو، نوجوان هندو عورتن سان غير اخلاقي گفتگو ڪري رهيا هئا. ان وقت لقمان ڪين لٽ جو مال هڙن ۾ ٻڌي هٽيڪو ڪرڻ جو حڪم ڪيو. هيءَ هڪ وڏي ڦر هئي. انسپيڪٽر اسحاق سان هڪ ڪلرڪ به سفر ڪري رهيو هو. اها صندوق ڏهن رپين جي نوٽن سان ڏٽيل هئي ۽ واٽين جي هر صندوق وري قيمتي ڳهه ڳنن سان ڀريل هئي. اسان اهو سارو ڪماڪ چنبي ۾ ڪري ورتو، جاڪان ته اها ڪارروائي مڪيه روڊ تي ڪئي وئي ۽ هتان ڪان ڪپرو ميل ڪن مس پري هو ۽ ڏينهن ڏنو هو، ان ڪان پوءِ لاريءَ ڪي تيلي ڏئي، ڪجهه پنڌ هٽونگي ڪان مٿي وجي، پٽڻ تان ٻيڙيءَ ۾ چڙهياسون.

هن جوءِ جو هڪ حر اسان ڪي ناري جي هن پار مليو، جنهن اسان ڪي هڪ اچرج جهڙي معلومات ڏني، جنهن مان ڄاڻ ملي ته اڳئين رات جڏهن اسان جي ٽولي ڪپري وٽان مَٽي هئي ته انگريز ڪامورو ليمبرڪ پٺاڻ فوجين جون ٻه لاريون ڀرائي سانگهڙ ڪان اوچتو اچي هتي پهتو هو. جهڙيءَ ريت اسان سندس ويجهي منزل ڪان بي خبر هئاسون. تهڙيءَ ريت هو به اسان جي ويجهي موجودگيءَ ڪان بي خبر هو. هن هٽونگي جي مکيءَ ڪي پاڻ وٽ سڏايو ۽ گهڻي وقت تائين ساڻس ڳالهائيندو رهيو. هنن ڳالهين ۾ ٽلهو سب انسپيڪٽر ۽ انسپيڪٽر اسحاق به شامل هو، جنهن ڪي اسان هاڻي قتل ڪري چڪا هئاسون. هن مُکيءَ ڪي حڪم ڪيو ته ڳجهه ڳوهه ۾ ويهن اٺن جو اڪ چنبي ۾ بندوبست ڪري وٺي . اُٺ ان وقت مختلف جوءِ ۾ جهنگل ۾ چري رهيا هئا. جت رات جي وڳڙي ۾ هڪ ٻئي ڪي سڏي، پهنجن اٺن جو ڏس پتو پڇندا رهيا. وڏي وات سندن اهڙيون ڳالهيون ڳجهيون رهي ڪونه سگهيون. جان نثار حر هڪدم سمجهي ويا ته جهنگن مان اٺن ڪاهي اچڻ جي ڪمهلين ڳالهين جو اصلي مقصد ڇا هو؟ تنهن ڪري هنن پنهنجي طرفان هڪ جوڳو قدم کنيو. پر مان توکي هڪ ڳالهه سمجهائڻ ٿو چاهيان. مان اها ڳالهه اڳ به ٻڌائي چڪو آهيان ته پير سائين ٽر جي دعوتن تي وڃڻ وقت سوين غازي پرتي ڪيا هئا، جن جو لاڳاپو راڄڙ ذات سان هو. عام طور لقمان ڪي راڄڙ حرن جو مک سمجهيو ويندو هو. سندس ٽوليءَ ۾ ناري جي ايرندي وارا حر به شامل هئا. پر ٽر جي راڄڙن جا پهنجا

مک بہ هئا، جن مان وڏو عادل هو، جيڪو هاٽي هنن ڪولين ۾ اسان جو پاڙيسري هو.

هن جوءِ ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي هئي تہ عادل جي ڀاءُ جو وهاڻو ٿي رهيو آهي ۽ ٿر جي مشهور معروف حرن کي هن وهانوَ جي ڪانڌ ڏني وئي هئي. ڪاڄ واري جڳهہ، وچ ٿر ۾ ۽ ڪپري ڪان اٽڪل چاليهہ ميل اوڀر پار جيسلمير ڏانهن ويندڙ رستي تي هئي. عادل پنهنجي شهرت لاءِ ڪجهہ هٽ پير هٽڻ شروع ڪيا هئا. سندس ماڻهن هٿونگي پرسان لوڻ جي هڪ سرڪاري ڪارخاني (ڪاڻ) کي وڃي ڦريو هو. اتان جو ايڪسائيز انسپيڪٽر وار جي وٿيءَ تان ڀڄي ويو هو. هن ٿر ۾ آيل هڪ پوليس سب انسپيڪٽر کي قتل ڪري ڇڏيو هو، جيڪو سندن ڪن ٻن ماڻهن خلاف ڌاڙن جي جاچ لاءِ آيل هو. هٿونگي پرسان رهندڙ حرن کي جڏهن پتو پيو تہ سرڪار طرفان ڳجهہ ڳوهہ ۾ انن گڏ ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن، تہ هڪدم سمجهي ويا تہ ليمبرڪ عادل جي ڀاءُ جي وهانوَ ۾ اڻ ڪوٺيو مهمان ٿي وڃڻ چاهي ٿو. تنهن ڪري عادل ڏانهن تيار ٿي ويهڻ جو نياپو موڪلي ڇڏيائون. لڙيءَ آڏيءَ ڌاران اسان جي جاسوس ليمبرڪ کي ان ساڳي ئي رستي سان ويندي ڏٺو. سندس ڪڍ پٺاڻ فوج هئي، جيڪا ڪلندي ڪجندي اڳتي وڌي رهي هئي. شايد هن کان اڳ هو ڪڏهن انن تي ڪونہ چڙهيا هئا.

تنهن تي لقمان چيو تہ اها تہ چڱي ڳالهہ آهي تہ هنن گڏهہ جي پٺن کي انن جي سواريءَ جو پتو ئي ڪونہ آهي ۽ هليا آهن عادل ۽ ٿر جي حرن مٿان اوچتو ڇاپو هڻڻ. پير سائينءَ جي مهربانين سان انهن ڪافرن مان پوئتي موٽي شڪست جو احوال ٻڌائڻ لاءِ ڪو وانگي بہ ڪونہ بچندو.

ان ماڻهوءَ وڌيڪ ٻڌايو تہ اها ڳالهہ فقط ايتري نہ آهي، پر باڪ ڦٽيءَ کان اڳ هڪ ٻيو انگريز بہ پهتو، جنهن سان ويهہ افغاني فوجي بہ ساڻ هئا، جيڪي سندن انتظار ۾ ويٺل انن تي سوار ليمبرڪ جي پويان وڃي رهيا هئا.

”الله ڪري تہ ائين ٿئي جو سنڌ هنن ڌارين کان جلد آزاد ٿي وڃي.“ تنهن تي ان ماڻهوءَ چيو، ”سائين لقمان، هنن ڌارين کي ختم ڪرڻ لاءِ عادل جي مدد نہ ڪندؤ ڇا؟“

هن وراڻيو، ”نہ، عادل اڪ چنبي ۾ سوين حُر گڏ ڪري وٺندو. توکي خبر آهي تہ سيني ٽري حرن وٽ بندوقون آهن. اهي چوٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. ان کان سواءِ هي رستو سندس ضابطي هيٺ آهي. مون کي ٻيا بہ گهڻا ئي ڪم ڪرڻا آهن. ان ڪانسواءِ اسان ساري رات ڪم ڪيو آهي. تنهن ڪري ٻئي ڏکهي سفر ڪرڻ جي لائق ئي نہ رهيا آهيون. اسان کي ڦرلٽ ورو سامان پير سائينءَ جي خزاني ۾ جمع بہ ڪرائڻو آهي. اعتبار ڪرتہ عادل ڪنهن ٻئي جي مدد ڪانسواءِ اڪيلي سر هر ڪم اڪلائي سگهي ٿو، پر سائين رکيو توسان هلندو ۽ موٽي اچي پيرائتيون خبرون مون کي ڏيندو.“

مان ساڻس گڏ وڃڻ واري ڳالهہ قبول ڪئي. هي ماڻهو مون کي هٿونگي وٺي آيو جيڪو ناري جي ڪڙ تي هڪ وڏو ڳوٺ هو. هتان جون جڳهون، مندر ۽ قافلہ سراءِ نهايت شاندار هئي. مون کي سڃاڻڻ ۽ شڪ ڪرڻ جو هتي اڊڪو ڪونہ هو. هن ماڻهوءَ ٻڌايو تہ هتي هڪ پوليس آئوٽ پوسٽ آهي. سندس چوڻ مطابق اتان جو انچارج بہ ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي. ۽ هتان جي ڀرپاسي وارن ماڻهن سان سندس ناتا ڏاڍا سٺا آهن، پر ليمبرڪ ڪيس هن مهم ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو.

ٻئي ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ جو مون وارو ساٿي سونچي تي ٻاهر نڪري ويو ۽ خاصي خبر ڪٺي موٽي آيو تہ رات جي پهرئين پهر ۾ غازين سرڪاري ماڻهن مٿان حملو ڪيو آهي ۽ سندس وانگي بہ ڪونہ بچيو آهي. هنن جوءِ جي پيراڊوءَ کي رهبري لاءِ پاڻ سان گڏ ڪنيو هو. تنهن موٽي اچي سارو احوال سڻايو. سندس ٻڌايل ڳالهين مان معلوم ٿيو تہ ليمبرڪ پاڻ بہ گهائجي پيو آهي ۽ ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي. تنهن تي مون پنهنجي ميزبان کي چيو، ”اهو چڱو ٿيو جو هن ڪافر کي قتل ڪرڻ بدران گرفتار ڪيو ويو آهي.“ انگريز ڪاموري کي وچ ٿر ۾ يرغمال رکي هر جماعت سرڪار کي چوندي تہ جيڪڏهن پير سائين کي جلد آزاد نہ ڪيو ويو، تہ هن انگريز ڪاموري کي هوريان هوريان ڪري ماريو ويندو. محبت کي اهڙي معاملي اڪلائڻ جي سڀ خبر آهي.

مون لقمان ڏانهن اهڙو نياپو موڪليو ۽ چاهيم تہ تيز رفتاريءَ سان مڪيءَ پهچي نوري کي بہ اها خبر ڏيان، پر جڏهن مون کي دل ۾ ڪٽڪيو ٿيو تہ ڳوٺ جو مکي تار وسيلي سانگهڙ ضرور اطلاع موڪليندو ۽ منهنجي پهچڻ کان گهڻو پهريان فقيرن کي سارو احوال معلوم ٿي ويندو. پر جيڪڏهن آئون هتي ترسي پوان تہ عادل جا ماڻهو واقعي جون سچيون خبرون هٿونگي ۾ رهندڙ پنهنجي دوستن کي پهچائڻ لاءِ هتان ضرور لنگهندا. واقعي جي خبر پوليس ڪئپٽن گلبرٽ کي پهچائي وئي، جيڪو پنهنجي فوج ۽ پوليس سان گڏ ساڳيءَ شام جو سانگهڙ کان پهتو هو ۽ ٿر ڏانهن وڃڻ لاءِ اٺ گهري رهيو هو. اهڙي صورتحال ڏسي مون واري دوست، عادل ڏانهن تيار ٿي وهڻ جو نياپو موڪليو، ڇاڪاڻ تہ وڌيڪ شڪار ساڳيو رستو ڏئي ڏانهن وڌي رهيو هو.

پر پوءِ اسان مايوس ٿي وياسون. رات جو ليمبرڪ ۽ ٻيو انگريز ڪامورو پنهنجي فوج ۽ پوليس سان گڏ رستي سان گذريو. ڪيس ڏاڍي شڪست آئي هئي. سندن گهڻا اٺ بہ ناس ٿي ويا هئا. فوج ۽ پوليس جو اڌ تعداد پنڌ سفر ڪري رهيو هو. هنن سان گڏ ٻہ عملدار بہ هئا، جن مان هڪ فوج اڳيان ۽ ٻيو پٺيان سفر ڪري رهيو هو. گهٽن انن تي زخمي ۽ لاش رکيل هئا. پٺاڻ فوجين جا حال تہ سيني کان بڇڙا هئا.[1]

مون پنهنجي دوست کي چيو تہ ليمبرڪ هاٽي ڪنهن چنتا کان آجو ٿي ويو ۽ فقيرن جي قلعن ۾ وڃي مٿن حملي ڪرڻ لاءِ هاٽي ڪيس ٻہ پيرا سوچڻو پوندو. اها مشهور چوڻي آهي، ”ماڻهو جڏهن شينهن جو شڪار ڪرڻ وڃي تہ ڪيس اهو بہ سوچڻ گهرجي تہ اهو پاڻ بہ شينهن جو شڪار ٿي سگهي ٿو.“

*(هلندڙ)*

---

[1] هيءَ ڪارروائي ٿر جي رابائو Raba o ماڳ وٽ 21/20 مئي جي رات ٿي هئي جيڪا دهليءَ جيي روزانو اخبار دي اسٽيٽسمين The States man سومر ڏينهن 15 جون 1942ع تي ڇپي هئي.



## حسين جاگيراڻي

ڪوبہ محفوظ ناهي شهرن ۾
واهٽن ڏي ورو اي انسانو
هڪبئي سان نهي وڃو هاٽي
اوءِ دانائو اوءِ نادانو
ميزباني تي پوري دنيا جي
هاڻ برزخ ڏي موٽو مهمانو
مطمئن زندگي جي چڪرن مان
نڪرو جلدي ڪيو پريشانو
عشق ڪجهہ ناهہ پيار ڪجهہ ناهي
عشق جا پيار جا ٿنا خوانو
ڪنهن بہ آبادي ۾ ڏٺو آهي
شهر ’ڪنڌرا‘ جو ههڙو ويرانو
آهِ ٻَڌراڻو مون جيان ٻيو ڪنهن
هڪڙي عورت کان پانهن ۾ ڳانو
آءٌ ڏاڍو جنوني فرد آهيان
مون کان پاسو ڪيو اي ديوانو
هاڻ مئخانا سڀ ڪري برباد
هڪڙو قائم ڪيو لنگرخانو

*

تنهنجو تن تنهنجي جواني صاحبا
لازماني لامڪاني صاحبا
تنهنجو تن تنهنجي جواني عارضي
حسن تنهنجو جاوداني صاحبا
ساري مرداڻي وجاهت هڪ طرف
هڪ ادا تنهنجي زناني صاحبا
تون زناني حسن جو معراج آنهہ
تون نشانن جي نشاني صاحبا
تون زميني حسن جو اهڙو ڪمال
تو نہ جهڙي آسماني صاحبا
ڪنهن بہ بيحد خوبصورت نظم جو
تون ترنم تون رواني صاحبا
تون ئي موسيقي جو سارو حسن آنهہ
تون سُرن جي جان جاني صاحبا
تون ئي منهنجي جان منهنجي زندگي
منهنجي جانان منهنجي جاني صاحبا
ڪير تو وانگر نہ تون ڪنهن وانگيان
ڪوئي ناهي تنهنجو ثاني صاحبا
شاعري منهنجي سماوي شاعري
آهہ سڀ تنهنجي زباني صاحبا
سونهن جو تون لازوال آهين جمال
’تو نہ داني تو نہ داني‘ صاحبا
تو عطا مون کي ڪئي مستي مدام
مهرباني مهرباني صاحبا
تون بہ باقي مان بہ باقي صاحبا
مان بہ فاني تون بہ فاني صاحبا.



# پاتم جهاتي جهان ۾...

شيام ڪمار

ساڳيءَ ريت راجا اندر جي سورڳ پوري واري دربار ۾ به هميشه خوبصورت اپسرائن ۽ حسين گنڌرون (غلمانن) سان سٿيل هوندي هئي. اهي جيو سدا بهار، سدا جوان جماڻ ۽ هر قسم جي جسملي سندرتا ۾ لاثاني لاجواب ۽ ڀڪندڙ هوندا هئا. جيڪڏهن ليوناردو ونسي اُروشي، رميا، تلوتما، ميناڪشي يا اندراني کي ڏسي ها ته 'موناليزا' ڪين سرجي سگهي ها. سورڳ پوري ۾ وسندڙ اها مخلوق نه صرف جنسي جذبن کي ٽڏڙي ڇر پهچائڻ ۾ اڻ وسهندڙ مهارت رکندڙ بلڪه فن جي اُپج ۽ رچنا جهڙوڪه ناٽڪ، نرت، سنگيت ۽ گائن وديا ۾ به 'زميني سطح' کان وڌيڪ اُتمتا جي مالڪ هئي. ۽ آهي. ان مخلوق جي ذات 'فطري معصوميت'، سدا اجهل لست، سواد ۽ مزي ۾ لپٽيل ۽ 'جنسي آسودگي' ڏيارڻ ۾ بي نظير پاسندي آهي. جنهن اندر ڪو پڇتاءُ، ڏک يا پيڙا جو احساس به ڪين محسوس ٿيندو آهي.

ان غير فاني ۽ آدجڳاد کان موجود سدا 'نرت' ۾ ڏيکاريندڙ شِوَ جي گرد ڪنهن تجليدار پوتر 'هالي' (Halo) جيان ڪئي ڏند ڪٿائي ڪهاڻين ۽ ليجنڊن جي اندلٿي پرت جي خوبصورت رنگن ۾ اهڙي اُٽت ٿيل آهي جنهن کي وقت جهڙو مهاٻلي عنصر به مٽائڻ ته ڇا بلڪ جهڪو ڪرڻ ۾ به اسمرٿ ڏيکارجي ٿو.

هن مهان نرتڪ (divine dancer) جي سلسلي ۾ ٻن خاص ۽ متضاد 'رقص' جي قسمن جو ذڪر، هڪ ڀيرو ٻيهر، ضروري سمجهان ٿو: هڪ قسم ذريعي 'شِو شنڪر' جهڙي مهان ديوتا جي دريا دلي، اپاريم پريم، مهر ۽ پاٻوهه موتئي جي گلن جهڙي سندر سندر ۽ مڌ ماتي سڳنڌ سان جسمن ۾ امرت اوتيندي ڏيکارجي ٿي. ۽ ٻئي قسم وسيلي سندس اجهل ڪُوپ، ساڙيندڙ ڪروڌ، ڏڪائيندڙ هيبت، نهوڙيندڙ پيڙا جنهن اندر 'نوح' واري پرلئه جو پاڇاوون موجود آهي پسي سگهجي ٿو. هونءَ به هيءُ ديوتا 'تخليق ۽ تباهي' جي اها مورت آهي جنهن جو ثاني نه ڪنهن Pagan پنٿ ۾ هو. ۽ نه وري ڪنهن جديد مذهب اندر آهي.

پهرين قسم ۾ لسيا (Lasya) نرت جيڪو مٺاس نرمي ۽ امرتا جو ڏِکُ آهي. چيو وڃي ٿو. ۽ ٻئي قسم ۾ ٽانڊوَ (Tandava) نرت جيڪو ڪنهن جوالا مکي جيان لڳي ٿو. خوفناڪ، هنسا ۾ تر- ۽ ڪنهن دائمي تباهي جو احساس ڏيندو ڏيکارجي ٿو. ديوتائون به جنهن کان پناهه پنندا ڏيکارجن ٿا. هيءُ ديوتا ٻنهي قسمن ۾ پَڙُ آهي.

ٽانڊوَ نرت جنهن ذريعي 'الوهي آهار' جي جوش ۽ جولان ۾ ٻڌل شڪتين جي ٻوڙ ٻوڙان هوندي، ان جي ارادي جي چڱيءَ پر پروڙ پوندي آهي ته اهو ڪنهن 'ڪائناتي جنگ' جي شروعات جو احساس آهي . جنهن ذريعي ڪنهن جبري ۽ ڀينڪر ويريءَ جو انت مقصود هوندو آهي. ساڳئي وقت اهو نرت فتح جي علامت به ليکيو وڃي ٿو. ان سان هڪ ڏندڪٿائي ڳالهه به منسوب ٿيل آهي جنهن ۾ شِو هڪ اهڙي ظالم ۽ انسان آزار دئيت جو خاتمو آندو هو جنهن هڪ مست ۽ خطرناڪ هاٿي جي شڪل اختيار ڪئي هئي. شِو ڪيس پاڻ سان نرت جي دعوت ڏني. جنهن ۾ هو ايترو ٿڪجي پيو جو زمين تي ليٽندي ئي سندس پراڻ نڪري ويو. ان بعد شِوَ اڪيلي سر فتح جو ناچ نچيو هو. پٿر مان گهڙيل اهڙو خوبصورت فني شاهڪار (سترهين صدي عيسوي) ڏکڻ هندوستان اندر 'پيرورُ' شهر جي 'نٽ راج مندر' اندر اڄ تائين موجود آهي.

ڪاليداس پنهنجي مشهور ناٽڪ 'ميگهه دوت' ۾ ان 'هيجاني نرت' منظر جو اهڙُ مانڊاڻ پيدا ڪندڙ چٽر چٽيو آهي جو ان ڇتي جنگ جي پوائتي منظر کي پسي سندس ارڌانگي (پاروتي) جي جسم ۾ ڪنبٽي اچي وئي هئي.

سنسڪرت- هندي فصاحت جي نوَ عدد رَسَ يا سڳنڌ سان ڀريل اسلوب منجهان مٿي ڄاڻايل ناٽڪ اندر چار عدد پنهنجي مڪمل صفائي ۽ سونهن سان ذهن کي ڪلپنائي اُڏام بخشيندا ڏيکارجن ٿا. انهن اندر ويرتا وحشت دلڪشي ۽ ڌڪار جا عنصر ۽ انگ هڪٻئي ۾ مالها جيان پوتل نظر اچن ٿا. شِوَ جي ذات اندر زندگي جا سمورا رخ ۽ پاسا غير مبهم طور موجود آهن ۽ هن جو 'نرت' ضدن جو بهترين مرڪب ليکيو وڃي ٿو. زندگي جيان نرت به 'هيبت' ۽ 'آنند' جو لاجواب سنگم آهي. اها خوبي، هندو ديو مالا اندر، ٻئي ڪنهن به ديوتا ۾ ڪين ٿي ڏسجي.



شِوَ شنڪر جي محبوبه ۽ بعد ۾ ارڌانگي (پاروتي)، ان بعد ڪارتڪ (جنگ جو ديوتا) ۽ گڻيش (خوش نصيبي ۽ خوشحالي جو ديوتا) جي محبتڻ ماءُ، سرشٽي جي شڪتي ۽ سندس شهه رڳ جي چانڊوڪي جهڙي سندرتا، سوم رسي ڪامڻي، سنهن سڳنڌ جي راڻي کي هڪ گرنٿ اندر هيٺئين ريت ورنن ڪندي ساراهيو ويو آهي. هيءَ ئي هئي جنهن شِوَ جي اجهل شڪتي کي پنهنجي اپار مڌر شڪتي سان ملائي 'جڳت' جي رچنا ڪرائي هئي. ڪاليداس 'ڪمار سمڀو' اندر سنديسن ان 'شڪتي' تان پردو هٽائي وتسيانا، ڪئسونووا، فرئنڪ هيرس، پرنس علي خان- ۽ ليوڪريشا بورجوا، قلوپطرا، راڻي زينوبيا، ڪيٿرائن دي گريٽ کي ڄامڙا ۽ ڄامڙيون ثابت ڪندو ڏيکارجي ٿو:

> "مندبيندڙ مهاندن واري، مرگهه نيني، ڪمل نيني، ڪمان جهڙي نازڪ خمدار چيلهه، ويڪر رسدار ٻنڌڙن اندر سنگمرمر جي وينسي مجسمي جهڙو لسو، ترڪڻو، حرارت آميز ٽڏڙو ٽڏڙو ڇقمقي ڇُهاءُ، ڄاڙيون ڏيکارجندڙ رس ڀريل گول ڇاتين جي سختي مائل ڪونئري ڪونئري لاجواب همااليائي سندرتا ۽ پنڊپهڻ ٻڏائيندڙ تاب ۽ تاءُ ۽ انهن جي گلن جهڙي هلڪي ۽ هٻڪائيندڙ بار هيٺ سندس وجود اندر اهڙو مدهوش ڪندڙ اٽلڪو جهڪاءُ نظر ايندو هو جهڙو ڪنهن گهاٽي ميويدار وڻ کي ڏسي محسوس ٿيندو آهي."

اِهو ترلوڪي حسن جو جلوو ڪير هئي؟ پاروتي! شِوَ جي محبوبه ۽ 'انگ رکڻي.'

سموري سرشٽي، ٽنهي لوڪن جي 'پرم سندري ۽ شڪتي' ڌرتي جي سونهن سوڀيا ۽ سڳنڌ سنسار جي اُپت جي آتما ۽ جوهر.



ساڳي ريت قديم يوناني دنيا ۾ ايشيا مائنر جي شهر ايفيسس (Ephesus) اندر ساڳي هندو عقيدي سان لاڳاپيل شڪتي (پاروتي-ڪالي-اُما) جي هم جنس 'ڌرتي ماتا' يا سنسار جي جنتي شڪتي کي 'اَرٽي ميس' (Artemis) جي شڀ نانءُ سان پڪاريو ويندو هو ۽ ڪيس ايشيا جي ماتا به چيو ويندو هو. سندس مندر جيڪو اعليٰ ٽيڪنڪ ۽ خوبصورتي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ان جي پوترتا ۽ عجب ڏِکُ کي





صرف ديوتائن ۽ عام ماڻهن مٿان ڪام ۾ ٻڏل ٻاڻن جو وسڪارو ڪندي رهي ٿي. پر، ڪيس ’نرت ڪلا‘ جي ماهر ٻه ڄاتو وڃي ٿو.

خاص طور شهواني جذبات ڀڙڪائيندڙ ’ناچ ۽راس‘ وجهڻ ۾ پنهنجو ڪو ثاني پيدا ڪين ڪري سگهي آهي. سماجي سطح تي جاپان جا هاري ناري سارين جي پوک دوران اهڙي قسم جا ’رقص‘ ڪرڻ جا ڪوڏيا آهن- ان بعد ’موج مستي‘ ۾ غرق ٿيڻ سندن سياءُ ۽ عادت جو خاص جزو ليکيو وڃي ٿو. سندن عقيدو آهي ته ’ايئن ڪرڻ‘ سان زمين جي زرخيزي ۾ اضافو ٿئي ٿو- ۽ ’تخليق‘ جي سندر عمل کي هٿي ملي ٿي.

هندو ڪلچر ۾ اها ٻه پرٻل سوچ رهي آهي ته ديوداسين آڳاٽي دور جي راڄ نرتڪين کي پسمنظر جي حوالي ڪري پاڻ هنن جي جاءِ والاري هئي. ۽ دراصل برهمڻ جاتي جي سهائتا سان ’مندر ۽ اشت ديوتا‘ جي شيوا جي مقصد سان سندن طبقو وجود ۾ آيو هو. پر، ان حقيقت جي گهري اپياس مان هيءَ حقيقت ٻه ظاهر ٿئي ٿي ته ’اِهو طبقو‘ اصليت ۾ مغربي ايشيائي ملڪن جي قديم ’ديوي ماتا‘، ’انانا اشتر‘ (Inanna– Ishter) جنهن جي ميٽا ٻن ڪان ٽن هزار سال ق-م واري عهد ۾ چوٽ چڙهيل هئي،



جي مذهبي رسمن رواجن تي عمل ڪندو پڻ ڏيکارجي ٿو. ’انانا اشتر‘ جي ڪيترين لڌل قديم پٿرائين يا ٺڪر جي مورتين مان هن کي نهايت دلڪش ۽ خوبصورت انداز ۾ هڪ انوکي ۽ وڏي سائيز جي ’يوني‘ سان بي لباسي جي عالم ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

ان ديوي جي مندر جي خاص مهنتياڻي رواج موجب هر نئين سال جي شروع ۾ ملڪ جي موجود حاڪم سان شادي جي ’پوتر ٻنڌن‘ هيٺ ساڻس جنسي عمل جو بي باڪ مظاهرو ڪندي هئي جو ان ’لنگ ۽ يوني‘ جي ميلاپي عمل کي زرخيزي ۽ تخليق جو مقدس سنئون قرار ڏنو ويندو هو. هڪ قديم سميريائي پرارٿنا موجب (جيڪا پراڻي عهدنامي اندر موجود حضرت سليمان جي ’عظيم گيت‘ جي انداز ۽ اسلوب ۾ رچي وئي هئي) بي باڪي سان اظهاريو ويو هو،

“بادشاهه سلامت جي لنگ جي لاجواب ايستادگي سان گڏ سٽي، ڪپهه ۽ جَوَ جو فصل ٻه بي مثل پيدا ٿئي ٿو. بريٽ ٻه گل و گلزار بڻجيو وڃي ٿو.”

اهڙي هڪ ٻئي نغمي ۾ ’انانا اشتر ديوي‘ اڄوڪي عورت زاد تحريڪ کي ٻه شرمائيندي ڪليءَ طور اظهاري ٿي،

“منهنجي محبوب مون سان ’ميلاپ‘ ڪيو. منهنجي ’وجود‘ اندر سواد ماڻيائين. ۽ آخر ۾ اسان ٻنهي ڄڻن گڏجي ’آنند‘ جي انتها ماڻي.”

ساڳي ريت انهن قديم مندرن جي هر نئين ايندڙ پوڄارڻ، ’انانا اشتر‘ ديوي جي اهڙي ’رسم‘ کي زنده ۽ جاري رکندي راڄ شرڌالن سان ڪليو ’سنگم‘ ڪنديون رهيون هيون. جنهن کي اسين عام اصطلاح ۾ ’وئشاپڻو‘ (Prostitution) سڏيون ٿا. اهڙي قسم جي ’پوتر لڳ‘ جا مغربي ايشيائي ملڪن مان هٿ آيل ڪئي قديم پٿر ۽ ٺڪر جا مجسما مختلف عجائب گهرن ۾ موجود آهن. ان سلسلي کي اڳتي وڌائيندي پراچين يگ جي مشهور تواريخ نويس هيرودوٽس (پنجين صدي ق-م) پنهنجي ياداشتن ۾ ڄاڻايو هو،

“ان دور ۾ يوناني عورتن لاءِ لازم هو ته پنهنجي جيون ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو، مندر جو درشن ڪري، رسمي طور مندر جي خاص مهنت يا ڪنهن اجنبي شرڌالو سان ’سنگم‘ ضرور ڪيو وڃي.”

اها رسم هندوستان اندر پڻ، وچولي دور جي آخري حصي ۾ رائج هوندي هئي.

پراچين هندوستان ۽ قديم مغربي ۽ وچ مشرقي ملڪن جهڙوڪ شام، فلسطين، ميسوپوٽيميا (عراق) وغيره اندر مٿي ڄاڻايل رسمن ۾ موجود ’واسطيداري‘ اتان جي پراڻن آثارن جي کوٽائي مان ٻه ملي آهي. جتان پٿر جا ٺهيل انيڪ ’لنگ‘ دستياب ٿيا هئا جيڪي هندوستاني ’شِوَ لنگ‘ سان ويجهي مشابهت رکن ٿا.

مطلب ته دنيا جي وڏن مذهبن (اسلام کانسواءِ) جهڙُڪ يهوديت، هندومت، ٻڌمت ۽ جين مت، عيسائيت، زردشتي متو يا قديم رومي يوناني، آفريڪي Pagan سلسلن وغيره اندر ڏندڪٿائي صورت يا تاريخي شڪل ۾ ’جنسيات‘ (sex) ۽ ’ڌرم‘ جو اٽوٽ ازلي ۽ ابدي ناتو رهيو آهي. جنهن کي شرڌا، ڀڳتي ڀاءَ ۽ اٿل وشواس طور ٻه ڏنو وڃي ٿو. ۽ ان سيڪولر سوچ ۽ عمل جي کک مان دنيا جي فنون لطيفه: نرت ڪلا، گيت سنگيت (ساز ۽ آواز) مصوري، سنگتراشي، تعميراتي فن جنم ورتو هو. جيڪو وقت جون بي ڪنار ارتقائي منزلون طئي ڪندو موجوده ’من موهن‘ صورت ۾ اسان آڏو ’ساڪيات جاندار‘ جيان بلڪه ’امر مخلوق‘ (ديوتائون) وانگر جرڪندو مهڪندو روح پرور روشني بخشيندو ڏيکارجندو رهي ٿو. قديم عهدنامي ۾ سلومي، راڻي شيباجا ساز ۽ آواز جي تال تي جسم ۽ جان اندر منڙيون ڪتڪتايون پيدا ڪندڙ ’بيلي رقص‘ جنهن ۾ سندن سون ورني بدن جو هر حصو مڌيرئي آواز ۾ ڳالهائيندو، سمنڊ جي لهرن جيان ٿرڪندو، آڪاش منڊل تي هرڻي جي چال هلندڙ بار آور بادلن جيان مخفي الوهي اشارا ڪندو ۽ ڄڻ ڪامڻي جي اکين مان نڪرندڙ پريم پريل ٻاڻن جو وسڪارو ڪندو ڏيکاربو هو. ان کان علاوه حضرت سليمان جي خمار لذت سواد- ۽ رس ڀري امر تخليق غزل الغزلات (Song of Songs) بقول ’ايريل‘ ۽ ’چنا بلوخ‘، “جنسياتي ادب جو لاجواب شاهڪار آهي.”

*(هلندڙ)*

# غزل

## ساحر راهو

مون کي ٻانهن جا وِجهي هار هلي ٿي مون سان
شهرِ قاتل ۾ سنڌءِ سار هلي ٿي مون سان
آءٌ منصُور جي مسلک جو سدائين قائل
هڪڙي فتويٰ ۽ ٻي تلوار هلي ٿي مون سان
پيڪڙا پير جا مقتل ۾ وڄن ٿا گويا
تنهنجي پازيب جي جهنڪار هلي ٿي مون سان
منهنجا محبُوب وطن سوپ پري ناهه پري
خاڪ تنهنجيءَ سندي هُبڪار هلي ٿي مون سان
گهٽي گهٽي مل ٻُري منهنجي لهوءَ جي خوشبو
تنهنجي چاهت سندي تذڪار هلي ٿي مون سان
تاج ۽ تخت پريشان قلم قاضيءَ جو
سر ٻه ناهي ته ٻه دستار هلي ٿي مون سان
آءٌ منصور نه سرمد نه مسيحا ’ساحر‘
پيڙ چو هيڏي سرِدار هلي ٿي مون سان.

*

## حنيف عاطر

ماهرُو، ناري هُئي، چٽنگ جنهن ٻاري هُئي
هن جي بنديا سان ٻُري، رات جا ڪاري هُئي
ميڻ وانگر تو ڀُٽيان، زيست ڪنهن ڳاري هُئي
ڪيتري دل ڪان تُون پڇ، تنهنجي لاچاري هُئي
تنهنجي هڪڙي مُرڪ بس، مون لئه افطار هُئي
تو سواءِ دوزخ جيان، رات مُون گهاري هُئي
سُونهن جي منڊي اندر، دِل ڪا واپاري هُئي
هُن جي ’عاطِر‘ دوستي، ڄڻ ڪچي ٽاري هُئي.

*

## اداسي جڪراٽي

پاڇولن جي پوپان پٽڪي شايد ٽڪجي پئين
وِک ڪٽين تي سوچي- سمجهي، شايد ٽڪجي پئين
آَليون پنبٽيون، وڪريل سوچون، تارن ڏانهن ڏٺئي
تڙپي پئي آ چاندوکي پي، شايد ٽڪجي پئين
مُدت کان مفلوج بڻيل آ، ذهن ڪوي تنهنجو
ورهين کان ڪا سِٽ نه سرجيئي، شايد ٽڪجي پئين
اوسيئڙي ۾ نيڻ هئا پر تو نه ورڻ جي ڪئي
دز ۾ وئي اميد ٻه دزجي، شايد ٽڪجي پئين
بي معنيٰ ڪنهن ڳالهه جيان ڄڻ تو ٻه وساريو آ
ايندي ناهي هر هر هڏڪي، شايد ٽڪجي پئين
رسمن جون زنجيرون ٽوڙي ڪونه سگهين آخر
مات مڃي جو ويٺين سڄني، شايد ٽڪجي پئين
وعدن جي سنگهرن ۾ جڪڙي رول ’اداسي‘ کي
مند جيان وئين آخر مٽجي، شايد ٽڪجي پئين.

# لُٽ جو مال...



جهان آرا سومرو

مان پنهنجي اسٽڊي ۾ ويٺي پنهنجي N.G.O جي ميٽنگ جا ڪاغذ تيار ڪري رهي هيس ته منهنجو نوڪر بلو مون ڏانهن آيو. چيائين،

”جيجي، توهان ٻه ٽي دفعا ڪم ڪار لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو هو. هڪ ڇوڪري هٽ ڪئي اٿم. ماءُ سان گڏجي آئي آهي. ٻاهر ويٺي آهي چئو ته اندر سڏ ڪيانس.“

”ڇوڪري!!“ مون حيران ٿي بلو ڏانهن ڏٺو، ”ڪيتري عمر اٿس؟“

”ٻارنهن تيرنهن سال ٿيندس.“ بلوءَ چيو.

هن جي ڳالهه ٻڌي مونکي چڙ لڳي. ڪاوڙجي چيم، ”بلو، توکي خبر آهي مان ننڍن ٻارن جي پورهيي جي سخت خلاف آهيان. مان پاڻ چائيلڊ ليبر جي خلاف ڪم پئي ڪريان، سو اهو غلط ڪم ڪيئن ڪنديس؟“

هن التجا واري لهجي ۾ چيو، ”جيجي، هو غريب ضرورتمند ماڻهو آهن. اوهان ڪم تي نه بيهاريندؤ ته ڪٿي ٻي هنڌ وڃي بيهاريندا. اتي خبر ناهي نياڻي ٻار لاءِ ڪهڙو ماحول هجي؟“

مان هن جي ڳالهه ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويس. پوءِ ڪيس چيم، ”چڱو تون وڃي اچينس ته مان اول ڏسان ته سهي.“

هو ٻاهر هليو ويو. جلد ئي ڇوڪري ۽ ان جي ماءُ کي اندر وٺي آيو. ان عورت ڪي ميرو برقعو ۽ پراڻا ڪپڙا پاتل هئا. اها پنهنجي ٻت ۽ ڪل مان ٿيهن ٻٽيهن سالن جي ۽ چهري تي ٿڪيل دائمي آزارن ۽ پريشانيءَ مان سٺ سالن جي ٿي لڳي. مون ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. اها سانوري رنگ واري سنهڙي ڏکي ڇوڪري هئي. جنهن جي رنگ ڦٽل. اٿين وارن ڏرا ڏنل اکين مان صاف معلوم ٿي رهيو هو ته هوءَ غذا جي ڪوٽ ۾ پليل آهي. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب ڪيفيت ڇانيل هئي جنهن کي ڏسڻ سان اندر ۾ عجيب بيقراري محسوس ٿي. هن جي چپن تي خاموشيءَ جو تالو لڳل هو. جڻ هن دنيا کان ناراض ٿي پنهنجا چپ هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيا هجن.

مان هن جي اکين ۾ ڏسي سوچڻ لڳس، ”آخر هن جي اکين ۾ اها ڪهڙي شيءِ هئي جيڪا مونکي بي چين ڪري رهي هئي؟ اهو ڪهڙو پيغام هو جيڪو پڙهڻ ۾ نه ٿي آيو. ۽ اهو ڪوماڻيل چهرو مونکي اڳ ڏٺو چونه ٿو لڳي؟“ پوءِ اوچتو منهنجي ذهن ۾ وڄ وانگر چمڪات ٿيو. ۽ مونکي ياد آيو ته مون ڪجهه مهينا اڳ اهو ساڳيو چهرو هڪ اخبار ۾ ڏٺو هو هڪ خبر سان گڏ. ’ٻه هفتا اڳ اغوا ٿيل نينگري هڪ پراڻي بند پيل جڳهه مان بازياب- نامعلوم ماڻهن نينگريءَ کي اغوا ڪري ان جاءِ ۾ بند ڪيو. ۽ ٻه هفتا لڄالٽ جو شڪار بڻايو.‘ مان ڪجهه وقت سراپجي ان ڇوڪريءَ کي ڏسندي رهيس. مون ان جي ماءُ ڏانهن ڏٺو. ڪجهه چوڻ چاهيو ڪجهه پڇڻ چاهيو. پر منهنجي زبان مان، ’هيءَ ڇوڪري... هيءَ ته اها ڇوڪري...‘ ڪانسواءِ ڪجهه نه نڪتو. هن جي ماءُ بي تاثر چهري ۽ بي احساس آواز ۾ چيو،

”ها ميڊم، هي منهنجي ساڳي ڌيءَ آهي. جنهن جي خبر اخبار ۾ آئي هئي.“

مون پاڻ سنڀالي ڪيس چيو،

”مائي، تنهنجي ڌيءَ ايڏي وڏي حادثي مان گذري آهي. تڏهين به تون سبق نه سکي آهين. وري هن کي ڪنهن گهر ۾ بيهارڻ نڪتي آهين. توکي خوف نه ٿو ٿئي؟“

”ميڊم.“ هن بي خوف آواز ۾ چيو، ”هاڻي ڪهڙو خوف. سڄ لٽي ڪانپوءِ اوندهه ڪهڙي ۽ ڦرجڻ ڪانپوءِ دپ ڪهڙو؟“

”...“

”ميڊم، توهان مونکي نه ٿا سڃاڻو. پر مان اوهان کي سڃاڻان ٿي. توهان جون نياڻيون جنهن اسڪول ۾ پڙهنديون هيون. مان اتي پٽيوالي آهيان. اوهان جون نياڻيون هميشه منهنجي مدد ڪنديون هيون. هونئن به سڀ اوهان جي نيڪي ڪندا آهن. اوهان جو شريف گهراڻو آهي. هتي منهنجي ڇوڪريءَ کي ڪو پئو ڪونهي.“

”پر تون آخر هن کي نوڪري چو ٿي ڪرائين. هيءَ ويچاري ايڏي وڏي حادثي مان گذري آهي. هن کي گهر جي حفاظت ۽ ماءُ جي دلداريءَ جي ضرورت آهي. هيءَ گهر ۾ وڌيڪ محفوظ رهندي.“

”گهر؟“ هن جي چپن تي هڪ ٽوڪ واري مُرڪ اڀري. چيائين، ”گهر ۾ محفوظ هجي ها ته ائين برباد نه ٿي ها. منهنجو گهر وارو نشو ڪندو آهي. سڄو ڏينهن نشو ڪيون ڪٽ تي پيو هوندو آهي. ڇهه ٻار اٿم. انهن جي پيٽ قوت لاءِ پورهيو ڪندي آهيان. صبح کان منجهند تائين اسڪول ۾ نوڪري ڪندي آهيان. پوءِ اتان ئي سينٽر تي ويندي آهيان. جتي سڄ لٽي تائين ڊيوٽي ڪندي آهيان. گهر جو سودو به هيءَ هٽ تان وٺڻ ويندي هئي. اتان ئي ڪو جهٽي ويس.“

”چا اهي ڏوهاري پڪڙيا؟“ مون پڇيو.

”ڏوهارين کي ڪير پڪڙائي؟“ هن چيو، ” مان نڌڪي زائفان مڙس نشئي. پٽ صغير- مائٽ رڳو ٽڪ لعنت ڪري هليا ويندا آهن. چوري سڄو مهينو اسپتال ۾ پئي هئي. مان ٽاٽي جا پنڌ ڪيان، اسپتال ۾ جندو ڳاريان. يا روزگار جو بلو ڪيان. چوري وات ۾ مڱ پايون ويٺي آهي. ڪجي ته خبر پوي ته چور ڪير آهن؟ جڏهين کان غنيم لتاڙي ويا اٿس. حواسن ۾ ئي ناهي.“

مون ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو جيڪا ائين ئي ٻت بڻي ويٺي هئي- مون ماڻس کي چيو،

”ڇوڪري کي ڏسڻ سان ئي خبر پوي ٿي ته هن جي دماغي حالت ٺيڪ ناهي. هن کي ڪٿي به اڪيلو نه ڇڏ. گهر ۾ ئي رکينس پاڻ سان گڏ.“

”ان ڪري ته هتي وٺي آئي آهيانس.“ هن چيو، ”مان سڄو ڏينهن گهر ۾ نه هوندي آهيان. گهر ۾ ويٺي هوندي آهي ته ماڻهن اچي رونشو لاتو آهي. صبح کان وٺي مٽ مائٽ اوڙو پاڙو جڻ تماشو ڏسڻ ايندا آهن. هن سان ٿيل ويڌن تي ٽيڪاٽپڻي ڪندا آهن. صلاحون ڏيندا آهن. ائين لڳندو آهي جڻ منهنجي ٻار سان ٻه ٽي مهينا اول جيڪا لڄالٽ ٿي اها اڃا تائين پئي ٿي هلي. سوٽ ماسات ايندا اٿس ته هن کي ڦهري نظرن سان ڏسندا آهن. ڪو چوندو، ’چوريءَ کي سنڪيو ڏئي قصو ختم ڪيوس. بيغيرتيءَ جو انعام بڻائي سڄي عمر گهر ۾ رکندؤ ڇا؟‘ ڪو چوندو، ’ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ٽڪن تي ڪپائي اچوس. سڄي عمر جو ڪارو ٽڪو ڪري رکندؤ ڇا؟‘-“

”...“

”ميڊم.“ مائيءَ اتي ۽ هڪدم بئي هٿ منهنجن پيرن تي رکي چيائين، ”منهنجي ڌيءَ کي پاڻ وٽ رکي گهٽ ۾ گهٽ هن کي هتي ڪو لعنت ملامت ڪرڻ وارو ته نه هوندو. مان صبح جو ڊيوٽي تي ويندي هن کي هتي ڇڏي ويندس. سڄ لٽي جو پاڻ اچي وٺي ويندي مانس.“

مون ڪن پل سوچيو. پوءِ ڪيس چيم،

”چڱو ٺيڪ آهي. ڇڏي وڃينس.“

مون ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. هوءَ ائين ئي خاموش ويٺي هئي. مون ڪانئس پڇيو،

”تنهنجو نالو؟“

پر هن جي چپن وارو تالو نه کليو.

”عزت.“ ماڻس چيو، ”هن تي ڏاڏيءَ جو نالو رکيل آهي. عزت خاتون.“

”هي صفا نه ڳالهائيندي آهي؟“ مون پڇيو.

”اڳي ته ڏاڍو ڳالهائيندي هئي. ننڍن ڀائرن ڀينرن سان کلندي ڪڏندي هئي. جڏهين کان ويڌن ٿي اٿس هڪ اکر نه ڳالهايو اٿئين.“

پوءِ هوءَ مائي عزت کي اتي ڇڏي موڪلائي هلي وئي.

*

”عزت، هيڏانهن اچ.“ مون عزت کي سڏ ڪيو. هوءَ ڪنهن روبوٽ جيان هلندي اچي منهنجي سامهون بيٺي.

”هتي ويهه.“ مون ڪيس ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ۽ مونکي ڏسڻ لڳي. هن جي اکين ۾ رچيل عجيب ڪيفيت مونکي بي چين ڪرڻ لڳي.

”ڏس عزت، تون ڪنهن به قسم جو خوف نه ڪر. هتي مزي سان رهه. جيڪا به شيءِ گهرجي اچي مونکي ٻڌاءِ.“

هن ڪجهه نه ڪيو. بس خاموش نظرن سان

مونکي ڏسڻ لڳي.

اها عورت جيڪا آدم جي پاسريءَ جي پيداوار آهي. ان جو انگ ۽ ننگ آهي. جنهن کي ان جي وٽ ۽ نزاڪت سبب مرد جي اڌ برابر قرار ڏنو ويو. هن ڦيهجي معاشري ۾ ان جي نازڪ ڪلهن تي خاندان جي عزت ۽ ناموس جو بوجهه رکيو ويو. هن بنا مرضيءَ جي اهو بوجهه به کڻيو ته آدم جا ٻيا بوجهه به پنهنجي مرضيءَ سان کنيا. هوءَ پنهنجي آدم جي ڪم ۽ دم ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ سندس پيرن مٿان پيرو کڻندي پنهنجي وٽ وزن کان وڌيڪ مشقت ڪري پنهنجي اڌيها کي چيلينج ڪري ٿي. پر هن جي چيلينج کي نڪو ڏسي ٿو نه ساراهي ٿو. نه ئي هن جي مشقت جو ڪو صلو آهي. پوءِ به هوءَ بنا ڪنهن صلي ۽ شاباش جي اميد جي پنهنجو مشقت وارو سفر جاري رکي ٿي. ۽ موٽ ۾ کيس ملي ٿي. بيقدري، تذليل ۽ موت.

*

عزت کي مون وٽ آئي هفتو ٿي ويو هو. هوءَ پهريان کان ڪجهه بهتر ٿي وئي هئي. مانيءَ واري ملئيءَ سان ٿورو گهڻو ڪم به ڪرائڻ لڳي هئي. پر زبان مان ڪو اکر نه ڳالهايو هئائين. مونکي اڻ تڻ هئي ته هوءَ ڳالهائي ۽ پاڻ سان ظلم ڪرڻ وارن ماڻهن جي نشاندهي ڪري ته جيئن ڏوهارين کي ڏوهه جي سزا ڏياري سگهجي. ان ڪري مان هن سان پيار ۽ دلداريءَ سان ڳالهائي هن کي ڳالهائڻ تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هيس. پر هن پنهنجي زبان کي جيڪي تالا هڻي ڇڏيا هئا. انهن کي کولڻ لاءِ صفا تيار نه هئي. مان هن سان زور زور ڪري ڳالهائيندي هيس. پر هوءَ هڪ اکر نه ڳالهائيندي هئي. بس يڪ ٽڪ مون ڏانهن ڏسندي رهندي هئي. ۽ هن جي اکين جي ڪيفيت مونکي بي چين ڪري ڇڏيندي هئي.

منجهند جو ٽائيم هو. مان صبح کان پنهنجي ٽيبل تي ويٺي فائيل سيٽ ڪري رهي هيس. اڃا ٿورو ڪم رهيل هو ته لوڊ شيڊنگ سبب بجلي هلي وئي. هڪدم گرمي ٿي وئي. مان ٿڪجي به پئي هيس پر سوچيم ته بس ڪم پورو ڪري پوءِ ئي اٿندم. مون عزت کي سڏ ڪري چيو،

“عزت. منهنجي ڪمري ۾ چارج وارو پکو پيو آهي اهو کڻي اچ.”

هوءَ چپ چاپ وڃي پکو کڻي آئي ۽ منهنجي سامهون ٽيبل تي رکيائين مان ڪن پل لاءِ ڪرسيءَ جي پٺ تي ٽيڪ ڏئي هوا کائڻ لڳس. عزت سامهون بيٺي منهنجي ٻي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳي. هوا لڳڻ سبب منهنجيون اکيون ننڊ اکيون ٿيڻ لڳيون. مون اڌ کليل اکين سان عزت ڏانهن ڏٺو. هن جي ٻنهي ڪراين ۾ زنجير ٻڌل هئا. مان حيران ٿي کيس ڏسڻ لڳس پوءِ هڪدم سڌي ٿي ويٺس. پڇيومانس،

“عزت، اهي زنجير ڪنهن ٻڌا اٿئي.”

هن زنجيرن ڏانهن ڏٺو. پوءِ مونڏانهن ڏٺو. هن جي چپن ۾ چرپر پيدا ٿي. مٺل لهجي ۾ چيائين،

“اهي منهنجي وڏن ٻڌا آهن.”

مون پهريون ڀيرو سندس آواز ٻڌو. خوش ٿي پڇيم:

“عزت تون ڳالهائين ٿي.”

“ها جيجي مان ڳالهائيندي آهيان. پر ڪوئي ٻڌندو ئي ناهي.”

مون اٿي عزت کي ڀاڪر پاتو. سنڌس مٿي تي هٿ گهمائيندي چيم، “تون ڳالهاءِ عزت. مان تنهنجي ڳالهه ٻڌان ٿي. تون مونکي ٻڌاءِ تنهنجا ڏوهي ڪير آهن. مان انهن کي سزا ڏياريندم.”

مون عزت کي ڪلهن کان وٺي ڪرسيءَ تي ويهاريو. پاڻ سندس سامهون ويٺم. پڇيومانس،

“تون مونکي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ. توسان ڇا ٿيو؟”

هن ساڳين حسرت ڀريل نظرن سان مونڏانهن ڏٺو. چيائين، “جيجي. مان هن ڌرتيءَ جي عزت هيم. پر مونکي هن ئي ڌرتيءَ تي بي عزت ڪيو ويو.”

هوءَ ڪن پل ماٺ رهي. پوءِ پنهنجي ناتوان وجود سان اٿي بيٺي. چيائين،

“مان هن ڌرتيءَ جي نياڻي آهيان. مون هتي سوين جنم ورتا آهن. هڪ جنم ۾ مونکي ٻالڪپڻ ۾ ئي خون بها عيوض دشمن ڌر کي ڏنو ويو. جن کي ڏنو ويو انهن مونکان منهنجو ٻالڪپڻ کسي ورتو. منهنجا وار ڪتري مونکي تذليل جو نشانو بنايو ويو. مونکان غلامن جيان ڪم ورتو ويو. رات جو زنجير ٻڌي رکيو ويو. ان وقت مان سوچيندي هيس، ‘منهنجي تقدير جا اهي مالڪ ئي آهن جن جي ڏوهن جي سزا ڀوڳڻ لاءِ مان هتي موڪلي وئي آهيان.’ پوءِ مان ان سزا ۾ ئي مري کپي ويس. پوءِ مون ٻيو جنم ورتو. ان جنم ۾ جيئن تيئن ننڍپڻ ته گذري ويو. پر جوانيءَ ۾ ڪاريءَ جو ٽيو هڻي ايذاءَ واري موت جي سزا ملي. اول منهنجا عضوا ڪپيا ويا. پوءِ مونکي سروٽن ۽ هٿيارن سان ماريو ويو. ان وقت مونکي خبر پئي ته منهنجي اها ڄاڻ غلط هئي، ‘ماري به الله جيئاري به الله’- هتي جيئارڻ وارا به ماڻهو ته مارڻ وارا به ماڻهو آهن. مون ڪئي جنم ورتا. پر هر جنم هڪ سزا هيو. ڪڏهين مونکي جوا ۾ ڪٽيو هارايو ويو ته ڪڏهين چوپائي مال جي عيوض مٽاسٽا ۾ وڪيو ويو. ڪڏهين وحشي درندن هوس جو نشانو بنائي ماري جهنگ ۾ ڦٽي ڪيو.”

هوءَ خاموش ٿي مونکي ڏسڻ لڳي.

“عزت.” مون پڇيو، “تون اهو سڀ ڪجهه ڇو برداشت ڪيو. دانهن ڇو نه ڪئي. پاڻ کي بچايو ڇو نه؟”

“مان پاڻ کي ڪيئن بچايان ها جيجي. هي ڏس.” هن پنهنجا زنجيرن سان ٻڌل هٿ مٿي ڪندي چيو،

“منهنجن ابن منهنجن هٿن ۾ زنجير جو ٻڌي ڇڏيا هئا. ابن جي پٽن مونکي نيلام ڪيو. منهنجي لڄالٽ ڪئي. مونکي سروٽن سان ماريو. هنن وٽ هڪڙي هڪڙي دل آهي. پر مون وٽ ٽي دليون آهن. ماءُ جي دل. ڀيڻ جي دل. ۽ ڌيءُ جي دل. ان ڪري اهي جڏهين هڪ ٻئي سان وڙهندا آهن. هڪٻئي کي قتل ڪندا آهن ته پوءِ اهي ٽيئي دليون جيئريون ٽي پونديون آهن. پوءِ مان ڇيلهه سان سندرو ٻڌي انهن جي مٿان روئيندي پٽيندي آهيان. ۽ انهن کي مارڻ وارن کي پٽون پاراتا ڏيندي آهيان.”

“پر عزت، تون هاڻي ڳالهايو آهي. مان تنهنجو آواز ٻين کي به ٻڌرائيندس. سيني کي ٻڌائيندس ته عزت ڳالهايو. نيٺ عزت ڳالهايو.”

مان ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس. پنهنجي چوڌاري ڏٺم. چارج وارو پکو چارج ختم ٿيڻ ڪري بند ٿي ويو هو. ۽ عزت سامهون منهنجي حڪم جي انتظار ۾ بيٺي هئي. ساڳي گونگي خاموشي ۽ تالا لڳل چپن سان. مون حسرت مان عزت ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيم،

“عزت تو نه ڳالهايو- عزت. تون ڇو نه ٿي ڳالهائين؟” ■

# ڪانگهارو...

عنايت لغاري

ڏاڏي گرمي هئي. بجلي به نه هئي. قدرتي هوا جهڙو ڪر گس ئي مٿي وئي هئي. گهرن جون عمارتون هڪٻئي سان ائين گهاٽيون بيٺيون هيون، جيئن ريل جا پٽا هوندا آهن. ڳوٺ جون به ماڙ عمارتون، جڻ قدرتي هوا تي پهريدار بيهاريون ويون هيون ته جيئن ڪو هڪ جهوٽو به گهرن اندر داخل نه ٿئي. جڻ اهو جهوٽو ساهه سٽير ڪندڙ نه هو. ڪو ڌاڙيل هو، جنهن کي گهرن اندر گهڙي سمورو سامان لٽي وڃڻو هو. سوڙهين گهٽين ۾ سوڙهن گهرن جا اڱڻ قدرتي هوا جي جهوٽي لاءِ سِڪي ويا هئا.

“ائي ادي، بجليءَ وارن به ويل ڪري ڇڏيو آهي. چوڏهن چوڏهن ڪلاڪ بجلي ڪانهي.” سوني، جميلا کان چانهه جو پيالو وٺندي، جنريٽر تي هلندڙ پيڊيسٽل پنکي ڏانهن ڏسندي چيو. ان کان اڳ جو جميلا وٽان ڪو جواب اچي هوءَ چوڻ لڳي، “جڏهن کان گهر گهر ۾ اها مُئي چلهه آئي آهي. تڏهن کان مردن کان پنڌ ۽ ماين کان جنڊ موڪلائي ويا آهن.”

“ائي ڀيڻ، ڪهڙي زماني جي ڳالهه ڪٺي ويٺي آهين؟ هاڻ ته اهڙيون گوريون ۽ دوائون نڪتيون آهن. جو مايون جنڊ جوٽيو ۽ مرد وڏو پنڌ پٽيو وڃن.” جميلا اهڙيون شيون مڙس جي پلنگ جي خاني ۾ رکيل ڏٺيون هيون. جي هو ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي هوس ته واپرائي وٺندو هو.

سونيءَ کان کل ڇڏائجي وئي. جميلا جا سيند ۾ مارئي ڳائي هئي. ان کان هوءَ ڏاڍو محظوظ ٿي. ان کان اڳ جو هوءَ ڪجهه چوي، اوچتو جميلا پڇيو، “ڀيڻ، شهر واري تنهنجي ڀاٽيجي ڊاڪٽرياڻي ٿي وئي؟”

سونيءَ جي وڏيءَ ڀيڻ شهر ۾ پرڻايل هئي. جتي تعليم جون سهولتون ٻهراڙيءَ جي نسبت وڌيڪ هيون ۽ معاشي لحاظ کان به ڳوٺاڻن کان شهر وارن جي زندگي بهتر هجي ٿي.

“بس اها مُئي ڇا ٿا چون ‘هاس چاب’ ڪرڻي آهيس.” پيالي مان چانهه جي سُرڪ پيئندي سوني جواب ڏنو. لوڊشيڊنگ جو ذڪر اتي ئي رهجي ويو. هائوس جاب ڪهڙي بلا جو نالو هو. سا خبر ته جميلا کي به خير ڪي هئي. سو موضوع ڦيرائيندي پڇڻ لڳي، “توهان جا شهر وارا مائٽ دهل وڄائين يا نه؟”

“ادي، هاڻي هڪڙا آهن مولودي، مولود ٻڌائي گذر ڪن. ڪي رازا آهن. ڪي اڪبارون (اخبارون) وڪڻن. ڪو ڇا ٿو ڪري ته ڪو ڇا؟ باقي دهل ويا.”

سونيءَ جي جواب تي جميلا چيو، “ادي، انهن ڏؤنڪن ۾ رکيو به ڇا آهي؟”

سونيءَ کان ٻيهر کل ڇڏائجي وئي. هن جي ڪٽڪائين رنگ جي مک تي ڳلن ۾ ٽهيل چگهن. هن جي ظاهري حسن ۾ گلاب جي گل جهڙي سونهن ڀري ڇڏي.

جميلا جي جملي جي جواب ۾ چيائين، ”اهي ڏونڪا نہ هجن تہ ڪر دهلن جون تہ ڪلون ئي سڙي وڃن.“ ٻنهيءَ جا ٽهڪ ٻري پيا. اوچتو جميلا جو مڙس ڪمري جو در کولي ٻاهر نڪتو. جيڪو هاڻي اٿيو هو ۽ قميض بہ نہ پاتي هئائين. اڳڻ جو هڪ سرو هيٺ پئي لڙڪيس. لڙڪيل اڳڻ ڏانهن اشارو ڪندي شرارت مان سونيءَ چيو ”ڀليان ٿي رات ريڊيو ڊوءَ تي نہ ٻڌرايو اٿئيس. شيخ (ايريل) اچا پئي لڙڪيس.“ ائين چئي هوءَ ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي. جميلا بہ ڦڪائيءَ کان ڦڪا ڦڪا ٽهڪ ڏنا.

”ڇا تان پيو کلو، ڇوريون؟“ رضوان باٿ روم ڏانهن ويندي پڇيو. ۽ جواب لاءِ ترسڻ بدران باٿ روم جو در کولي اندر هليو ويو. رضوان بينڪ ۾ هيٺئين درجي جو آفيسر آهي. ۽ اڄ موڪل هئڻ ڪري دير سان اٿيو هو.

ٽيهن ورهين جي سوني پاڙي ۾ رهندي هئي. مڙس مري ويو هوس. بي اولاد هئي. هوءَ صبح جي چانهہ جميلا وٽ پيئڻ ايندي هئي.

”ائي گهوڙت.“ چانهہ جو ڪوپ خالي ڪنديءَ هڪ پاسي رکندي سونيءَ چيو. اهڙي آواز تي جميلا گهٻرائجي وئي. جلدي پڇيائين، ”ڇا ٿيو؟“

”رضوان کي هڪڙو نياپو ڏيڻو هو. جيسين اِتان نڪرندو تيسين اها مُئي شبو بہ اچي ڪڙڪندي. هن جي روبرو...“ اوچتو ٻاهرئين در کان ڪو اندر داخل ٿيو. ٻنهي اوڏانهن ڏٺو.

”ڏنئي رڳو ڳالهہ ڪرڻ جي دير هئي. رن جي وڏي ڄمار آهي.“ سونيءَ چيو.

”ضرور منهنجي گلا هوندي.“ شبانا مرڪندي پريان کان ئي چيو.

”پيڻ شبو، چانهہ پيئين تہ رڌڻي ۾ پاڻيهي وڃي ٺاهہ. مونکي ڪپڙا سبڻا آهن.“ جميلا ڪيس ويجهو ايندو ڏسي اٿندي چيو.

”ادي، چانهہ ڇونہ پيئبي. دشمن ڪي جلائڻ لاءِ تہ ضرور پيئبي.“ شبانا ڪي مشڪري سُجهي.

”ائي ادي، جلي منهنجي جتي، مات ڪري وڃي چانهہ ٺاهہ.“ سونيءَ اُٿندي چيو، ”اسين بہ وڃون، باقي ملڪ جو ڪو واءُ سواءُ لهون.“

سونيءَ جي اٿڻ ۽ جميلا جي هٿ مشين تي وڃي ويهڻ تي، شبانا چانهہ ٺاهڻ لاءِ رڌڻي ۾ هلي وئي. چانهہ ٺاهي اچي جميلا جي پر ۾ ويٺي. هڪ بہ سُرڪ پيئڻ ڪانپوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيائين، ”رضوان ڪٿي؟“

”باٿ روم ۾ آهي ۽ پوءِ...“ جميلا جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”۽ پوءِ؟“ شبانا جملي کي مڪمل ٿيندي ٻڌڻ چاهيو.

”وهنجندو هوندو.“

شبانا ڏانهنس جهڪندي هوريان هوريان پڇيو، ”تو واري ريڊئي تان فرمائشي پروگرام ٻڌئين يا سونيءَ وارو ايف.ايم وڄايئين؟“

جميلا سندس جملي مان حظ حاصل ڪرڻ بدران الٽو ڪانئس پڇيو، ”شبو، هاڻي توهان کي وٽي جي گهور ملي يا نہ؟“

”هاڻي گهوٽ کي ڪنوار گهر وهنجارين تہ وٽي جي گهور ۾ گهوٽ جا ڪپڙا ملن. نہ سرگس ۾ وٽي جي گهور وڃهن. نہ ئي موڙن مهل ڪجهہ ملي.“ شبانا چانهہ مان سُرڪ پريندي جواب ڏنو.

”ڇئبو تہ اوهان جا وٽا بہ کَسجي ويا؟“ مرڪندي جميلا سينڌ ۾ مارئي ڳائي. ڳالهہ کي سمجهندي ۽ مرڪندي، سُر ۾ سُر ملايو.

شبانا جواب ۾ چيو، ”وٽا انهن جا کسبا آهن جن ۾ ڪو پاڻي وجهڻ وارو نہ هجي. اسان جن ۾ تہ پيو پاڻي پوي.“ ائين چئي چانهہ جو آخري ڍُڪ پري پيالي کي ڪٽ جي اِيس تي رکي ڇڏيائين.

*

شبانا کي شادي ڪئي پنجون سال پئي گذريو. بلوغت کان پهرين مائٽن ڪيس پرڻائي ڇڏيو هو. مڙسهنس شهر ۾ پنهنجو دوڪان ٿي هلايو. صبوح جو ويندو هو تہ سومهڻي مهل موٽندو هو. ٽڪل هئڻ ڪري ماني ڪائي جيئن پاسو ورائيندو هو تہ وڃي صبوح ٿيندو هو ۽ بدن جون بُکون جي ٻاڙ ٻنجي ستائين، تہ جوانيءَ ۾ ساجهہ مان ڪڍي ڇڏيندڙ اهي ٻاڙون، ڪنهن کان ٿيون پڇايون ٿين. گهٽ ۾ گهٽ شبانا کان تہ نہ: هوءَ ٿوري چڪ سان ئي پچيل شاخ وانگر ڇڻي اچي. رضوان جي جهوليءَ ۾ پئي هئي. اولاد جي سُڪ ۽ چڪ ڇا ڇا نہ ٿي ڪرائي؟ جميلا کي بہ ڪو اعتراض نہ هو. رضوان هن جي هر خواهش پوري پئي ڪئي. هن تہ ڪيس هٿ- مشين هلائڻ کان بہ سختيءَ سان منع ڪئي هئي. پر جڏهن بہ جميلا کي هٿ-مشين هلائڻ کان منع ڪبي هئي تہ چوندي هئي، ”مشين جي ڪمائيءَ جا پئسا هڏن ڪائي ڏنا آهن تہ هاڻ ڇڏڻ ڏکيو ٿو لڳي.“

ڪي ويهہ منٽ ڇڏي، سونيءَ کي ٻاهرئين در کان ايندو ڏسي جميلا عجب مان پڇيو، ”خير تہ آهي؟“

”ها سڀ خير آهي.“ سوني وراڻيو، ”شبانا جي نندي ڀيڻ شمشاد جا ڪپڙا آهن ڇا؟“

”ها.“

”چئين شبانا کي نياپو ٿي ڪيم تہ جميلا کان ڪپڙا ڪٽي اچي. پر ڪو ٻار هو ڪونہ. هاڻ تون آئي آهين تہ ڪپڙا جميلا کان ڪٽي آٽي ڏي.“

جميلا هڪ شاپر ڪٽي ڏانهنس وڌايو تہ هن وٺندي پڇيو، ”سلائي مليل آهي؟“

”ها.“ جميلا جي مختصر جواب تي هوءَ وک ڪٽي وڃڻ واري هئي جو اوچتو هن جي نگاهہ غسل خاني ڏانهن کڄي وئي.

”هڪڙي ماٺوءَ جو منهن تہ ڏسو! جڻ ڪنهن چرسي موالي ’آخ-ٿُو‘ ڪري ڪانگهارو ٻوٽ ۾ وهائي ڪييو هجيس.“ شبانا چيو. جا رضوان سان گڏ وهنتي غسلخاني مان پئي نڪتي. ۽ وڏيءَ منهن جي پڪائيءَ سان نڪرندي ئي جملو سونيءَ کي وهائي ڪييائين. سونيءَ کي جڻ نانگ سونگهي ويو. پنڊ ٻهڻ ٻڌجي وئي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي تہ رضوان ڪيس ٻڌئي رهيو هو تہ هن شبانا تان هٿ ڪٽي ڇڏيا هئا. جو هن لاءِ ڪو غلط سلط ٻڌو هئائين. سونيءَ کي شبانا بدران رضوان تي ڏک ٿي رهيو هو. ۽ ڏک ڏڪار ۾ بدلجي. ان کان اڳ هن جو تيان شبانا جي ساڄي هٿ جي ٻاچ ڏانهن هليو ويو. جيڪا ڪجهہ وقت پهرين ٽلئين خالي هئي. پر هن مهل ان ۾ پلتل سوني منڊي شبانا پلئي ۽ لاهي رهي هئي. جيڪا غسلخاني ۾ وڃڻ کان پهرين ۽ لٽرين مان نڪرڻ ڪانپوءِ رضوان ڪيس پارائي هئي. منڊيءَ تان نظرون هٽائي هن رضوان کي ڏٺو ۽ سوچيو، ’رضوان جهڙن مردن جو ڇا؟‘ انهن کي تہ شراب کپي پوءِ اهو ڪهڙيءَ بہ بوتل ۾ هجي. هڪ واريءَ هن ائين سوچيو ۽ ٻيءَ واري هوءَ در ڏانهن مڙي ٻاهر نڪتي هلي وئي. پويان شبانا جي ٽهڪن هن جي ڏک ۽ ڪاوڙ کي ويتر وڌائي ڇڏيو.

شبانا ٻئي ڏينهن جميلا وٽ ڪجهہ سوير وئي. اهو سوچي تہ سوني صبوح واري چانهہ لاءِ موجود هوندي. نہ هوندي تہ اچي نڪرندي. پر هوءَ حيران ٿي تہ بہ ڪلاڪ گذرڻ باوجود بہ سوني غائب هئي. ٽئين ڏينهن بہ هوءَ ڪجهہ سوير جميلا وٽ پهتي تہ جيئن سونيءَ سان مڪاميلو ٿئي. پر ڪيس مايوسي ٿي. چوٿين ڏينهن بہ ساڳيو حال ڏسي شبانا پڇي ورتو، ”ڀيڻ جميلا، سوني مري وئي ڇا؟“

”الائي؟“ موٽ ۾ مُرڪي جميلا ڏانهنس ڏسڻ ٻنا چيو ۽ هٿ-مشين هلائڻ لڳي.

”ڀلا ڪا خبر چار؟“ ائين چئي شبانا شڪ ظاهر ڪندي وري چيو، ”دير سان ٿي اچي ڇا؟“

”رضوان بہ چار ڏينهن کان گهر ڪونهي.“ جميلا اوچتو انڪشاف ڪيو.

”ڇو؟“ شبانا جي دل ڌڙڪي. جميلا جي جواب جو انتظار نہ ڪيائين. چيائين، ”ڪٿي ويس ڇا؟“

”رضوان کي هفتي لاءِ ڪراچي موڪليو اٿن.“ جميلا ٻڌايو.

”ڪنهن؟“

”بينڪ وارن.“

”ڇو؟“

”ضرور ڪو ڪم سکڻو يا سيکارڻو هوندن.“ جميلا چيو. ٻنهيءَ کي خبر هئي تہ رضوان جنهن بينڪ ۾ ڪم ڪندو هو، اهي پنهنجي ماڻهن کي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ٽريننگ ڏيڻ يا وٺڻ لاءِ موڪليندا رهندا هئا. اڳي بہ رضوان ڪيترائي ڀيرا وڃي چڪو هو.

”وئي، سياڻي پنجون ڏينهن آهيس نہ؟“ شبانا پڇيو.

”سياڻي سڄ لٿي تائين اچي ويندو.“ جميلا وراڻيو.

جمعي جي ڏينهن شام جو چاهڻ جي باوجود بہ شبانا جميلا جي گهر وڃي نہ سگهي. مڙسهنس شهر مان سوير موٽيو هو. ٻئي ڏينهن مڙسهنس جي شهر روانو ٿيڻ ڪانپوءِ، هوءَ جميلا جي گهر جو ٻاهريون در ٽپي اندر ٿي تہ حيران رهجي وئي. جميلا ۽ سوني اڱڻ ۾ پيل کٽ تي گڏ ويٺيون هيون. پاسي ۾ جنريٽر تي پيڊسٽل فئن پئي هليو. ۽ اي.سي واري ڪمري مان رضوان سان گڏ شمشاد ڳچيءَ ۾ سونو لاڪيٽ پائيندي ٻاهر پئي نڪتي.

”هڪڙي ماٺوءَ کي ڏسو، جڻ ڪنهن چرسي موالي ’آخ-ٿُو‘ ڪري ڪانگهارو ٻوٽ ۾ وهائي ڪييو هجيس.“

سوني انهيءَ ڏينهن واري ٻاهہ ڌاريندي، وڏي آواز ۾ ٺٺوليءَ مان چيو ۽ اتي شمشاد کي ساڻ ڪري فاتحانہ انداز سان هلندي ٻاهر نڪري وئي. شبانا اندر جي سموري ڪڙاڻ ۽ ڪاوڙ کي ضبط ڪندي، رضوان کي غسلخاني ڏانهن ويندو ڏسي جميلا سان ويهي رهي. انهن ٻنهيءَ پلڻ ۾ جيڪو ڪجهہ ڳالهايو. تنهنجي رضوان کي ڪا ڪُٽس ئي نہ پئي. هو وهنجي نڪتو تہ شبانا هئي ڪانہ ۽ جميلا سندس لاءِ نيرن تيار ڪري رهي هئي.

سومر جي ڏينهن، ڊيوٽيءَ تي رواني ٿيڻ کان اڳ بائيڪ ڪيندي هن جميلا کي ٻڌايو تہ سياڻي هو ٻئي پاسپورٽ جي سلسلي ۾ شهر ويندا. جو ڪين عمري لاءِ وڃڻو آهي. الائي ڇا سوچي، رضوان موڪل کان ٻہ ڪلاڪ پهرين بينڪ مان موڪل ورتي ۽ ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو. ڪوچ مان پنهنجي ڳوٺ جي اسٽاپ تي لٿو ۽ هڪ واقفڪار جي دوڪان تي بيهاريل بائيڪ ڪڍي ڳوٺ پهتو.

گهر پهچڻ کان اڳ، بائيڪ ڪولڊ ڊرنڪ واري وٽ ڇڏي، ٻہ چار جمبو ڪولڊ ڊرنڪس وٺي، گهر جي در جي تاڙيءَ کولي جيئن ئي اندر داخل ٿيو تہ شبانا کي ڪٽتي ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو. ڪجهہ نہ سمجهندي هو ڪمري ڏانهن وڌيو تہ جميلا سان گڏ ڪو نوجوان نڪري رهيو هو. جنهن جينز ۽ شرٽ پئي ٺيڪ ڪئي. رضوان ذهن تي زور ڏئي ڪيس سڃاڻڻ چاهيو تہ هن کي معلوم ٿيو تہ هيءُ تہ ڳوٺ جي وڏيري جو پٽ هو. جنهن کي اڪثر ٽي. وي ڊرامن ۾ هيرو جو ڪردار ادا ڪندي ڏٺو هئائين.

رضوان کو رِدعمل ظاهر ڪري، ان کان اڳ هن کي لڳو تہ ڪنهن چرسي موالي ’آخ-ٿُو‘ ڪري ڪانگهارو هن جي ٻوٽ ۾ وهائي ڪڍيو هو. ■

# خالي آسامي...



عبدالحق قريشي

ڊائريڪٽر جي ڪمري جي ٻاهريان اميدوارن جي ڊگهي قطار لڳل هئي. سڀ اميدوار گذريل اخبار ۾ شائع ٿيل اشتهار کي ڏسي آيل هيا، جيڪو هڪ ڪمپنيءَ جي طرفان ڪمپيوٽر آپريٽر جي نوڪري لاءِ شائع ڪيو ويو هو.

ڪمپنيءَ جو سينئر ڪمپيوٽر آپريٽر انهن اميدوارن جو ٽيسٽ وٺي رهيو هو. ڪافي دير ڪان هو فيشن ايبل ڇوڪريءَ تي ڪاوڙيل هو، جنهن کي نه ته ورڊ جي ڪا خبر هئي ۽ نه ئي ايڪسل جي ڪا ڄاڻ. پر پوءِ به الاءِ ڇو نهي جُڙي ڇوڪري انٽرويو ڏيڻ آئي. انٽرويو وٺڻ کانپوءِ جڏهن هن سيني اميدوارن جي حتمي لسٽ ڊائريڪٽر صاحب جي سامهون پيش ڪئي ته خاص طرح سان هُن ڇوڪريءَ تي تنقيد ڪندي چيو، ”سر، ماهين نالي جي هن ڇوڪريءَ کي ته ڪمپيوٽر جي ڪا خبرئي ناهي. پنجن منٽن ۾ رڳو هڪ سٽ ئي ٽائيپ ڪئي اٿئين. تنهن ۾ به ڪئين اسپيلنگ مسٽيڪس آهن.“

”ٺيڪ آهي. هُن کي مون ڏانهن موڪل.“ ڊاريڪٽر لسٽ کي ڏسندي چيو.

*

ڇوڪري وڏي شان سان ڊائريڪٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿي. ڊائريڪٽر ههڙي پرڪشش، حسين ۽ جديد لباس پاتل ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري پنهنجي نوڙ تي هٿ ڦيريو. ۽ واڇون ٽيڙيندي چيو، ”بيٺا ڇو آهيو؟ ڪرسي تي ويهو نه.“

ڇوڪري جهڪي ڪُرسي تي اِهڙي ريت ويٺي جو سندس ڪليل قميض مان ڇاتي جو اُڀار نظر پئي آيو.

”ٿينڪ يو سر.“ ڇوڪري ويهندي چيو.

”ڏسڻ ۾ ته اوهان مونکي سٺي ڪمپيوٽر آپريٽر لڳو ٿيون. پر جنهن توهان جو ٽيسٽ پئي ورتو هن جو چوڻ آهي ته اوهان پنجن منٽن ۾ رڳو هڪ سٽ ٽائيپ ڪئي، جنهن ۾ به اسپيلنگ مسٽيڪس هيون؟“ ڊائريڪٽر ڇتائي هُن جي سيني ڏانهن نهاريندي چيو.

”نو سر. هُن اڄا منهنجو ٽيسٽ ورتو ئي ناهي. هو منهنجو ٽيسٽ وٺي به ڪيئن ٿو سگهي؟ هو ته پاڻ ئي موکو مٽر آهي. اوهان منهنجو ٽيسٽ وٺي ڏسو.“ ڇوريءَ ٽيبل تي ٻئي ٺونٺون رکي اهڙي ريت جُهڪي جو سندس ڇاتي جو اُڀار ڇٽو ڏسڻ ۾ آيو.

”پر هُو ته چئي پيو، توهان پنجن منٽن ۾ رڳو هڪ سِٽ...“

”سر، هُن جي چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي. هُن جي ڪمپيوٽر جو ڪي بورڊ ڏاڍو ڳورو آهي. مان ته اهڙي واهيات ڪمپيوٽر تي ڪم نٿي ڪري سگهان.“ ڇوڪريءَ ٽڪر ۾ ڳالهايو، ”مونکي افسوس آهي سر، ته مان...“

”اري اري، ويهو ته سهي... اوهان کي نئين ڪمپيوٽر جو انتظام ٿا ڪريون.“ ڊائريڪٽر بيچين ٿي پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو.

”ها، پوءِ ته ٺيڪ آهي. ڏسو نه سر. اهڙي ڪي بورڊ تي منهنجيون ته آڱريون سُور پيون ڪن. هڪ سِٽ کي ٽائيپ ڪندي ڪندي.“ ايئن چئي ڇوڪريءَ پنهنجا ٻئي هٿ هوش رُبا انداز سان ڊائريڪٽر جي سامهون ڪيا.

ڊائريڪٽر هُن جي ٻنهي هٿن جون آڱريون، پنهنجن ٻنهي هٿن جي آڱرين ۾ ڦاسائي هيٺان مٿان ڏنو. سُنگهيو. مَهٽيو. زور سان دٻايو ۽ پوءِ ڳٽيءَ وارن نظرن سان ڪيس ائين ڏسڻ لڳو ڄڻ سچ پچ ڇوڪريءَ جي نرم ۽ نازڪ آڱرين تي سُور باجنسي نظر آيو. هُن جي من ۾ ڇوڪريءَ لاءِ همدردي جا جذبا جاڳي پيا.

”توهان ڳڻتي نه ڪيو. اصل بي فڪر ٿي وڃو. مان سڀاڻي ئي توهان لاءِ نئون ڪمپيوٽر ٿو گهرايان.“ ڊائريڪٽر ڇوڪريءَ جي هٿ تي پنهنجو هٿ ڦيريندي چيو.

”پر سر، هُن موڳي مَٽر ۽ ٻوڪ بصر سينئر ڪمپيوٽر آپريٽر جي ماتحتي ۾ آئون ڪم نه ڪنديس.“ ڇوڪريءَ دلربائيءَ سان چيو.

”اهو اوهان کي ڪير ٿو چئي؟ تون هُن جي شڪل به نه ڏسجو. هاڻي ته خوش نه؟“ ڊائريڪٽر واڇون ٽيڙيندي چيو.

”ٿينڪ يو سر. توهان ڪيڏا نه سُٺا آهيو.“ ڇوڪريءَ مرڪندي وراڻيو.

”بس بس، سڀاڻي ڊيوٽي تي هليا اچو.“ ڊائريڪٽر هُن جي هٿ کي ٻيهر سُنگهندي چيو.

”سر، منهنجي سيلري ڪيتري هوندي؟“ ڇوڪريءَ مُرڪي نوڙهي ڊائريڪٽر جي ٿلهي نڪ کي ڄڻ جهلي ۽ لوڏي ڇڏيو.

ڊائريڪٽر اڃان سوچ ۾ ئي ٻُڏل هو ته ڇوڪريءَ پنهنجي شهادت واري آڱر هنجي ٿلهن چپن تي ڦيريندي چيو، ”سر، هتي اچڻ کان اڳ مون جنهن ڪمپني ۾ نوڪري پئي ڪئي، هو مونکي ويهه هزار سيلري ڏيندا هئا - سر، توهان پاڻ سوچيو. اهڙي مهانگائي جي دور ۾ مون جهڙي ڇوڪري لاءِ ٻلا ويهه هزار پگهار نهي ٿي. مون نوڪري کي لت هڻي ڇڏي.“

”ها ها، چڱو ڪيوَ چڱو ڪيوَ. ٻلا ويهه هزار به ڪي ڏوڪڙ آهن؟“ ڊائريڪٽر نوڙهه ڪنهندي چيو.

”يس سر، هينئر به موٽائڻ لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن. نه سر، ايتري پگهار تي مان ڪم ڪري سگهان ٿي؟“ ڇوڪريءَ ڊائريڪٽر کان ٿورو پاسيرو ٿيندي چيو.

”توهان صحيح ٿا چئو. اسان توهان کي ٽيهه هزار پگهار ڏينداسين. ٺيڪ آهي نه؟“ نوڙهي ڊائريڪٽر ڇوڪريءَ جو هٿ جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو.

خوبصورت ۽ فيشن ايبل ڇوڪريءَ کي اداري ۾ نوڪري ته ملي وئي. پر اداري ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر جي جاءِ اڃان خالي آهي. ■

# باگڙي پيار...



منصور پرڙو

اٺ ماڻهو سوزڪيءَ ۾ ويهي چڪا هئا. باقي ٻن مسافرن جو ڊرائيور توڙي مسافرن کي شدت سان انتظار هو. ڪلينر پڻ وڏي آواز سان مسافرن کي سڏي رهيو هو، ”اڙي ڀائو، او ڳاڙهي ٽوپي وارا يار سيگهه ڪر. وقت ٿي ويو آهي.“

سوزڪيءَ ۾ ويٺل هڪڙي پوڙهي جنهن سان جوان ڌيءَ به گڏ هئي تنهن ڏاڍي مونجهه پئي محسوس ڪئي. ۽ مسافرن جون نظرون پاڻ ڏانهن ڪڇندي ڏسي ڏاڍي لڄي ٿي رهي هئي.

هڪڙو پڙهيل نوجوان جنهنجي هٿ ۾ فائيل به هو، سو سيني ڪان اڳ ۾ پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ڏاڍو بيقرار هو. هن جوش مان ڪلينر کي چيو،

”تون ڪرايو وٺڻ ته شروع ڪر. ٻه ماڻهو به اچي ويندا.“

پر ڪلينر تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. تڏهن هڪڙو مسافر جيڪو گهٽ پڙهيل ٿي لڳو. تنهن رڙ ڪندي چيو،

”اڙي، هلو ٻلا ٻه ماڻهو رستي ۾ به ملي ويندا. ويچاري پوڙهيءَ کي سستي پئي ٿئي.“

ڪلينر ان کي به ڪو جواب نه ڏنو. پر سندس پاسي ۾ ويٺل ڊرائيور وراڻيو،

”ٻه ماڻهو ڪٿل آهن. ڪيئن هلون؟“

”ان جو مطلب ته سڀ ڏيهن ٻن مسافرن لاءِ ويٺا هوندا؟“ هڪڙو ڏاڙهي وارو شخص به پاڻ کي روڪي نه سگهيو.

”ادا، ٻه ڪلاڪ پنهنجي نمبر جو انتظار ڪيو آهي. اسانکي روزي ڪرڻ ڏيو.“ ڊرائيور نرميءَ مان وراڻيو.

سوزوڪي ۾ سوار ويٺل مسافرن اوچتو جو باگڙي زال-مڙس کي سوزوڪيءَ طرف ايندي ڏٺو ته سک جو ساهه ڪنيو. پر اهو ڏسي سڀئي حيران ٿي ويا ته مائي سوزوڪيءَ ۾ ويهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مائيءَ جي طبيعت ٺيڪ نه پئي لڳي. تنهنڪري پريل سوزوڪي ڏسي ٻيهي رهي. ۽ مڙسالو ڪيس منٿون ڪرڻ لڳو. آخر مڙس کي جهڙوڪر ٻه-ٽي گاريون ڏيئي مائي سوزوڪيءَ ۾ ويٺي ته مسافر مرڪڻ تي مجبور ٿي پيا.

مسافرن سمجهيو پئي ته سوزوڪيءَ ۾ ويهڻ کانپوءِ باگڙي پنهنجي زال تي ضرور ڪاوڙ ڪيندو. پر هن ته ٽڏ ٽيڙي زال کي پئي ڏٺو. ۽ هوءَ منهن سڄايو ويٺي هئي.

ڪلينر ڪرايو وٺڻ شروع ڪيو ته باگڙي پنهنجي زال کي ڪرايو ڏيڻ لاءِ چيو. مائي ڪاوڙ مان سئو جو نوٽ ڪڍي مڙس کي ڏنو. ۽ باگڙيءَ ڪرايو ڏيئي بقايا پئسا زال کي موٽائي ڏنا.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ باگڙيءَ جي زال پنهنجي مڙس جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. اهو به نه سوچيو ته سوزوڪيءَ ۾ ويٺل ماڻهو ڇا سوچيندا هوندا.

اهو ڏسي ڏاڙهيءَ وارو همراهہ صفا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. پر وس نہ هلندي ڪاوڙ جهڪي ڪندي سوچڻ لڳو، ”پيٽسان، هنن باگڙين ۾ تہ ڪو حياءُ ئي ناهي. شريعت ۾ جيڪا عورتن تي پابندي لڳائي وئي آهي. اها بلڪل درست آهي. عورتن کي ٿوري بہ آزادي ملندي تہ اهڙي بي شرمائي ٿيندي. شريعت مطابق تہ مڙس مجازي خدا هوندو آهي. پر هنن ۾ تہ ڪو اصول ئي ناهي. هن رَن، هيترن ماڻهن جي سامهون مڙس جي بيعزتي ڪئي. پر مڙس پيو ٿو ڏند ٽيڙي؟ توبهہ نعوذبالله. وري مائيءَ جو مڙس جي ڪلهي تي ڪنڌ رکڻ!! لاحول ولا قوت...“

پاسي ۾ ويٺل گهٽ پڙهيل مرد بہ ڏند ڪرٽيندو رهيو. ۽ ويچارڻ لڳو، ”هنن باگڙين ۾ تہ ڪا غيرت ئي ناهي.بي شرم ڪيئن زال کي ڪلهي جي ٽيڪ ڏيئي پيو مُرڪي. اهڙي عورت جيڪا مڙس جي بيعزتي ڪري ان جو ڪنڌ پنهنجي ڪلهي تي رکڻ بدران ڪپي ڇڏڻ گهرجي.“

پوڙهي عورت اهو لقاءُ ڏسي حسرت ڪان آهہ ڀري، ”ڪاش، منهنجو مڙس بہ اهڙو محبتي هجي ها. باگڙيءَ کي پنهنجي زال جي بيماريءَ جو ڪيڏو نہ اُلڪو آهي. جو زال جي ڪاوڙ کي بہ مُرڪي سَٺو آهي. پر اسانجا مرد تہ زال کي پيرن جي جُتي سمجهن ٿا. منهنجي سڄي عمر مڙس جي خدمت ڪندي گذري. پر ڪڏهن بہ منهنجن اهنجن جو احساس نہ ڪيئين.“

پوڙهيءَ جي جوان ڌيءُ وري ڪنهن حسين خيالن۾ گم ٿي سوچڻ لڳي، ”امان پئي مون لاءِ رشتا ڳولهي. ڪاش ڪيس چئي سگهان تہ مون لاءِ اهڙو ئي وَرَ ڳولهي جيڪو ڀلي ظاهري ريت سهڻو نہ هجي پر سندس اندر ۾ هن باگڙيءَ جهڙو پيار هجي. ۽ هو پئسن جي حساب ڪتاب ۾ بہ ڪا گهَپي نہ ڪري. هن باگڙيءَ جيان جنهن ڪرائي جا پئسا بہ زال کان ورتا. جيڪر امان بہ مون لاءِ اهڙو جيون ساٿي تلاش ڪري جنهن سان جهيڙو بہ ڪيان تہ پيار سان پرچائي ۽ پوءِ هُن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي سڀ ڏک وساري اکيون ٻُوٽي ڇڏيان.“

پڙهيل نوجوان جنهن کي پنهنجي ماڳ تي پهچڻ جي سِڪ کان گهڻي جلدي هئي اهو بہ ان منظر تي سوچڻ لڳو، ”اهڙا لمحا منهنجي زندگيءَ ۾ الائي ڪڏهن ايندا جو ڪا حسينا منهنجي بہ ڪلهي لڳندي؟ اڃا تہ پيو نوڪريءَ لاءِ ڀٽڪان ۽ نوڪري ملڻ هن دؤر ۾ ڏاڍي مشڪل آهي. امڙ تہ منهنجي مٿي تي موڙ ٻڌڻ لاءِ آتي ويٺي آهي. پر ڪنوار جا مائٽ چون ٿا پهرين نوڪري پوءِ ڇوڪري.“

سوزوڪيءَ ۾ ويٺل ڪهاڻيڪار پنهنجي منزل تي لهي سوچڻ لڳو، ”سنڌ جي پراڻي نسل ۾ موجود هن پيار جي انداز تي ڪهاڻي لکڻ گهرجي.“ ■

## سالگره مبارڪ

لطيف نوناري، منظور ڪلهوڙو، ڊاڪٽر مرلي ڌر، جاويد ساغر، فهيم نوناري، سعيد ميمڻ، فوزيا ناز، امداد قاضي، عبدالغفار تبسم ۽ ٻين دوستن، اديبن، شاعرن ۽ پڙهندڙن کي سالگره مبارڪ

(ادارو)

# نا سٽلجا...



زيب سنڌي

منهنجي ننڊ
عيد ملڻ لئہ هلي وئي آهي
جاڙل شاهہ پاڙي لاڙڪاڻي
منهنجي ننڍپڻ جي گهرَ جي گهٽيءَ ڏانهن
جنهن گهر جي هڪڙي ڪمري ۾
هڪڙيءَ الماڙيءَ اندر
خرچيءَ جي پئسن مان ورتل
ننڍين ننڍين ٻاراڻين آکاڻين جا
ننڍڙا ننڍڙا ڪيئي ڪتاب پيل آهن
انهن ڪتابن جي وچ ۾
تجر باغ جي پوڙهي ماليءَ کان
نظر بچائي پٽيل گلابن جون
پيل هيون ڪيئي پنکڙيون
ساڳئي الماڙيءَ ۾ هڪڙي ننڍڙي
شيشي جي چُوڙي بہ پيئي هئي
جيڪا پرائمري اسڪول ۾ مون سان پڙهندڙ
مونکي وڻندڙ ڇوڪريءَ
پنهنجي ٻانهن مان لاهي
منهنجي هٿ تي رکي
منهنجي مُٺِ کي بند ڪري
پيئي هئي مُرڪي
سا بہ پئي هئي !
ساڳئي ئي الماڙيءَ اندر
ٺڪرَ جي هڪ ڀانداري ۾
اُنهيءَ ڇوڪريءَ لئہ پرين جي آکاڻين وارو
رنگا رنگي ڪتاب وٺڻ لاءِ
مون ڪجھ سڪا گڏ ڪيا هئا
۽ اهو ننڍڙو ڪمرو
جنهن جي چئني ديوارن تي
منهنجيون سوچون ٽنگيل آهن
جنهن جي ڇِتِ تي لڳل پَکي
منهنجي نيڻن جي موتين کي
پنبڻين ۽ وِهاڻي تان
رات وچ ۾ ئي ميڙي
منهنجا رازَ لِڪايا هئا
تنهن ڪمري جي بِستر تي
خوابن جا رانديڪا هئا
آڌي ڏاري خواب ٽُٽڻ تي
هُن کي ٻيهر ڏسڻ خاطر
اُن ڪمري جي ڪڙڪيءَ منجهان
ننڍڙي شيشي جي چوڙيءَ جي وچ مان
مون ڪيئي ڀيرا چنڊ ڏٺو هو
۽ اهو گهر جنهن جي ڇِتِ تي
منهنجي ننڍپڻ جا اوجاڳا بہ پيا هئا
جن اوجاڳن ۾ ڪيئي مون
چنڊ سان هيون ڪيون ڪچهريون
رانديون ڪيون ستارن سان هيون
پر هاڻ نہ منهنجي ننڍپڻ جو
تنهن گهٽيءَ ۾ سو گهر آهي
هاڻ انهيءَ ساڳئي گهٽيءَ ۾
منهنجي گهر جي ساڳئي زمين تي
ڪنڪريٽ جي پهاڙ جهڙي
هڪ وڏي بلڊنگ آهي
جنهن جي گرائونڊ فلور تي
موبائيل فون جي مارڪيٽ آهي
جتي روز هزارين ماڻهو
منهنجي ننڍپڻ کي چيڀاٽين ٿا
پوءِ بہ منهنجي ننڊ
عيد ملڻ لئہ هلي وئي آهي
جاڙل شاهہ پاڙي لاڙڪاڻي
منهنجي ننڍپڻ جي گهرَ جي گهٽيءَ ڏانهن
منهنجي يادن جي مِٽيءَ ڏانهن. ■

